ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) جمعو 23 آڪٽوبر 2026ع 11 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (69)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سعودي عرب ۾ شاهه فهد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حملو 2 ماڻهو مارجي ويا، 8 زخمي، آرامڪو ۽ ٻين اڏن تي پڻ حملا

سعودي عرب جي شهر دمام ۾ ايئرپورٽ تي حملي بعد آسمان تي ڪارا بادل ڇانئجي ويا، اختيارين پاران ملڪيت ۽ سهولتن کي پهتل نقصان جو جائزو ورتو پيو وڃي: اختيارين

حملي جي نوعيت، ان جا ذميوار ۽ ان پويان ممڪن مقصدن بابت تفصيل آخري اطلاعن تائين معلوم نه ٿي سگهيا، مادي نقصان بابت تفصيلي چاڻ پڻ اختيارين طرفان اڃا تائين جاري نه ڪئي وئي

ايئرپورٽ تي حملو جو واقعو هڪ اهڙي وقت ۾ پيش آيو جڏهن وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري، خطي جي اهم هوائي اڏن ۽ شهري بنيادي ڍانچي جي سيڪيورٽي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو پيو وڃي

سعودي عرب ۽ يمن ۾ حوثين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي وئي، ماضي ۾ حوثين سعودي تنصيبن، اهم بنيادي ڍانچي ۽ هوائي اڏن کي نشانو بڻائڻ جي دعوي پڻ ڪئي

دمام (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي شهر دمام ۾ واقع شاهه فهد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ٿيل هڪ حملي ۾ ٻه ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته اٺ ٻيا زخمي ٿي پيا. سعودي جنرل اٿارٽي آف سول ايوي ايشن موجب، هن حملي جي نتيجي ۾ جاني نقصان ٿيو آهي جڏهن ته اختيارين پاران ملڪيت ۽ سهولتن کي پهتل نقصان جو جائزو ورتو پيو وڃي. حملي جي نوعيت، ان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

مالديپ جي صدر ۽ خاتون اول ساجده محمد پاران فيصل مسجد جو دورو

ٻنهي معزز شخصيتن مهمانن جي يادگار ڪتاب ۾ پنهنجا تاثر پڻ قلمبند ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو ۽ خاتون اول ساجده محمد خميس ڏينهن فيصل مسجد جو دورو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت عسڪري قيادت سان گڏجي خيبر پختونخوا جا مسئلا حل ڪندي، سڀ ادارا هڪ پيج تي آهن: وزيراعظم

وزيراعظم پشاور جي گورنر هائوس ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي، ڪيس صوبي جي 12 ضلعن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت تفصيلي بريفنگ

اجلاس ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير، گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، وفاقي وزيرن، عسڪري قيادت ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعلى عملدارن شرڪت ڪئي

ڪي پي ڪي ۾ ڪنيل قدم جي اجازت آئين ۽ قانون ڏين ٿا، خيبرپختونخوا دهشتگردي ۽ بنيادي عوامي سهولتن جي کوٽ سبب سخت متاثر ٿيو آهي، مجبوري ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻو پيو: شهباز شريف

پاڪستان تحريڪ انصاف جي دور ۾ خيبر پختونخوا ۾ تعليم، صحت، امن امان ۽ عوامي ڀلائي جي معاملن کي نظرانداز ڪيو ويو، جنهن سبب گذريل ڪجهه سالن دوران دهشتگردي ۾ ٻيهر واڌ ٿي

وفاقي حڪومت پي ٽي آءِ جي وزيرن کي خاطري ڪرائي هئي ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سندن ساٿ ڏنو ويندو، گذريل ايڪي سالن دوران ملڪي معيشت کي بحال ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي وئي

خيبر پختونخوا ۾ امن امان جو قيام، حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ صوبي جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رهنديون، سڀ ادارا هڪ پيج تي آهن: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته وفاقي حڪومت عسڪري قيادت سان گڏجي خيبر پختونخوا جي عوام جا مسئلا حل ڪندي، جڏهن ته صوبي ۾ ڪنيل قدم جي اجازت آئين ۽ قانون ڏين ٿا. وزيراعظم خميس ڏينهن پشاور جي گورنر هائوس ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن دوران بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايراني فوج غير روايتي جنگ لاءِ تيار آهي، صلاحيتون اڳ کان وڌيڪ آهن: جنرل امير حاتمي

اسان جي فوج ڪي ملڪ جي سلامتي يقيني بڻائڻ ۽ امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي

ايراني فوج ڊرونز جي تياري، ورج ۽ سارسنڀال ۾ مصروف آهي، فوجي اهلڪارن کي انهن جي استعمال جي تربيت پڻ ڏني وئي آهي

ڊرونز بنا عملي وارن بحري جهازن ۽ مائڪرو ڊرونز سميت بنا پائلٽ وارا هٿيار جديد جنگ ۾ وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويا آهن: ايراني فوج جو سربراهه

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني فوج جي سربراهه ميجر جنرل امير حاتمي دعوي ڪئي آهي ته ايراني فوج پنهنجي ڊرون صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اها غير روايتي جنگ لاءِ تيار آهي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اظهار جي آزادي ۽ صحافين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي پئي: شرجيل ميمڻ

صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سکر ۾ رٿيل سنڌ ويزن ڪانفرنس جي تيارين ۽ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو ويو

ڪانفرنس جو مقصد حڪومت جي ترقياتي رٿائن ۽ عوامي ڀلائي لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهي ڏيڻ آهي

اجلاس ۾ صحافين کي درپيش مشڪلاتن جي ازالي ۽ بهتر انداز ۾ حل ڪرڻ لاءِ حڪومتي قدمن جو به جائزو ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آڊيٽر جنرل آف پاڪستان مقبول احمد گوندل اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ ۾ 18 سالن کان حڪمراني ڪندڙ پ پ حڪومت ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي: وسيم اختر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ وسيم اختر چيو آهي ته سنڌ ۾ 18 سالن کان حڪمراني ڪندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي جنهن ڪراچيءَ کي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

وقتي گورنر سان برطانوي وفد جي ملاقات، سنڌ جي وحدت، انساني حقن ۽ عورتن جي تحفظ بابت غور

برطانوي مشن جي داخلي سياسي معاملن بابت سربراهه شارلٽ اوجيناڪا وقتي گورنر اويس قادر شاهه سان ملاقات ڪئي

سنڌ عورتن جي حقن، اقليتن جي تحفظ ۽ جامع قانون سازيءَ بابت گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي اتفاق

نون صوبن جي معاملي تي ڪنهن به تجويز جو جائزو آئيني دائري اندر رهندي وٺڻ گهرجي: وقتي گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برطانوي مشن فار پاڪستان جي وفد سنڌ جي وقتي گورنر سيد اويس قادر شاهه سان گورنر هائوس سنڌ ۾ ملاقات ڪئي، جنهن دوران ملڪ جي سياسي صورتحال، پرڏيهي معاملن نون صوبن جي قيام بابت جاري بحث ۽ انساني حقن جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد جي اڳواڻي برطانوي مشن جي داخلي سياسي معاملن بابت بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جو مرڪزي وفد اين سي سي آءِ اي آفيس ۾ پيش، بيان رڪارڊ

وڪيل اڳواڻن پارٽي وائيس چيئرمين زين شاهه پاران داخل ڪرايل درخواست بابت بيان رڪارڊ ڪرايو

ٽيمس ڪي ٽي مبينا طور توهين آميز وڊيو ۽ وڌيڪ ثبوت پڻ لاڳاپيل اختيارين حوالي ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي مرڪزي وفد نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گهارو: سنڌ انٽيگريٽيڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ تحت زيسٽ زيب ٽيڪ ۾ گريجوئيشن تقريب ۾ ورتل گروپ فوٽو

سنڌ انٽيگريٽيڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ تحت زيسٽ زيب ٽيڪ گهارو ۾ گريجوئيشن تقريب

مهمانن ڊجيٽل لٽريسي، ڊجيٽل اسڪلز ۽ بيڪري پراڊڪٽس جي تياري بابت تربيتي ڪلاسن جو معائنو ڪيو

فني ۽ پيشه ورانه تربيت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، معاشي خودمختياري کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: وحيده مهيسر

تقريب ۾ تربيت يافته شاگردياڻي جي ڪاميابي جي ڪهاڻي پيش، پروگرام ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ تقسيم

گهارو (ن ع) زيسٽ زيب ٽيڪ (iTVE) گهارو ۾ سنڌ انٽيگريٽيڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ (Sindh Integrated Health and Women Empowerment Project - SIHWEP) جي اسڪل ڊولپمينٽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: او جي ڊي سي ايل هيڊ آفيس جو ڏيک

او جي ڊي سي ايل خيرپور ۾ بٽرسر ايسٽ-1 کوهه مان گئس ۽ ڪنڊينسيٽ جي پيداوار شروع ڪئي

بٽرسر ايسٽ-1 کوهه مان روزانو 70 لک ڪيوبڪ فوٽ گئس ۽ 200 بيرل ڪنڊينسيٽ حاصل ٿي رهيو آهي: ترجمان

پراسيسنگ بعد حاصل ٿيندڙ گئس سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ جي نيٽ ورڪ ۾ فراهم ڪئي ويندي

اسلام آباد (پ ر) آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (OGDCL) سنڌ جي ضلعي خيرپور ۾ واقع بٽرسر ايسٽ-1 کوهه بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شاگرد يونين جي بحالي سان جمهوري قدرن ۽ نئين قيادت جي تياريءَ کي مدد ملندي: حافظ نعيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته شاگرد يونين جي بحالي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ يورپي يونين پاران دهشتگردي جي سمورين شڪلين جي خلاف گڏيل عزم جو ورجاءُ

پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ دهشتگردي جي خاتمي بابت ساليانو ڳالهه ٻولهه اسلام آباد ۾ ٿي

دهشتگردي خلاف گڏيل عزم جو ورجاءُ ۽ ان سلسلي ۾ گڏيل تعاون کي اڳتي وڌائڻ تي اتفاق پڻ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ يورپي يونين دهشتگردي جي سمورين شڪلين جي خلاف گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪندي دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ ٻطرفو ۽ گهڻ رخو تعاون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ دهشتگردي جي خاتمي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

آذربائيجان: پاڪستان جي وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان آذربائيجان جو سرڪاري دورو ڪري رهيو آهي

پشاور: وزيراعظم شهباز شريف نيشنل ايڪشن پلان جي فيڊرل ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

ريلوي جي 2 لک ايڪڙ اراضي قبضو ڪندڙن کان آجي ڪرائي آهي: حنيف عباسي

اي ڊي بي جي تعاون سان ڪراچي کان روهڙي تائين ريلوي لائين تي ڪم جلد شروع ٿيندو

سکر، ڪراچي، لاهور ۽ راولپنڊي سميت سڀني شهرن ۾ حد دخلين خلاف ڪارروائي جاري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي تعاون سان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

مذاق اڏائيندڙن تي اعتبار ناهي، ڳالهيون ڪرڻيون آهن ته وزيراعظم پاڻ دعوت ڏي: مخالف ڌر جو مطالبو

حڪومت ڳالهين بابت سنجيده آهي ته وزيراعظم کي پاڻ دعوت ڏيڻ گهرجي، جيڪي ماڻهو ڳالهين جي عمل جو مذاق اڏائين ٿا انهن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي: اڇڪزئي

اپوزيشن اڳواڻن جي تقريرن جو رڪارڊ رکڻ هڪ آئيني تقاضا آهي، رڪارڊن کي محفوظ رکڻ گهرجي ته جيئن پاڪستان جا عوام اهو فيصلو ڪري سگهن ته سندن نمائندا ڇا چئي رهيا آهن

فرانس ۾ لکين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، سرين گاڏيون ساڙيون ويون ۽ آئيفل ٽاور کي به باهه جو نشانو بڻايو ويو، پر ان جي باوجود مظاهرين تي گوليون نه هلايون ويون

ملڪ جي ترقيءَ لاءِ قانون جي حڪمراني ۽ انصاف جي فراهمي انتهائي ضروري آهن، قانون جي حڪمرانيءَ کان سواءِ جاري سياسي بحران کي حل ڪرڻ ناممڪن آهي: علامه راجا ناصر عباس

دهشتگردي هڪ اهڙو ناسور آهي جنهن کي هر قيمت تي ختم ڪرڻ گهرجي، 'نيشنل ايڪشن پلان' تحت ڪارروائي ڪئي وڃي، 'جنگ' کي نفرت جو بيانيو پکيڙڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي: بئرسٽر گوهر

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر محمود خان اڇڪزئي چيو آهي ته جيڪڏهن حڪومت ڳالهين بابت سنجيده آهي ته وزيراعظم کي پاڻ دعوت ڏيڻ گهرجي، ٻي صورت ۾، جيڪي ماڻهو ڳالهين جي عمل جو مذاق اڏائين ٿا، انهن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. محمود خان اڇڪزئي، بئرسٽر گوهر ۽ ٻين سميت اپوزيشن اڳواڻن موجوده صورتحال بابت هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي محمود خان اڇڪزئي چيو ته بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وقتي گورنر اويس قادر شاهه سان برطانوي مشن فار پاڪستان جي وفد جو گروپ فوٽو

مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد پاران خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات خوشگوار قرار

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات کي خوشگوار قرار بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار علاج دوران فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير سٽي ٿاڻي جي حد ۾ اينڊڙ خيابان محمد واري علائقي ۾ 60 فوٽ روڊ تي ملير سٽي جي مڪيه بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي: نبيل ڳبول

پاڪستان ورهائڻ وارا چريا آهن، اهي ملڪ کي نقصان پهچائيندا: آغا رفيع الله

صوبن جي قيام لاءِ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ آندو ويو ته ن ليگ سان پ پ جو آخري ڏينهن هوندو

نوان صوبا ٺاهڻ هڪ حساس معاملو آهي، ان تي سڀني ڌرين ۾ اتفاق راءِ هئڻ گهرجي: بئرسٽر گوهر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي آغا رفيع الله چيو آهي ته پاڪستان ورهائڻ وارا چريا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ معاشي ۽ سماجي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو: شاهينه شير علي

صوبائي وزير سان عورت پبليڪيشن اينڊ انفارميشن سروس فائونڊيشن جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر منيزه خان ملاقات ڪئي

عورتن جي حقن ۽ مسئلن جي حل بابت اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون شايع ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سنڌ شاهينه شير علي سان عورت پبليڪيشن اينڊ انفارميشن بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شاديءَ جو ڏوهه ڏئي عورت کي مبينا طور بليڪ ميل ڪندڙ جوابدار گرفتار

اين سي سي آءِ اي گلستان جوهر ۾ ڪارروائي ڪري جوابدار شعيب نواز آفريدي کي سرگهر ڪيو

عورت جون ذاتي تصويرون ۽ وڊيوز ذاتي هراسان ڪرڻ ۽ بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ڪراچي زون ڪارروائي ڪندي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير شاهينه شير علي سان عورت پبليڪيشن اينڊ انفارميشن سروس جو وفد ملاقات ڪندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مقابلن دوران ڇهن مبينا ڌوڙو زخمي حالت ۾ گرفتار

ملير ۾ عمار ياسر ٽاور ڀرسان مبينا مقابلي دوران ٻه زخمي جوابدار تنوير ۽ زورين سرگهيا

نارٿ ناظم آباد ۾ هڪ جوابدار عمران ۽ ڀينس ڪالوني ۾ مبينا مقابلي دوران ڪامران کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مبينا مقابلن دوران ڇهن مبينا ڌوڙن کي زخمي حالت ۾ گرفتار بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پراسرار نموني گم ٿيل نوجوان جو لاش هٿ آيو، گهر ۾ ڪهرام

رزاق آباد جي غريب آباد پاڙي جو رهواسي نوجوان سجاد علي شاهه هفتو اڳ گم ٿيو هو

نوجوان جو لاش ايڌي سردخاني مان مليو بعد گهر ۾ ڪهرام، وارثن پاران شفاف جاچ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رزاق آباد جي غريب آباد پاڙي جو رهواسي 16 ورهين جو نوجوان سيد سجاد علي شاهه 14 آڪٽوبر تي رات بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ موبائل هيلٿ يونٽن بابت عوامي آگاهي جي کوٽ تي ڳڻتي جو ظاهر

صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ ڪارڪردگي بابت هڪ جائزو اجلاس منعقد ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي کاتي واري جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪرڪ ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سميت 4 اهلڪار شهيد، 2 دهشتگرد مارجي ويا

واقعي کان فوري پوءِ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي، جنهن ۾ 2 دهشتگرد به مارجي ويا: ڪرڪ پوليس

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي ضلعي ڪرڪ ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ۽ پوليس جي ٽيم تي دهشتگردن جي اوچتي حملي جي نتيجي ۾ ڊي ايس پي عمران الدين ۽ ايس بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پاڪ سعودي اقتصادي تعاون کي سگهه ڏئي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان امڪان پيدا ڪري سگهجن ٿا: صدر

سعودي عرب سڄائين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺل رهيو آهي جيڪو ٻنهي ۾ پائيدار دوستي جي عڪاسي ڪري ٿو

ايڪسپو ۾ سعودي عرب جي نمايان ڪاروباري ۽ سيڙپڪاري گروپن جي شرڪت تعاون جي وڌندڙ امڪانن کي ظاهر ڪري ٿي: صدر آصف زرداري

لاهور (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي تاريخي ۽ پائيدار لاڳاپن کي مضبوط اقتصادي حصيداري، سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ گڏيل مفاد جي ڪاروباري موقعن ۾ تبديل ڪرڻ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پروبيشن مڪمل ڪندڙ آفيسرن جي سينيارٽي تبديل نه ٿي ڪري سگهجي، سپريم ڪورٽ پاران ٽريبونل جو فيصلو ڪالعدم

عدالت رواني آفيسرن جي سينيارٽي بابت فيڊرل سروس ٽربيونل جو 19 سيپٽمبر 2025ع جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته سروس رولز 1990ع تي عمل رڳو نوڪري جي شروعاتي پروبيشنري بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

جي ايڇ ڪيو حملو ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي 5 نومبر تائين ملتوي

راولپنڊي (اي پي پي) دهشتگردي ڪوڙ جي خصوصي عدالت جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايران سان ڳالهيون نه پيون ٿين، ان معاملي تي جلد ڪجهه ٿيڻ وارو آهي: صدر ٽرمپ

اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته اهو سڀ ڪجهه آمريڪا ۾ چونڊن ڪانپوءِ ٿيندو، ڊسٽو پونڊو ته اڳتي ڇا ٿو ٿئي

آمريڪا ۽ اسرائيل آمريڪي مڊٽرم چونڊن ڪانپوءِ ايران تي حملن جا منصوبا تيار ڪيا آهن: آمريڪي عملدار

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اشارو ڏنو آهي ته ايران جي معاملي تي جلد ڪا اڳڀرائي ٿيڻ واري آهي. جوائنٽ بيس اينڊريوز ۾ صحافين سان ڳالهائيندي، ايران سان رابطن ۽ امڪاني اڳڀرائي بابت سوال جي جواب ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اڪثر ماڻهن جو خيال بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 884 پوائنٽس گهٽجي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 884.61 بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پاران بيگم نصرت ڀٽو کي خراج عقيدت پيش

بيگم نصرت ڀٽو هڪ بهادر ۽ همدرد سياسي اڳواڻ هئي: صدر آصف زرداري

هن زندگي جا انتهائي ڳهرا ذاتي صدما برداشت ڪيا ۽ پنهنجي اصولن تي قائم رهي

سندس ڪورٽ اڄ به خاندان ۾ شدت سان محسوس ڪئي وڃي ٿي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بيگم نصرت ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم نصرت ڀٽو هڪ بهادر ۽ همدرد سياسي اڳواڻ آمريت جي خلاف مزاحمت جي علامت ۽ سڀ کان وڏي ڪري هڪ اهڙي ماءُ هئي جنهن زندگي جا انتهائي ڳهرا ذاتي صدما برداشت بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جامع معاشي ترقي، ڀهراڙيءَ جي خوشحالي ۽ روزگار وڌائڻ لاءِ اهم ترجيح آهي: وڏو وزير

گڏيل قومن جي صنعتي ترقي واري اداري سان خاص ترقياتي پروگرام تيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي

پروگرام ۾ تحت تقريبن 4 ڪروڙ آمريڪي ڊالرن جا وسيلا متحرڪ ڪرڻ جو منصوبو شامل آهي

صوبي جي پنجن ضلعن مان 200 نوجوانن کي مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق تربيت ڏني ويندي: وفد سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ جي ڀهراڙين ۾ پائيدار معاشي ترقي، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ موسمياتي تبديلين جي خطرن کي منهن ڏيندڙ بنيادي ڍانچي جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان يو اين آءِ ڊي او جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل/ مينيجنگ ڊائريڪٽر مس فتوحيده وزيراعلي هائوس ۾ ملاقات ڪندي

ڪراچي يونيورسٽي ۾ نرسنگ اسڪول جي فوري قيام لاءِ سهڪار ڪيو ويندو: مصطفى ڪمال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير سيد مصطفى ڪمال ڪراچي يونيورسٽي ۾ نرسنگ اسڪول جي فوري قيام لاءِ سهڪار جي آڇ ڪندي چيو آهي ته وائيس چانسلر ڊاڪٽر وسيم قاضي پاران بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

صوبن جي ورهاست جا خواب ڏسندڙن کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي: نويد انٿوني

سنڌ جي عوام جي چونڊيل نمائندن سنڌ اسيمبلي ذريعي سنڌ جي ورهاست کي رد ڪري ڇڏيو آهي

پيپلز پارٽي بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي عوام جي خدمت ۽ ملڪ جي ترقي ۽ تعمير ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي

سنڌ حڪومت ڪوٽڙي ۾ 180 سال پراڻي چرچ جي بحالي بعد قومي اثاثي قرار ڏنو آهي جيڪو دنيا آڏو هڪ مثال هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي نويد انٿوني چيو آهي ته صوبن جي ورهاست جو خواب ڏسندڙ ماڻهن کي ياد ڪرڻ کپي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. سنڌ جي عوام جي چونڊيل نمائندن سنڌ اسيمبلي ذريعي سنڌ جي ورهاست کي رد ڪري چڪي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪاٺون چيئرمين ملير جان محمد بلوچ سان گڏ ملير جي خلده آباد ۽ داٿود چورنگي سميت ڪن چرچن جي ترقياتي اسڪيمون مڪمل ٿيڻ جي افتتاح دوران بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

صوبائي گهرو کاتي پاران مير رضا علي ڪيس جي جاچ لاءِ گڏيل جاچ ٽيم جوڙڻ جو اعلان

ڊي آءِ جي عرفان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ جي آءِ ٽي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪندي: ضياءُ لنجار

عدالتي ڪميشن جيڪو به فيصلو ڏنو آهي، حڪومت ان کي سنجيدگيءَ سان ڏسي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو آهي ته مير رضا علي ڪيس جي جاچ لاءِ ڊي آءِ جي عرفان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙي رهيا آهيون جيڪا معاملي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير ذوالفقار شاهه جناح اسپتال پهچي ناليواري فنڪار بادل راهي جي عيادت ڪري چيڪ ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت، نوادرات واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه جناح اسپتال ۾ قائم بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير صحت سيد مصطفى ڪمال رين ڪٽي ڪيريئر ڪنيڪٽ 2026 جو افتتاح ڪندي

ڪراچي ۾ ناليواري سنڌي اديب، صحافي ۽ ماهر لسانيات سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه تقريب سهائي ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناليوارو سنڌي اديب، صحافي ۽ ماهر لسانيات سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه جي موقعي تي تقريب بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ جعلي ڊگرين ۽ غيرقانوني عملن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: اسماعيل راهو

شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ مبينا جعلي ڊگرين جي معاملي جي جاچ سنڌ حڪومت پاڻ شروع ڪرائي آهي

جعلي ڊگرين جي معاملي ۾ ملوث ماڻهن جي سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

سرڪاري يونيورسٽين ۾ وائيس چانسلرن جي مقررين لاءِ ميرٽ تي ٻڌل سرچ ڪميٽيءَ جو نظام متعارف ڪرايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو ايم ڪيو ايم اڳواڻ وسيم اختر جي بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ غير بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي وروميننز ڪرڪيٽ ڪپ جي پڄاڻي، ڪامياب ٽيمن ۾ انعام ورهايا ويا

ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ آءِ اسپورٽس ٽيم شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي

ايس ايم ايس سينٽرل ٽائيگرز رنر اپ ٽرافي ماڻي، صوبائي سيڪريٽري منور مهيسر انعام ورهايا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ پنڪ ڪوبر ويڪ جي سلسلي ۾ منعقد ٿيل ٻن ڏينهن واري ڪراچي وروميننز ڪرڪيٽ ڪپ پڄاڻيءَ تي پهچي ويو. ٽورنامينٽ جي اختتامي تقريب ۾ پاڪستان جي قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي گورنر ڊپٽي ڪمشنرن کي گرفتاري ۽ نظربندي جا اختيار ڏئي ڇڏيا

ڊپٽي ڪمشنرن کي ايم پي او آرڊيننس 1960ع جي سيڪشن 3، ذيلي سيڪشن هڪ تحت اختيار ڏنا ويا

فيصلي جو مقصد انتظامي دير گهٽ ڪرڻ ۽ امن امان بابت وقت سر قدمن کي يقيني بڻائڻ آهي: جاري ڪيل پڌرائي

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڊپٽي ڪمشنرن کي ايم پي او آرڊيننس تحت گرفتاري ۽ نظربندي جا اختيار منتقل ڪري ڇڏيا. گهرو ۽ قبائلي معاملن واري کاتي جي پڌرائي موجب خيبرپختونخوا جي گورنر ڊپٽي ڪمشنرن کي ايم پي او آرڊيننس 1960ع جي سيڪشن 3، ذيلي سيڪشن بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد پاران ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) جو دورو ڪيو جنهن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بدنام ڌوهاري گرفتار، لکين روپين جي ماليت جي منشيات هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيروز آباد پوليس ۽ وفاقي سول انٽيليجنس ايجنسي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪئي جنهن دوران قاسم عرف "قاسو" بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معزو ۽ ساجده محمد، وفاقي وزير محمد جنيد انور چوڌري ۽ رجيه قمر سان گڏ فيصل مسجد جي دوري دوران ورتل فوٽو

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪيو جتي ڪين مسجد جي تاريخ ۽ عوام جي مشاهدي جي لاءِ رکيل قرآن پاڪ جي نسخن ۽ مخطوطات بابت بريفنگ ڏني وئي. صدر ڊاڪٽر محمد معيزو ۽ خاتون اول سان گڏ سامونڊي معاملن وارو وفاقي وزير جنيد انوان وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانہ تربيت واري مملڪتي وزير وجيهہ قمر ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. فيصل مسجد جي امام اعظم ۽ عالمي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي دعوت اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر محمد الياس مهمانن کي مسجد جي تاريخ ۽ نمائش جي لاءِ رکيل قرآن پاڪ جي نسخن ۽ مخطوطات بابت آگاهہ ڪيو. مالديپ جي صدر ۽ خاتون اول فيصل مسجد ۾ نفل پڻ ادا ڪيا. دوري جي پڄاڻي تي ٻنهي معزز شخصيتن مهمانن جي يادگار ڪتاب ۾ پنهنجا تاثر پڻ قلمبند ڪيا. واضح رهي تہ مالديپ جو صدر ۽ خاتون اول ڪن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي پاڪستان ۾ آهن ۽ جمعي ڏينهن وطن واپس روانا ٿيندا.

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيس صوبي جي 12 ضلعن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير، گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، وفاقي وزيرن، عسڪري قيادت ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو تہ خيبر پختونخوا دهشتگردي ۽ بنيادي عوامي سهولتن جي کوٽ سبب سخت متاثر ٿيو آهي جنهن ڪري مجبوريءَ ۾ صوبي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻو پيو. وزيراعظم دعويٰ ڪئي تہ پاڪستان تحريڪ انصاف جي دور ۾ خيبر پختونخوا ۾ تعليم، صحت، امن امان ۽ عوامي ڀلائي جي معاملن کي نظرانداز ڪيو ويو جنهن سبب گذريل ڪجهہ سالن دوران دهشتگردي ۾ ٻيهر واڌ ٿي. هن چيو تہ وفاقي حڪومت پي ڪي آءِ جي وزيرن کي خاطري ڪرائي هئي تہ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سندن ساٿ ڏنو ويندو. گذريل اڍائي سالن دوران ملڪي معيشت کي بحال ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي وئي جڏهن تہ سياسي ۽ عسڪري قيادت جي گڏيل ڪوششن سان معيشت مستحڪم ٿي آهي. شهباز شريف چيو تہ خيبر پختونخوا ۾ امن امان جو قيام حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ صوبي جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رهنديون. اجلاس ۾ خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو تہ صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ اولين ترجيح آهي ۽ خيبر پختونخوا جا ماڻهو امن چاهين ٿا. هن چيو تہ جيڪڏهن پاڪستان جا سمورا ادارا هڪ پيج تي هجن تہ امن ۽ ترقي جو عمل روڪي نٿو سگهجي. صوبي مان دهشتگردن، سندن سهولتڪارن ۽ مالي مدد ڪندڙن جو خاتمو بہ پهرين ترجيح آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

تهران ۾ فوجي ڊرون تيار ڪندڙ هڪ مرڪز جي دوري دوران جنرل امير حاتمي چيو تہ ايراني هٿياربند فوجن خاص طور تي فوج کي ملڪ جي سلامتي يقيني بڻائڻ ۽ امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي تنهنڪري هر قسم جي صورتحال لاءِ تياري ضروري آهي. ايراني ميڊيا موجب، جنرل امير حاتمي چيو تہ فوج غير متناسب جنگ لاءِ گهربل سامان ۽ افرادي قوت تيار ڪري رکي آهي، جڏهن تہ ان جون صلاحيتون اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿي چڪيون آهن بيان موجب، ايراني فوج ڊرونز جي تياري، ورڇ ۽ سارسنڀال ۾ مصروف آهي، جڏهن تہ فوجي اهلڪارن کي انهن جي استعمال جي تربيت پڻ ڏني وئي آهي. جنرل امير حاتمي چيو تہ ڊرونز بنا عملي وارن بحري جهازن ۽ مائيڪرو ڊرونز سميت بنا پائلٽ وارا هٿيار جديد جنگ ۾ وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويا آهن. هن ٻڌايو تہ فوج جو ڊرون پروگرام دفاع واري وزارت جي سهڪار سان شروع ڪيو ويو هو پر هاڻي ان ۾ يونيورسٽيون، ماهرن ۽ علم تي ٻڌل ڪمپنين کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. جنرل امير حاتمي موجب، ايراني سامونڊي فوج سمنڊ ۽ آبناءِ هرمز جي اوڀر وارن ساحلي علائقن ۾ سرگرم موجودگي رکي ٿي سندس چوڻ هو تہ ان علائقي ۾ داخل ٿيندڙ ڪنهن بہ دشمن جهاز کي نشانو بڻايو ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ ايران آبناءِ هرمز، ايراني ۽ عماني نار ۾ سامونڊي سرگرمين بابت پنهنجن ضابطن تي عمل ڪرائڻ لاءِ سامونڊي بارودي سرنگن ۽ پاڻمرادو ڪنٽرول نظامن جو استعمال ڪري ٿو.

بقايا 4 روزاني عبرت

اجلاس ۾ سکر ۾ رٿيل سنڌ ويزن ڪانفرنس جي تيارين ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي تہ ڪانفرنس جي سمورن انتظامي معاملن کي اثرائتي انداز ۾ اڳتي وڌايو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ سمورا ضروري قدم وقت سر مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ ويزن ڪانفرنس ۾ سڄي ملڪ جي معروف صحافين، سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن جي شرڪت متوقع آهي. ڪانفرنس جو مقصد سنڌ حڪومت جي ترقياتي رٿائن ۽ عوامي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهي ڏيڻ آهي تہ جيئن صوبي ۾ جاري ترقياتي سرگرمين ۽ حڪومت جي اولينن کي اثرائتي انداز ۾ اجاگر ڪري سگهجي. اجلاس ۾ صحافين ۽ صحافتي ادارن کي درپيش مسئلن جي حل ۽ صحافتي شعبي جي بهتري، ميڊيا سان لاڳاپيل معاملن ۽ اطلاعات کاتي جي ڪارڪردگي سميت ٻين اهم معاملن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي صحافين کي درپيش مشڪلاتن جي آزادي ۽ صحافتي ادارن بابت معاملن کي بهتر انداز ۾ حل ڪرڻ لاءِ حڪومتي قدمن جو بہ جائزو ورتو ويو. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ حڪومت صحافت کي هٿي، اظهار جي آزادي جي تحفظ ۽ صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. هن چيو تہ صحافي معاشري ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ عوام تائين درست معلومات جي فراهمي سان گڏ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ سندن خدمتون اهميت جوڳيون آهن. صحافين ۽ صحافتي ادارن جي مسئلن جو حل حڪومت جي اولينن ۾ شامل آهي. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ صحافين ۽ ميڊيا ادارن بابت معاملن کي اوليتي بنيادن تي ڏٺو وڃي ۽ مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ محمد يوسف ڪابورو، ڊپٽي ڊائريڪٽر سارنگ لطيف چانڊيو ۽ اطلاعات کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪراچي کان روهڙي تائين ريلوي لائين تي ڪم جلد شروع ٿيندو. موجوده حڪومت ريلوي جي 2 لک ايڪڙ زمين تي قبضو ڇڏايو آهي. خميس ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سوالن جي وقفي دوران قومي اسيمبلي جي ميمبرن صاحبزاده صبغت الله، نثار احمد جٽ، پير فضل شاهہ ۽ سيد رفيع الله شاهہ جي سوالن جا جواب ڏيندي ريلوي واري وزير چيو تہ ريلوي ٽريڪ جا پراڻا مسئلا آهن ڇاڪاڻ تہ هي تمام پراڻو آهي موجوده حڪومت ريلوي لائين جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو تہ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي تعاون سان ڪراچي کان روهڙي تائين ريلوي لائين تي ڪم جلد شروع ٿيندو هي ايم ايل-1 منصوبي جو حصو آهي. روهڙي کان ملتان تائين ريلوي لائين وڇائڻ تي ڳالهيون جاري آهن. هن چيو تہ خيبرپختونخواهہ کان علاوه سڪ ڪراچي، لاهور ۽ راولپنڊي سميت سڀني شهرن ۾ حد دخلين خلاف ڪارروائي جاري آهي ريلوي 2 لک ايڪڙ قبضو ڪيل زمين واپس حاصل ڪئي آهي ۽ سرڪاري ۽ نجي شعبن کان ريلوي جي سموري آيراضي آجي ڪرائيندا سين.

بقايا 6 روزاني عبرت

اپوزيشن اڳواڻن جي تقريرن جو رڪارڊ رکڻ هڪ آئيني تقاضا آهي، هن زور ڏنو تہ اهڙن رڪارڊن کي محفوظ رکڻ گهرجي تہ جيئن پاڪستان جا عوام اهو فيصلو ڪري سگهن تہ سندن نمائندا ڇا چئي رهيا آهن. هن چيو تہ پارلياماني تقريرون قومن جي تاريخ کي محفوظ رکڻ جو ذريعو هونديون آهن. هن نشاندهي ڪئي تہ پارليامينٽ اندر بہ انهن معاملن لاءِ جيڪي جائز طور تي اسان جو حق آهن، اسان کي جدوجهد ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. هن دليل ڏنو تہ اسپيڪر کي پنهنجا اختيار سختي سان قانوني ضابطن مطابق استعمال ڪرڻ گهرجن. هن ان ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪايو تہ جتي قومي اسيمبلي جي ڪجهہ ميمبرن لاءِ پروڊڪشن آرڊر جاري ڪيا وڃن ٿا، اتي ٻين کي ان کان محروم رکيو وڃي ٿو. محمود خان اڇڪزئي چيو تہ هن ڪالهہ پنهنجي تقرير ۾ ڪا بہ نامناسب ڳالهہ نہ ڪئي هئي پر ان جي باوجود سندس ساڍن چئن منٽن جي تقرير کي آئين پيش ڪيو ويو چئي تہ اها ٽن منٽن تي مشتمل هجي— جڏهن تہ ان تقرير ۾ هڪ لفظ بہ ملڪ جي خلاف نہ هو. هن وڌيڪ چيو تہ فرانس ۾ لکين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، سوين گاڏيون ساڙيون ويون ۽ آئيفل ٽاور کي بہ باهہ جو نشانو بڻايو ويو پر ان جي باوجود مظاهرين تي گوليون نہ هلايون ويون. اپوزيشن ليڊر چيو تہ هو غير جمهوري نظام خلاف جمهوري طريقي سان جدوجهد ڪندا. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان کي بچائڻ جي خواهش رکندڙ هر شهري جو فرض آهي تہ هو جمهوريت جي حمايت ۾ اٿي کڙو ٿئي. هن زور ڏنو تہ پاڪستان ۾ هڪ طاقتور پارليامينٽ هئڻ گهرجي ۽ رياستي ادارن کي پنهنجي مقرر ڪيل اختيارن جي دائري اندر رهي ڪم ڪرڻ گهرجي. هن واضح ڪيو تہ ڪجهہ بہ ٿي وڃي، هو پاڪستان کي ڪنهن غير جمهوري نظام جي حوالي نہ ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ اهڙو نظام ملڪ جي ٽٽڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامہ راجا ناصر عباس چيو تہ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ قانون جي حڪمراني ۽ انصاف جي فراهمي انتهائي ضروري آهن. هن چيو تہ قانون جي حڪمرانيءَ کان سواءِ جاري سياسي بحران کي حل ڪرڻ ناممڪن آهي، ۽ ساڳئي طرح قانون جي حڪمرانيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ معاشي بحران تي ضابطو آڻڻ بہ ممڪن ناهي. بيرسٽر گوهر چيو تہ دهشتگردي هڪ اهڙو ناسور آهي جنهن کي هر قيمت تي ختم ڪرڻ گهرجي، ۽ ان سلسلي ۾ نيشنل ايڪشن پلان تحت ڪارروائي ڪئي وڃي. هن خبردار ڪيو تہ هن جنگ کي نفرت جو بيانيو پکيڙڻ لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي. هن سوال اٿاريو تہ ڇا عملدارن جا سياسي بنيادن تي تبادلا ۽ تحقيقون هٽائڻ دهشتگردي خلاف ڪارروائي آهي يا پوءِ اها پارٽي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش آهي؟ پي ٽي آءِ چيئرمين واضح ڪيو تہ جيتوڻيڪ اسان دهشتگردي خلاف ڪارروائين جي حمايت ڪريون ٿا، پر اسين سياسي انتقامي ڪارروائين جا حامي نہ آهيون. آخرڪار عوام ئي آهي جيڪو انهن قدمن بابت پنهنجو فيصلو ڏيندو.

بقايا 7 روزاني عبرت

سربراهہ شارلٽ اوجيناڪا ڪئي. وفد ۾ سياسي معاملن بابت سيڪنڊ سيڪريٽري ماريا هاورلڪ، پرنسپل پوليٽيڪل ايڊوائيزر ثاقب رياض، سينيئر پوليٽيڪل ايڊوائيزر (پنجاب) اويس شاهہ ۽ سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ سينيئر پوليٽيڪل ايڊوائيزر هديٰ اڪرام شامل. ان موقعي تي سنڌ جي وقتي گورنر جو فوڪل پرسن عرفان احمد ميمڻ پڻ موجود هو. نون صوبن جي قيام بابت ڳالهائيندي سنڌ جي وقتي گورنر چيو تہ ان معاملي تي ڪنهن بہ تجويز جو جائزو آئيني دائري اندر رهندي وٺڻ گهرجي ۽ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي موقف جو احترام ضروري آهي. هن چيو تہ سنڌ اسيمبلي صوبي ۾ نون صوبن يا ان نوعيت جي انتظامي يونٽن جي قيام وارين تجويزن کي مسلسل رد ڪندي رهي آهي. سيد اويس قادر شاهہ چيو تہ سنڌ هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي امين ڌرتي آهي ۽ هتان جا ماڻهو پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي سان گهري وابستگي رکن ٿا. هن زور ڏنو تہ عوام جي راءِ ۽ جمهوري فيصلن جو احترام ڪرڻ گهرجي. ملاقات دوران انساني حقن، عورتن جي حقن، مذهبي اقليتن جي تحفظ ۽ برابريءَ واري شهريت لاءِ قانون سازيءَ جي قدمن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي وقتي گورنر چيو تہ سنڌ عورتن جي حقن جي واڌاري، اقليتن جي تحفظ ۽ جامع قانون سازيءَ جي حوالي سان هڪ ترقي پسند صوبو آهي. هن جمهوري ادارن کي مضبوط بڻائڻ، بنيادي انساني حقن جي تحفظ ۽ عوامي ڀلائي جي گهرجن موجب قانون سازيءَ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو. برطانوي وفد جي سربراهہ شارلٽ اوجيناڪا ملاقات جو وقت ڏيڻ، آجيان ڪرڻ ۽ گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو فراهم ڪرڻ تي سنڌ جي وقتي گورنر جا ٿورا مڃيا. ملاقات جي پڄاڻيءَ تي سنڌ جي وقتي گورنر مهمان وفد کي سنڌ جي روايتي سوکڙي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪيا.

بقايا 8 روزاني عبرت

ڏيندي سندن شاندار مهمان نوازي ۽ خلوص تي ٿورن جو اظهار ڪيو آهي. سماجي رابطن واري پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد چيو تہ انهن کي پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي. هن ملاقات دوران گرمجوشي سان استقبال پرخلوص مهمان نوازي ۽ لاڀائتي ڳالهہ ٻولهہ تي سندن ٿورا ادا ڪيا. مالديپ جي خاتون اول صدر ۽ پنهنجي اعزاز ۾ ڏنل شاندار سرڪاري ڊنر تي پڻ دل جي گهراين سان ٿورن جو اظهار ڪيو. جيڪو سندن پاڪستان جي سرڪاري دوري دوران ڏنو ويو. هن چيو تہ مالديپ ۽ پاڪستان جي وچ ۾ دوستي گڏيل قدرن، گڏيل احترام ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ پراڻن محبت جي رشتن تي ٻڌل آهي. اهي قيمتي لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن ۽ وقت جي آزمائش تي پورو لهندڙ دوستيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

بقايا 9 روزاني عبرت

اي) جي آفيس ۾ پيش ٿي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين سيد زين شاهہ پاران داخل ڪرايل درخواست جي سلسلي ۾ بيان رڪارڊ ڪرايو جڏهن تہ مبينا توهين آميز وڊيو بابت وڌيڪ ثبوت پڻ لاڳاپيل اختيارين حوالي ڪيا ويا. سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم موجب، سيد زين شاهہ سندس والد سيد امداد محمد شاهہ ۽ سائين جي ايم سيد خلاف سماجي رابطن واري ويب سائيٽ فيس بڪ تي مبينا طور توهين آميز ٻولي استعمال ڪرڻ ۽ ڪردار ڪشي ڪرڻ خلاف اين سي سي آءِ اي ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي هئي. ان درخواست جي سلسلي ۾ مليل نوٽيس تي فورم جو مرڪزي وفد اڄ لاڳاپيل اداري جي آفيس ۾ پيش ٿيو. وفد ۾ فورم جو صدر محمد فهيم ضياءَ ايڊووڪيٽ، سيڪريٽري خواجہ نويد امين ايڊووڪيٽ، اشرف علي چانڊيو ايڊووڪيٽ ۽ ٻيا شامل هئا. هنن مطالبو ڪيو تہ مبينا وڊيو جي اصل ماخذ، ان جي تياري، سوشل ميڊيا تي پکيڙڻ ۾ ملوث ماڻهن ۽ ان جي پسمنظر جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارن جو تعين ٿي سگهي. سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي اڳواڻن چيو تہ سوشل ميڊيا کي ڪنهن جي ذاتي تذليل، نفرت انگيز مهم يا ساک کي نقصان پهچائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ هجڻ گهرجي. هنن چيو تہ سنڌ جي ڌرتي، وسيلن، قومي سڃاڻپ، تاريخي ورثي ۽ عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پرامن، جمهوري ۽ آئيني جدوجهد جاري رهندي. فورم اين سي سي آءِ اي کان مطالبو ڪيو تہ درخواست سان گڏ فراهم ڪيل وڊيو اسڪرين شاٽس ۽ ٻين ڊجيٽل ثبوتن جو فارينزڪ جائزو ورتو وڃي ۽ معاملي جي سمورن پاسن جي شفاف جاچ ڪئي وڃي. اڳواڻن وڌيڪ مطالبو ڪيو تہ اليڪٽرانڪ ڏوهن جي روڪٿام واري قانون (پيڪا) سميت لاڳو ٿيندڙ ٻين قانونن تحت ثبوتن جي روشنيءَ ۾ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. فورم واضح ڪيو تہ هو معاملي جي قانوني پيروي جاري رکندو ۽ سنڌ جي عوام جي آئيني، سياسي ۽ جمهوري حقن جي تحفظ لاءِ قانوني ۽ آئيني جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 10 روزاني عبرت

دروازي ويجهو هڪ مبينا مقابلي دوران پوليس ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ٻنهي کي فوري طور تي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مقابلي دوران سخت زخمي ٿيل هڪ جوابدار علاج دوران زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو مليبر سٽي پوليس فوت ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ تنوير احمد پٽ شاهہ زين ۽ سندس ساٿي جي سڃاڻپ زرين پٽ محمد وحيد طور ڪئي آهي پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدارن جي قبضي مان بہ 30 بور جا پسٽول 11 هزار رپيا روڪ رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ آئي آهي جيڪا سرجاني ٽائون ٿاڻي جي حدن مان چوري ٿي هئي. واقعي بابت قانوني ڪارروائي جاري آهي ان دوران ٻيو جوابدار وڌيڪ پڇا ڳاڇا لاءِ پوليس جي حراست ۾ آهي ۽ ٻنهي جڻن جي ڏوهاري رڪارڊ جي بہ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 11 روزاني عبرت

اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام تحت تربيت مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين جي اعزاز ۾ گريجوئيشن تقريب منعقد ڪئي وئي. هي منصوبو محڪمہ صحت، حڪومت سنڌ پاران اسلامي ترقياتي بئنڪ (IsDB) جي سهڪار سان جاري آهي. تقريب ۾ SIHWEP جي پروگرام ڊائريڪٽر مسٽر شفقت سومرو ۽ زيبسٽ زيب ٽيڪ (ZTVE) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ميڊم وحيده مهيسر سميت مختلف آفيسرن ۽ زيب ٽيڪ جي ٽيم شرڪت ڪئي. زيبسٽ زيب ٽيڪ گهارو جي هيڊ آف چيپٽر مسٽر يون ڪمار سهني معزز مهمانن جو استقبال ڪيو. مهمانن ڪيمپس جو دورو ڪيو ۽ ڊجيٽل لٽريسي، ڊجيٽل اسڪلز ۽ بيڪري پراڊڪٽس جي تياري بابت تربيتي ڪلاسن جو معائنو ڪيو. هنن زير تربيت شاگردياڻين جي عملي ڪم جو مشاهدو ڪيو. انهن جي تعليمي ۽ تربيتي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ انهن جي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ محنت کي ساراهيو. تقريب کي خطاب ڪندي ميڊم وحيده مهيسر ۽ مسٽر شفقت سومرو تربيت مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين جي محنت ۽ ڪاميابين کي ساراهيو ۽ کين پنهنجي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ترغيب ڏني. هنن شاگردياڻين جي روشن مستقبل ۽ ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو تہ فني ۽ پيشہ وارانہ تربيت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، معاشي خودمختياري کي فروغ ڏيڻ ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. تقريب دوران هڪ تربيت يافتہ شاگردياڻي جي ڪاميابي جي ڪهاڻي پڻ پيش ڪئي وئي، جنهن ۾ صلاحيتن جي حاصلات ذريعي ذاتي ترقي ۽ مستقبل ۾ بهتر موقعن جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو. پروگرام ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. تقريب جو اختتام فني تعليم جي فروغ، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ فردن کي عملي صلاحيتن سان ليس ڪري هڪ روشن، خودمختيار ۽ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ گڏيل عزم جي تجديد سان ٿيو.

بقايا 12 روزاني عبرت

مان گئس ۽ ڪنڊينسيٽ جي پيداوار شروع ڪري ڇڏي آهي، هي پيش رفت تيل ۽ گئس جي نئين دريافتن کي پيداوار ۾ تبديل ڪرڻ جي طرف هڪ اهم قدم آهي. بئرسر ايسٽ-1 کوهہ مان هن وقت روزانو 70 لک ڪيوبڪ فوٽ گئس ۽ 200 بيرل ڪنڊينسيٽ حاصل ٿي رهيو آهي. هي پيداوار بيسل سينڊز مان حاصل ڪئي پئي وڃي. کوهہ مان گئس جي وهڪري ۾ استحڪام اچڻ سان پيداوار ۾ بتدريج اضافي جي توقع آهي. OGDCL پنهنجن وسيلن کي استعمال ڪندي کوهہ جي پراسيسنگ لاءِ سنجهورو پلانٽ سان ڳنڍڻ جي غرض سان تقريباً 28 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 8 انچ قطر جي پائپ لائين وڇائي، پراسيسنگ ڪانپوءِ حاصل ٿيندڙ گئس هاڻي سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ (SSGCL) جي نيٽ ورڪ ۾ فراهم ڪئي پئي وڃي، جنهن سان پاڪستان جي مقامي گئس سپلائي ۾ اضافو ٿيندو.

بقايا 13 روزاني عبرت

شاگردن جو بنيادي حق آهي، جنهن سان تعليمي ادارن ۾ جمهوري قدرن، بحث مباحثي ۽ نئين قيادت جي تياريءَ کي هٿي ملندي. هن پيٽرول تي لاڳو ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن حڪومت اهو مطالبو قبول نہ ڪيو تہ جماعت اسلامي اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪندي. ڪراچي يونيورسٽي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ ماضي ۾ شاگرد يونين ذريعي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ٽرانسپورٽ جو بهترين نظام هلايو ويندو هو. اسلامي جمعيت طلبہ جي چونڊيل يونين بہ ٽرانسپورٽ جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي هئي. هن چيو تہ شاگرد يونين جو نالو ٻڌندي ئي حڪومت کي سياسي سرگرمين جو خدشو پيدا ٿي وڃي ٿو جڏهن تہ شاگردن کي هر سال پنهنجا بهترين نمائندا چونڊڻ جو اختيار ملڻ گهرجي. ڪلاس، فيڪلٽي ۽ شعبي جي سطح تي شاگردن جون چونڊون ٿيڻ گهرجن، جيئن چونڊيل نمائندن جي ڪارڪردگي ۽ تعليمي صلاحيت کي اهميت ملي سگهي. حافظ نعيم الرحمان چيو تہ شاگرد يونين جي بحالي سان تعليمي ادارن ۾ جمهوريت، بحث مباحثي کي هٿي ڏيڻ ۽ شاگردياڻين کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. شاگرد يونين مان سٺا ۽ باصلاحيت ۽ ذميوار نوجوان اڳتي ايندا، جيڪي مستقبل ۾ ملڪ جي قيادت ڪري سگهندا. هن چيو تہ شاگرد يونين جي غيرموجودگيءَ سبب سياست ۾ جاگيردارن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن جو اثر وڌيو آهي. شاگرد يونين سياسي شعور، عوامي مسئلن جي ترجماني ۽ خدمت جو جذبو پيدا ڪري ٿي. تنهنڪري ان جي بحالي ملڪ ۾ جمهوري سياست ۽ قيادت جي تعمير لاءِ ضروري آهي. پيٽرول جي اگهن ۽ ٽيڪسن بابت ڳالهائيندي جماعت اسلامي جي امير چيو تہ عوام هڪ ليٽر پيٽرول تي لڳ ڀڳ 135 کان 140 رپين تائين مختلف ٽيڪس ادا ڪري ٿو. سندس دعويٰ موجب پيٽرول تي 80 رپيا في ليٽر ليوي، 5 رپيا ڪلائميٽ سپورٽ ليوي ۽ 21 رپيا ڪسٽم ڊيوٽي سميت مختلف ٽيڪس لاڳو آهن. هن پيٽرول تي لاڳو ليوي کي عوام تي اضافي بار قرار ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن اضافي ٽيڪس ختم ڪيا وڃن تہ عوام کي وڏو رليف ملي سگهي ٿو. عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتون مناسب ٿيڻ ۽ پيٽرول تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي جي صورت ۾ پيٽرول جو اگهہ 200 رپيا في ليٽر تائين اچڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو. حافظ نعيم الرحمان وزيراعظم کان مطالبو ڪيو تہ پيٽرول تي لاڳو ليوي ختم ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ جماعت اسلامي اسلام آباد مارچ ڪندي. هن چيو تہ عوامي دٻاءُ ذريعي حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻ تي مجبور ڪيو ويندو. ڪراچي جي مسئلن بابت ڳالهائيندي هن چيو تہ ڪراچي يونيورسٽي اچڻ وارن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ وٽ مناسب پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت نہ هجڻ سبب کين موٽرسائيڪلون استعمال ڪرڻيون پون ٿيون. يونيورسٽي روڊ کوٽائي سبب تباهہ حال آهي ۽ منصوبي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ بار بار نيون تاريخون ڏنيون پيون وڃن. هن چيو تہ شهر ۾ ٽرانسپورٽ جي کوٽ، خراب رستن ۽ ٻين شهري مسئلن سبب ماڻهو ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. سندس الزام هو تہ ڪرپشن ۽ لٽ مار واري نظام ڪراچي جي شهرين جا حق متاثر ڪيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ ملڪ جي نوجوانن ۾ بي پناهہ صلاحيتون موجود آهن پر کين اڳتي وڌڻ جا مناسب موقعا نٿا ملن. جنهن سبب ڪيترائي نوجوان پرڏيهہ وڃڻ تي مجبور ٿين ٿا. حڪومت کي گهرجي تہ نوجوانن لاءِ ملڪ اندر روزگار ۽ ترقيءَ جا موقعا پيدا ڪري.

بقايا 14 روزاني عبرت

بابت ساليانی ڳالهہ ٻولهہ خميس ڏينهن اسلام آباد ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ جاري ٻطرفي ۽ گهڻ رخي تعاون جو جائزو ورتو ويو. ڳالهہ ٻولهہ دوران ڌرين دهشتگردي جي سمورين شڪلين جي خلاف گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ گڏيل تعاون کي اڳتي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. اجلاس ۾ بهترين طريقيڪار جي ڏي وٺ ۽ حصيداري جي نئين امڪانن جو پڻ جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي دهشتگردن ۽ رياستن پاران سائبر اسپيس، توانائي ۽ پاڻي وسيلن جي استعمال سميت دهشتگردي جي اڀرندڙ رجحانن کي منهن ڏيڻ تي پڻ ڌيان ڏنو ويو.

بقايا 15 روزاني عبرت

گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 31 هزار 536 رپيا ٿي ويو. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب خميس ڏينهن سون جي في تولو جي قيمت ۾ 3 هزار رپين جي گهٽتائي کانپوءِ في تولو سون 4 لک 31 هزار 536 رپيا ٿي ويو. 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت بہ 2 هزار 572 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 3 لک 72 هزار 544 رپين کان گهٽجي 3لک 69 هزار 972 رپيا ٿي وئي. جڏهن تہ 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 41 هزار 511 رپين کان گهٽجي 3 لک 39 هزار 153 رپيا ٿي وئي. آل سنڌ صرافا جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي تہ چاندي جي في تولي جي قيمت 121 رپين جي گهٽتائي سان 6 هزار 86 رپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 104 رپين جي گهٽتائي سان 5 هزار 217 رپيا ٿي وئي.

بقايا 16 روزاني عبرت

ايچ او فضل اعوان سميت 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا. ڪرڪ پوليس ترجمان موجب شهيد ٿيلن ۾ 2 سپاهي امجد ۽ ڪاظم بہ شامل آهن. واقعي کان فوري پوءِ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي، جنهن ۾ 2 دهشتگرد بہ مارجي ويا. علائقي ۾ فائرنگ ۽ سيڪيورٽي آپريشن جاري آهي جڏهن تہ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون وڌيڪ نفريون واقعي واري هنڌ روانيون ڪيون ويون آهن تہ جيئن علائقي کي گهيري ۾ وٺي دهشتگردن کي ناس ڪري سگهجي.

بقايا 17 روزاني عبرت

ڊائريڪٽوريٽ آف موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروسز جي ڪارڪردگي بابت هڪ جائزو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ موبائل هيلٿ يونٽن جي خدمتن، ڏورانهن علائقن ۾ موبائل اسپتال سروسز جي دستيابي، مريضن کي طبي سهولتن جي فراهمي، ليبارٽري ٽيسٽن، گاڏين جي آپريشنل صورتحال، ڊجيٽل ڊيٽا ۽ مانيٽرنگ جي نظام جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ بحالي کاتي جي سيڪريٽري رفيق مصطفيٰ شيخ، موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروسز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ سميت لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو تہ جون 2016 کان سيپٽمبر 2026 تائين موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروسز ذريعي گڏيل طور تي 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون. 12 لک 74 هزار 322 ليبارٽري ۽ ٻيون طبي ٽيسٽون ڪيون ويون. اداري جي تحت 20 موبائل يونٽ، جن ۾ 13 موبائل ڊائيگناسٽڪ يونٽ ۽ 7 موبائل هيلٿ يونٽ شامل آهن سنڌ جي 17 ضلعن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. اجلاس ۾ عمرڪوٽ ۾ قائم ماڊل موبائل اسپتال جي خدمتن بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ عمرڪوٽ سول اسپتال ۾ موبائل آءِ سي يو، گائناڪالاجي، نون ڄاول ٻارن جي ضروري نگراني ڪندڙ وارڊ يونٽس سميت ضروري طبي سهولتون موجود آهن. ماڊل موبائل اسپتال ۾ هن وقت تائين مجموعي طور تي 3654 ڊليوريز ڪرايون ويون آهن ۽ 18,178 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ڊائريڪٽوريٽ جي سمورين سرگرمين مريضن جي رڪارڊ، طبي ٽيسٽن عملي ۽ گاڏين جي تفصيلن تي مشتمل ويب سائيٽ ۽ ڊيجيٽل پورٽل کي هڪ هفتي اندر فعال ڪرڻ جي هدايت ڪئي تہ جيئن مريضن، بيمارين، ضلعن ۽ طبي سهولتن جو صحيح ڊيٽا دستياب ٿي سگهي ۽ ڪارڪردگي جي اثرائتي نگراني کي يقيني بڻائي سگهجي. گيانچند ايسراڻي سمورن موبائل هيلٿ يونٽن ۽ گاڏين ۾ ٽريڪر فعال ڪري گاڏين جي اچ وڃ، وقت سر پهچڻ، عملي جي حاضري ۽ طبي سهولتن جي فراهمي جي سخت نگراني يقيني بڻائڻ ۽ مانيٽرنگ آفيسرن کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ موبائل هيلٿ يونٽن بابت عوامي آگاهي جي کوٽ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي هدايت ڪئي تہ سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي موبائل اسپتالن جي اثرائتي تشهير ڪئي وڃي، جڏهن تہ موبائل ڪيمپ لڳائڻ کان اڳ مقامي آبادي کي وقت سر اطلاع ڏنو وڃي تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو طبي معائني ۽ ليبارٽري ٽيسٽن جي سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن. وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي واضح ڪيو تہ بحالي واري کاتي جي ذميوارين ۾ هنگامي حالتن ۽ قدرتي آفتن دوران متاثر ٿيل علائقن ۾ رليف ڪيمپن ۾ طبي سهولتون فراهم ڪرڻ پڻ شامل آهي. ان ڪري موبائل هيلٿ يونٽن کي هنگامي صورتحال ۾ فوري خدمتون ڏيڻ لاءِ تيار رکيو وڃي. هن هدايت ڪئي تہ عوام کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ پهرين ترجيح هجڻ گهرجي ۽ ان مقصد لاءِ اداري جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ جوابدهي کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 18 روزاني عبرت

جو تقريبن 8 وڳي گهران ڪنهن ڪم سان نڪتو هو جنهن بعد واپس نہ موٽيو ۽ وارثن طرفان مختلف هنڌن تي ڳولا ڪئي وئي هئي. ڪالهہ نوجوان جو لاش ايڌي سرد خاني ۾ هجڻ جي تصديق ٿي جنهن بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻئي طرف بن قاسم پوليس موجب نوجوان پورٽ قاسم واري علائقي ۾ ٽرالر پارڪنگ ويجهو ڪنهن انجاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيو هو. واقعي ۾ ملوث گاڏي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا آهن جڏهن تہ فوتي نوجوان جي وارثن جو چوڻ آهي تہ سندس جسم تي تشدد جا نشان موجود آهن وارثن مطالبو ڪيو آهي تہ نوجوان جي موت واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن قسم جي ڏوهہ يا غفلت جا ثبوت سامهون اچن تہ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻي خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 19 روزاني عبرت

ڪري ورتي مليبر ۾ عمار ياسر ڪاور پرسان 60 فٽ روڊ تي مبينا پوليس مقابلي دوران ٻن زخمي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن جي سڃاڻپ تنوير ۽ زورين طور ٿي آهي ٻنهي کي علاج لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي طرف سر سيد پوليس موجب نارٿ ڪراچي جي سيڪٽر 11-C/3 ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار عمران کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جوابدار وٽان هٿيار، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ اچڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. کيس علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي پاسي شڪن پوليس پينس ڪالوني ۾ مکي شاهہ جي درگاهہ پرسان مبينا مقابلي دوران هڪ ٻئي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ايڊي اختيارين موجب جوابدار جي سڃاڻپ 25 ورهين جي ڪامران طور ٿي آهي جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 20 روزاني عبرت

عورت کي شادي جو ڏڪو ڏئي مبينا طور نازيبا تصويرون ۽ وڊيوز ٺاهڻ هراسان ڪرڻ ۽ بليڪ ميل ڪرڻ جي الزام هيٺ جوابدار شعيب نواز آفريدي کي گلستان جوهر ۾ ملينيم مال پرسان گرفتار ڪري ورتو آهي. اين سي سي آءِ اي جي ترجمان موجب متاثر عورت شڪايت داخل ڪرائي هئي تہ هن جوابدار کان هڪ گاڏي ڪرائي تي ورتي هئي، جنهن دوران جوابدار مبينا طور سندس اعتماد حاصل ڪري ساڻس دوستي قائم ڪئي ۽ بعد ۾ شادي جو ڏڪو ڏئي سندس ذاتي ۽ نازيبا تصويرون ورتيون وڊيوز ٺاهيون. شڪايت موجب جوابدار انهن تصويرن ۽ وڊيوز ذريعي عورت کي مسلسل هراسان ۽ بليڪ ميل ڪندو رهيو. ترجمان موجب شروعاتي جاچ دوران اهو الزام پڻ سامهون آيو آهي تہ جوابدار عورتن کي ڪرائي تي گاڏيون ڏيڻ جي بهاني سندن سان رابطا قائم ڪندو، اعتماد حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سندن ذاتي تصويرون ۽ وڊيوز ٺاهي مبينا طور بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال ڪندو هو. معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون متاثر عورت جي شڪايت تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري سندس خلاف ڪيس نمبر 111/2026 داخل ڪري ورتو آهي. جوابدار خلاف پريوينشن آف اليڪٽرانڪ ڪرائيمز ايڪٽ جي قلم 20، 21 ۽ 24، جڏهن تہ پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 109 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. اين سي سي آءِ اي جي ڊائريڪٽر جنرل علي ناصر رضوي جي هدايتن تي عورتن کي سائبر هراساني، بليڪ ميلنگ ۽ آن لائين استحصال کان بچائڻ لاءِ ڪارروايون جاري آهن اداري موجب عورتن جي عزت، وقار ۽ ذاتي زندگي کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن خلاف قانون موجب بنا فرق ڪارروائي ڪئي ويندي اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون شهرين خاص طور عورتن کي اپيل ڪئي آهي تہ سائبر هراسائي يا بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿيڻ جي صورت ۾ بنا ڪنهن خوف ۽ هٻڪ جي لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪن اداري موجب متاثر عورتن جي سڃاڻپ ۽ ذاتي معلومات جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

بقايا 21 روزاني عبرت

سروس فائونڊيشن جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر منيزه خان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي عورتن جي ترقي، حقن جي تحفظ، صنفي برابري ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران صوبائي وزير شاهينہ شير علي چيو تہ عورتن جو معاشرتي ۽ معاشي استحڪام انتهائي اهم آهي. جنهن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت عورتن جي ترقي، معاشي ۽ معاشرتي استحڪام ۽ بااختيار ڪردار تي تمام گهڻو ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو تہ عورتن جي ڀلائي لاءِ فلاحي ۽ غير سرڪاري ادارن جو سهڪار هميشہ کان قابل قدر رهيو آهي ۽ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عورتن جي مسئلن بابت آگاهي لاءِ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون ۽ تحريرون پڻ شايع ٿين تہ ڪري عورتن جي مسئلن انهن جي حل ۽ تجويزن بابت تحريرن تي پڻ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ملاقات ۾ عورتن جي ڀلائي لاءِ گڏيل ڪوششن تي پڻ زور ڏنو ويو.

بقايا 22 روزاني عبرت

ماڻهو آهن جيڪي قدرت جي نظام ۽ آئين خلاف ويندا آهي ملڪ کي نقصان پهچائيندا. پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پ پ اڳواڻ نبيل ڳبول چيو تہ سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي هن چيو تہ "سنڌ جو ورهاڱو اب سوليوشن ناٽ". جيڪڏهن نون صوبن جي قيام لاءِ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ آندو ويو تہ ن ليگ سان پ پ جو اهو آخري ڏينهن هوندو پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو تہ نوان صوبا ٺاهڻ هڪ حساس معاملو آهي ان تي سڀني ڌرين ۾ اتفاق راءِ هئڻ گهرجي.

بقايا 23 روزاني عبرت

جا ذميوار ۽ ان پويان ممڪن مقصدن بابت تفصيل اڃا تائين معلوم نہ ٿي سگهيا آهن ان سان گڏ، مادي نقصان بابت تفصيلي جاچ پڻ اختيارين طرفان اڃا تائين جاري نہ ڪئي وئي آهي هي واقعو هڪ اهڙي وقت ۾ پيش آيو آهي جڏهن وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري خطي جي اهم هوائي اڏن ۽ شهري بنيادي ڍانچي جي سيڪيورٽي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو پيو وڃي. ان کان اڳ حوثين 48 ڪلاڪن ۾ سعودي وزارتِ دفاع، آرامڪو ۽ ٻن هوائي اڏن تي حملن جي دعويٰ ڪئي آهي يمن جي حوثين دعويٰ ڪئي آهي تہ گذريل 48 ڪلاڪن دوران هنن سعودي عرب ۾ وزارتِ دفاع، تيل ڪمپني آرامڪو (Aramco) جي تنصيبات ۽ ٻن بين الاقوامي هوائي اڏن کي نشانو بڻايو آهي بين الاقوامي خبرن جي ايجنسين موجب، حوثي فوجي ترجمان يحيٰ سريءَ ٻڌايو تہ انهن حملن ۾ سعودي عرب جي گاديءَ واري هنڌ رياض ۾ وزارتِ دفاع جي عمارت، ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي واقع شهر ينبوع ۾ ارامڪو جي تيل تنصيبات، ابها بين الاقوامي هوائي اڏي ۽ دمام ۾ شاهہ فهد بين الاقوامي هوائي اڏي کي نشانو بڻايو ويو سعودي عرب ۽ يمن ۾ حوثين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي وئي آهي ماضي ۾ بہ حوثين سعودي تنصيبن، اهم بنيادي ڍانچي ۽ هوائي اڏن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ پڻ ڪئي آهي سعودي اختيارين مختلف موقعن تي اهڙين ڪارروائين جي اطلاع ڏني آهي، جن ۾ ميزائلن ۽ بغير پائلٽ وارين هوائي گاڏين (ڊرونز) ذريعي ڪيل حملن کي ناڪام بڻايو ويو انهن تازن دعوائن جي آزادانہ تصديق ۽ گڏوگڏ سعودي تنصيبن کي پهتل نقصان بابت تفصيل اڃا تائين سامهون نہ آيا آهن.

بقايا 24 روزاني عبرت

جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي تعاون کي سگهہ ڏئي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان امڪان پيدا ڪري سگهجن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن لاهور جي ليڪ سٽي ۾ سعودي پاڪستان ريئل اسٽيٽ ايڪسپو (سپريڪس) جي دوري جي موقعي تي ڪيو جتي ايڪسپو ۾ شريڪ ڪمپنين، انهن جي منصوبن ۽ پاڪستان جي ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ سيڙپڪاري جي امڪاني موقعن بابت بريفنگ ڏني وئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر خان ۽ ليڪ سٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل جي ميمبر ڊاڪٽر گوهر اعجاز صدر جو استقبال ڪيو ايڪسپو ۾ سعودي عرب جي نمايان ريئل اسٽيٽ ۽ سيڙپڪار ڪمپنين جا پويلين قائم ڪيا ويا آهن ان موقعي تي سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل جو چيئرمين شهزاده منصور بن محمد آل سعود ۽ ڪائونسل جو نائب چيئرمين عبدالعزيز الاشرفي پڻ شريڪ هئا. ايڪسپو ۾ شرڪت ڪندڙ سعودي ڪمپنين ۾ صفا انويسٽمينٽ، ناليج اڪنامڪ سٽي، سمو انويسٽمينٽ، المجيديہ، ارلو ريئل اسٽيٽ، الديار العربيہ، بن دائود انويسٽمينٽ ۽ انٽرنيشنل گيٽ انويسٽمينٽ شامل آهن اهي ڪمپنيون پاڪستان ۾ امڪاني سيڙپڪاري جي موقعن جو جائزو وٺي رهيون آهن جڏهن تہ سعودي سيڙپڪارن کي راغب ڪرڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحد پار سيڙپڪاري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ مڪہ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره ۾ پنهنجا منصوبا پڻ پيش ڪري رهيون آهن ان موقعي تي ڳالهائيندي صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پراڻي ۽ پائدار لاڳاپن کي مضبوط اقتصادي حصيداري، سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ گڏيل مفاد جي ڪاروباري موقعن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو صدر چيو تہ **سعودي عرب سدائين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺل رهيو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار دوستي ۽ اسٽريٽجڪ حصيداري جي عڪاسي ڪري ٿو** صدر پاڪستاني سعودي ڪاروباري برادرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي منتظمين جي قدمن کي ساراهيندي چيو تہ اهڙيون سرگرميون سڌوسنئون غيرملڪي سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، نجي شعبي جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ ۽ ڊگهي مدي واري اقتصادي حصيداري کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون هن چيو تہ ان ايڪسپو ۾ سعودي عرب جي نمايان ڪاروباري ۽ سيڙپڪاري گروپن جي شرڪت ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعاون جي وڌندڙ امڪانن کي ظاهر ڪري ٿي سيڙپڪاري، ڪاروباري سرگرمين ۽ گڏيل منصوبن جي ذريعي ترقي جي هڪ نئين مرحلي جي راهہ هموار ڪري سگهجي ٿي صدر پاڪستان ۾ غيرملڪي سيڙپڪاري کي سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ مددگار ۽ سيڙپڪار دوست ماحول جي اهميت تي پڻ زور ڀريو ان موقعي تي پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز (پي آءِ اي) جي فضائي عملي جي نئين يونيفارم پڻ نمائش جي لاءِ پيش ڪئي وئي.

بقايا 25 روزاني عبرت

مرحلي تائين محدود آهي ۽ پروبيشن مڪمل ڪري باقاعده نوڪري حاصل ڪندڙ آفيسرن جي سنيارٽي انهن قاعدن جي بنياد تي تبديل نہ ٿي ڪري سگهجي عدالت ريلوي آفيسرن جي سنيارٽي بابت فيڊرل سروس ٽربيونل جو 19 سيپٽمبر 2025ع جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي جسٽس عائشہ اي ملڪ لکت واري فيصلي ۾ چيو تہ ڏهاڪن کان رائج طريقيڪار ۽ سي ايس ايس امتحان ۾ حاصل ڪيل ميرٽ جي بنياد تي طئي ٿيل سنيارٽي کي بعد ۾ ختم نہ ٿو ڪري سگهجي ريلوي کاتي طرفان پراڻي سنيارٽي لسٽ ۾ تبديلي ۽ انهن تبديلين جو ماضي کان لاڳو ٿيڻ غير قانوني آهي فيصلي مطابق ريلوي کاتو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان آفيسرن جي سنيارٽي سي ايس ايس امتحان ۾ حاصل ڪيل ميرٽ جي بنياد تي طئي ڪندو رهي ٿو پر کاتي 27 آگسٽ 2014ع تي نظرثاني ٿيل سنيارٽي لسٽ جاري ڪئي جنهن کي سروس ٽربيونل ۽ سپريم ڪورٽ ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو هو بعد ۾ ريلوي کاتي 29 جون 2022ع، 20 مارچ 2023ع تي سي ايس ايس امتحان جي ميرٽ جي بنياد تي عارضي سنيارٽي لسٽون جاري ڪيون انهن لسٽن خلاف آفيسرن فيڊرل سروس ٽربيونل ۾ اپيلون داخل ڪيون فيڊرل سروس ٽربيونل 19 سيپٽمبر 2025ع جي فيصلي ۾ ريلوي جون لسٽون ڪالعدم قرار ڏيندي 1990ع جي سروس رولز تحت نيون سنيارٽي لسٽون تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ واضح ڪيو تہ پروبيشن جو مدو مڪمل ڪري باقاعده نوڪري حاصل ڪندڙ سول سروينٽس جي سنيارٽي متاثر نہ ٿيڻ گهرجي ۽ ريلوي کاتو ماضي ۾ طئي ٿيل سنيارٽي کي بعد ۾ تبديل نہ ٿو ڪري سگهي عدالت فيڊرل سروس ٽربيونل جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا 26 روزاني عبرت

اڳواڻ ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهہ محمود قريشي سميت 150 جوابدارن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي 5 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٻڌڻي دوران اڳوڻي وفاقي وزير جي وڪيل فيصل ملڪ ۽ پراسيڪيوشن جا وڪيل عدالت ۾ موجود هئا. جڏهن تہ عوامي مسلم ليگ جو سربراهہ شيخ رشيد پڻ پيش ٿيو آر اي بازار ٿاڻي جي حد ۾ داخل ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهہ محمود قريشي، خيبرپختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور ۽ اڳوڻن وفاقي ۽ صوبائي وزيرن شبلي فراز، عمر ايوب ۽ راجا بشارت سميت 120 کان وڌيڪ جوابدار نامزد آهن. ڪيس ۾ جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ٿي چڪو آهي، جڏهن تہ استغاثہ جي 45 کان وڌيڪ گواهن جا بيان بہ رڪارڊ ٿي چڪا آهن. عدالت شاهہ محمود قريشي کي اڊيالا جيل مان وڊيو لنڪ ذريعي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا 27 روزاني عبرت

آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ آمريڪا ۾ ٿيندڙ چونڊن ڪانپوءِ ٿيندو ۽ ڏسڻو پوندو تہ اڳتي ڇا ٿو ٿئي سندس اشارو آمريڪا ۾ ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن ڏانهن هو. جڏهن کانئس پڇيو ويو تہ ڇا هن ايران سان ڳالهين جو رستو ڇڏي ڏنو آهي تہ هن چيو تہ سندس خيال ۾ ڳالهيون نہ ٿينديون پر جلد ئي ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي ٽرمپ جو اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن نيويارڪ ٽائمز انجاتل آمريڪي عملدارن جي حوالي سان رپورٽ ڪيو آهي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل آمريڪي مڊٽرم چونڊن ڪانپوءِ ايران تي حملن جا منصوبا تيار ڪيا آهن.

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪيا جڏهن تہ پنهنجي اصولن ۽ قدرن تي ثابت قدم رهي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب بيگم نصرت ڀٽو جي 15هين ورسيءَ جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو تہ منهنجي لاءِ بيگم نصرت ڀٽو هڪ عظيم سياسي اڳواڻ کان وڌي ڪري انتهائي شفيق ماءُ هئي جنهن تاريخ جي ڪجهہ اونداهي ترين ڏهاڪن ۾ پنهنجي خاندان کي متحد رکيو هن پنهنجي زندگي جي محبت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پنهنجي پياري فرزندن شاهنواز ڀٽو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو کي وڃايو پر گهري ڏک جي باوجود نہ پنهنجي عزت ۽ وقار تي ڪو ڌاهہ نہ ڪيو ۽ نہ ئي پاڪستان جي عوام سان پنهنجي وابستگي ختم ڪئي، سندس ڏک ذاتي هو پر سندس بهادري پاڪستان جي عوام جي لاءِ هئي پاڪستان جي مائرن کي مخاطب ٿيندي صدر چيو تہ هر ماءُ پنهنجي اولاد جي لاءِ ڏني ويندڙ قربانين ۽ انهن جي بهتر مستقبل جي لاءِ خاموشي سان کنيل بار کي سمجهي ٿي بيگم نصرت ڀٽو جي زندگي اسان کي ماءُ جي دل جي غيرمعمولي طاقت ۽ ان حقيقت جي ياد ڏياري ٿي تہ ڪهڙي طرح محبت گهري کان گهري صدمي کي بہ برداشت ڪري سگهي ٿي صدر پاڪستان جي نوجوان ڇوڪرين جيڪي سڀاڻي جون مائرون ۽ قائدين آهن کي بہ خصوصي طور تي مخاطب ڪندي چيو تہ هر ڇوڪريءَ کي بيگم نصرت ڀٽو جي جدوجهد ۽ زندگي جي ڪهاڻي کان آگاهہ هجڻ گهرجي، هن ان وقت بہ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو جڏهن طاقتور قوتون کيس خاموش ڪرائڻ چاهينديون هيون پر هن پنهنجي ۾ يقين نظرين تان دستبردار ٿيڻ کان انڪار ڪيس سندس ڌيءَ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي زندگي پاڪستان جي هر ڌيءَ جي لاءِ هڪ دائمي پيغام رکي ٿي تہ هوءَ پنهنجي صلاحيتن کي ڪڏهن بہ گهٽ نہ سمجهي، تعليم حاصل ڪري، آزادانہ سوچ اختيار ڪري، پنهنجي عزت ۽ وقار جي لاءِ آواز اٿاري ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن خوف کي پنهنجي خوابن جي راهہ ۾ اچڻ نہ ڏئي هن چيو تہ نوجوان ڇوڪرين جو مستقبل انهن جو پنهنجو آهي ۽ انهن کي پنهنجي ملڪ جي مستقبل جي جوڙجڪ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي هن چيو تہ مائرون نسلن کي جوڙين ٿيون جڏهن تہ تعليم يافتہ ۽ بااختيار ڌيئرون قومن جي تقدير سنوارين ٿيون بيگم نصرت ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ اهڙو پاڪستان تعمير ڪيو وڃي جتي هر عورت جو احترام هجي ان کي برابر حق حاصل هجن ۽ هر ڇوڪريءَ کي پنهنجي صلاحيتن جي ڀرپور اظهار جو موقعو ميسر هجي بيگم نصرت ڀٽو کي ذاتي طور تي ياد ڪندي صدر چيو تہ سندس کوٽ اڄ بہ خاندان ۾ شدت سان محسوس ڪئي وڃي ٿي ڇو تہ سال ۽ ڏهاڪا گذري سگهن ٿا پر محبت، احترام ۽ خوبصورت يادون سدائين تازيون رهن ٿيون. اسان کيس رڳو انهن صدمن جي ڪري ياد نہ ٿا ڪريون جيڪي هن برداشت ڪيا پر هڪ غيرمعمولي عورت جي طور تي بہ ياد ڪريون ٿا جيڪا هو حقيقت ۾ هئي صدر دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ بيگم نصرت ڀٽو کي جنت ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ سندس روح کي ابدي سڪون نصيب ڪري صدر پنهنجي پيغام جي پڄاڻي تي چيو تہ الله ڪري هر ماءُ کي ان جي مثال سان حوصلو ملي ۽ هر ڌيءَ کي پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي پاڻ لکڻ جي همت نصيب ٿئي.

بقايا 29 روزاني عبرت

پوائنٽس گهٽجي 165046.37 پوائنٽس تي اچي ويو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن مان 167 ڪمپنين جي شيئرز جي اگهہ ۾ اضافو 273 ۾ گهٽتائي ۽ 126 جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو. شروعاتي ڪاروباري سيشن دوران مجموعي طور تي 86.56 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن جي ماليت 4.48 ارب رپيا رهي. ايم اي سي بي فلمز لميٽيڊ جي 13.75 ملين سينرجڪو پي ڪي لميٽيڊ جي 7.29 ملين ۽ پاڪستان ريفائنري لميٽيڊ جي 5.47 ملين شيئرز جو ڪاروبار ٿيو.

بقايا 30 روزاني عبرت

تعمير حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي سنڌ حڪومت ۽ گڏيل قومن جي صنعتي ترقي واري اداري (يو اين آءِ ڊي او) جي وچ ۾ ترقياتي سهڪار وڌائڻ ۽ سنڌ لاءِ 2025ع کان 2030ع تائين خاص ترقياتي پروگرام تيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي جنهن تحت تقريبن 4 ڪروڙ آمريڪي ڊالرن جا وسيلا متحرڪ ڪرڻ جو منصوبو آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سان يو اين آءِ ڊي او جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل مئنيجنگ ڊائريڪٽر فاتو حيدره جي اڳواڻيءَ ۾ اعليٰ سطحي وفد وزيراعليٰ هائوس ڪراچيءَ ۾ ملاقات ڪئي اجلاس ۾ صوبائي وزير سعيد غني صوبائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو سيڙپڪاري بابت وڏي وزير جي خاص مددگار قاسم نويد، چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم شاهہ سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل سماجي تحفظ کاتي جي سيڪريٽري خادم چنا، سيڙپڪاري کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ظهور مري ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي ملاقات دوران يورپي يونين جي سهڪار سان سنڌ ۾ جاري پائيدار ترقياتي پروگرام جي اڳڀرائي، ٻهراڙيءَ جي آباديءَ جي بحالي، ننڍن ڪاروبارن جي واڌاري، نوجوانن جي فني تربيت ۽ موسمياتي تبديلين کان محفوظ ترقياتي منصوبن تي تفصيلي غور ڪيو ويو وڏي وزير 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ کان پوءِ متاثر ٻهراڙين جي بحالي ۽ مقامي ڪاروبارن جي مدد ۾ يو اين آءِ ڊي او جي ڪردار کي ساراهيو اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ يورپي يونين جي 4 ڪروڙ 95 لک 50 هزار يورو جي گرانٽ سان سنڌ ۾ پائيدار پروگرام جاري آهي جنهن جو مقصد غربت ۾ گهٽتائي مقامي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ ٻهراڙين ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي پروگرام تحت ٺٽي، سڄاول، بدين ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ترقياتي سرگرميون جاري آهن صوبائي وزير جام خان شورو ٻڌايو تہ پروگرام تحت ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي مالي گرانٽون ۽ فني سهڪار فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ عورتن ۽ نوجوانن لاءِ معاشي موقعا پيدا ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ بدين ۾ مالي سهڪار سان هڪ عورت ڪاروباري شخصيت ريسٽورنٽ قائم ڪيو آهي، جڏهن تہ لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڪاروباري شخص فلور مل سان لاڳاپيل پاسٽا ٺاهڻ جو يونٽ قائم ڪيو آهي وڏي وزير چيو تہ مالي مدد، ڪاروباري رهنمائي ۽ مارڪيٽن تائين رسائيءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ سان ٻهراڙيءَ ۾ روزگار ۽ معاشي سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي تہ ترقياتي منصوبن جا فائدا ڊگهي مدي تائين برقرار رکڻ لاءِ بنيادي سهولتن، روزگار ۽ مقامي ڪاروبارن جي ترقيءَ کي يقيني بڻايو وڃي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ پنجن ضلعن جي لڳ ڀڳ 300 ڳوٺن لاءِ موسمياتي تبديلين جي خطرن کي منهن ڏيڻ وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪيا ويا آهن ٺٽي جي ڳوٺ لاکو پنهور جي ماڊل کي وڌيڪ 100 ڳوٺن تائين وڌائڻ لاءِ يو اين آءِ ڊي او جي سهڪار سان ڪم ڪيو ويندو انهن منصوبن تحت صاف پاڻي نيڪال روڊن صفائي ۽ توانائيءَ جي بچت وارين سهولتن کي بهتر بڻائڻ جو منصوبو آهي اجلاس ۾ نوجوانن جي فني تربيت بابت ٻڌايو ويو تہ سنڌ جي پنجن ضلعن مان 200 نوجوانن کي مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق تربيت ڏني ويندي ان مقصد لاءِ 9 کان 12 مهينن جا تربيتي ڪورس تجويز ڪيا ويا آهن جن ۾ هوٽلنگ، مهمان نوازي، برقي گاڏين ۽ شمسي توانائيءَ جي ٽيڪنالاجيءَ بابت تربيت شامل هوندي وڏي وزير زور ڏنو تہ نوجوانن کي اهڙيون عملي ۽ پيشہ ورانہ مهارتون ڏنيون وڃن جيڪي کين روزگار حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ مدد ڏين ملاقات دوران سنڌ جي ترقياتي منصوبن جي نگراني ۽ انتظام لاءِ ڊجيٽل نظام سنڌ ڊوليپمينٽ پورٽ فوليو مئنيجمينٽ سسٽم (ايس ڊي پي ايم ايس) تي بہ بريفنگ ڏني وئي ٻڌايو ويو تہ يو اين آءِ ڊي او جي فني سهڪار سان تيار ڪيل هي نظام لڳ ڀڳ ڏيڍ مهيني کان فعال آهي جنهن ۾ 3 هزار 715 هلندڙ ترقياتي اسڪيمون شامل آهن ۽ لڳ ڀڳ 250 سرڪاري عملدار ان مان فائدو وٺي رهيا آهن ڊجيٽل نظام ذريعي ترقياتي منصوبن جي رٿابندي، منظوري، نگراني، رپورٽنگ ۽ فنڊن جي بهتر ورهاست جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي ان سان گڏ موبائل ايپليڪيشن ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل اوزار شامل ڪرڻ جو ڪم بہ آخري مرحلن ۾ آهي وڏي وزير چيو تہ ڊجيٽل نظام ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ شفافيت، انتظامي ڪارڪردگي ۽ جوابدهيءَ کي بهتر بڻايو وڃي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌ لاءِ تجويز ڪيل خاص ترقياتي پروگرام کي ترجيحي منصوبي طور منظور ڪرائڻ لاءِ وفاقي حڪومت سان رابطو ڪيو ويندو جڏهن تہ موسمياتي تبديليءَ واري وزارت ۽ ٻين لاڳاپيل وفاقي ادارن سان گڏجي ان پروگرام تي ڪم ڪيو ويندو يو اين آءِ ڊي او جي وفد سنڌ جي ترقياتي ضرورتن ۽ ترجيحن مطابق پروگرام تيار ڪرڻ ۽ صوبي ۾ جامع معاشي ترقي، ٻهراڙيءَ جي خوشحالي ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 31 روزاني عبرت

باضابطا خط ملڻ شرط نرسنگ ڪائونسل جو هنگامي اجلاس گهرائي ان معاملي تي اڳڀرائي ڪرائي ويندي ڪراچي يونيورسٽي جي شعبي ڪمپيوٽر سائنس پاران منعقد ڪيل ڪيريئر ڪنيڪٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو تہ پاڪستان مان ساڍا پنج هزار نرسون پرڏيهہ ويون آهن جڏهن تہ پاڙيسري ملڪ مان ساڍا پنج لک نرسون ٻاهرين ملڪن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن هن چيو تہ عالمي سطح تي 25 لک ۽ پاڪستان ۾ 9 لک نرسن جي ضرورت آهي. تنهنڪري نرسنگ جي تعليم ۽ تربيت کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو تہ ڪراچي يونيورسٽي اسان جي ماءُ جي حيثيت رکي ٿي ۽ اها شهر جي سڃاڻپ آهي يونيورسٽي جي شاگردن کي صحيح رهنمائي ڏيڻ ضروري آهي نئين وائيس چانسلر ٿوري وقت ۾ ئي يونيورسٽي جا مسئلا سڃاڻي ورتا آهن هاڻي اميد آهي تہ اداري ۾ مثبت تبديلي ايندي مصطفيٰ ڪمال چيو تہ ملڪ ۾ نون انتظامي يونٽن جي قيام ۽ اسپتالن توڙي يونيورسٽين سميت عوامي خدمتن جي ادارن کي بهتر بڻائڻ بابت بحث جاري آهي هن چيو تہ صوبن جي وڏن وزيرن کي 8 هزار 884 ارب رپيا ڏنا ويا، جڏهن تہ مجموعي طور 22 هزار ارب رپيا پڻ خرچ ڪيا ويا آهن. پر ان باوجود ڪراچي جي صورتحال تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي سندس چوڻ هو تہ خراب حڪمراني بجلي، پاڻي ۽ سٺيون سڙڪون فراهم نٿي ڪري پر عوام ۾ مايوسي پيدا ڪري ٿي وفاقي وزير وڌندڙ آباديءَ کي بہ اهم مسئلو قرار ڏيندي چيو تہ 2023ع ۾ آدمشماري ٿي پر ملڪ ۾ هر سال نيوزيلينڊ جي آباديءَ کان وڌيڪ ماڻهو پيدا ٿين ٿا، جڏهن تہ هر پنجن سالن ۾ آسٽريليا جيتري آبادي وڌي رهي ٿي هن موجب هر سال 67 لک ٻار پيدا ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ آباديءَ ۾ واڌ موجود وسيلن تي دٻاءُ وڌائي رهي آهي هن صحت جي نظام بابت ڳالهائيندي چيو تہ ڪراچي جي وڏن خانگي اسپتالن جي ايمرجنسي شعبن ۾ مريضن کي ٽن کان چئن ڪلاڪن تائين انتظار ڪرڻو پوي ٿو ۽ اسپتالن ۾ گنجائش کان وڌيڪ مريض موجود آهن اسپتالون تعمير ڪرڻ ئي صحت جون مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ ناهي پر صاف پاڻي، آباديءَ تي ضابطو ۽ صحت جي بنيادي سهولتن جي فراهمي بہ ضروري آهي مصطفيٰ ڪمال چيو تہ ملڪ ۾ 2 ڪروڙ 60 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. جڏهن تہ اسڪولن ۾ ويندڙ ڪيترائي ٻار پڙهڻ جي بنيادي صلاحيتن کان بہ محروم آهن هن وڌيڪ چيو تہ هر سال 11 هزار مائرون فوت ٿين ٿيون ۽ روزانو 1300 ٻار فوت ٿين ٿا، جيڪي ڳڻتي جوڳا انگ آهن تقريب کي خطاب ڪندي ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر وسيم قاضي چيو تہ يونيورسٽي جي ڪمپيوٽر سائنس شعبي کي عمير باشا انسٽيٽيوٽ آف ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي نالي سان سڃاتو ويندو هن چيو تہ اداري جا ڪي تعليمي پروگرام جاري آهن ۽ ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ انهن کي قومي سان گڏ عالمي سطح جي معيار ڏيندڙ ادارن کان بہ منظوري ڏياري وڃي وائيس چانسلر ٻڌايو تہ يونيورسٽي انتظاميہ پيپرليس نظام طرف وڌي رهي آهي ۽ ايندڙ ٻن مهينن اندر شعبي جي سمورن معاملن کي ڊجيٽل بڻائڻ جو هدف رکيو ويو آهي چين جي قونصل جنرل پڻ پاڪ چين مصنوعي ذهانت ۽ سائبر سيڪيورٽي سينٽر قائم ڪرڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري آهي هن چيو تہ نصاب کي جديد گهرجن موجب بهتر ترتيب ڏنو پيو وڃي، تہ جيئن شاگردن کي ڪلاس روم سان گڏ صنعتن ۾ عملي تجربو حاصل ٿئي. ايندڙ ڇهن مهينن اندر بزنس انڪيوبيشن سينٽر قائم ڪرڻ جو منصوبو پڻ آهي، جنهن ذريعي شاگرد پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري سگهندا ۽ روزگار ڳولڻ بدران ٻين لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهندا شعبي ڪمپيوٽر سائنس جي چيئرمين ڊاڪٽر صادق علي خان چيو تہ ڪيريئر ڪنيڪٽ منعقد ڪرڻ جو مقصد تعليمي ادارن ۽ صنعتن وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ آهي هن ٻڌايو تہ شعبي ۾ اٽڪل 2500 شاگرد ڪمپيوٽر سائنس، سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۽ مصنوعي ذهانت جي ٽن شعبن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن تہ بي ايس سائبر سيڪيورٽي ۽ ايم ايس ڊيٽا سائنس جا پروگرام پڻ جلد شروع ڪرڻ جو ارادو آهي.

بقايا 32 روزاني عبرت

ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو وژن آهي تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ملڪ جي ترقي ۽ تعمير ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو تہ پيپلز پارٽي جي وژن تحت آئون اقليتي نمائندي جي حيثيت سان اڄ ڊپٽي اسپيڪر جي اهم منصب تي ويهاريو ويو آهيان هن چيو تہ سنڌ حڪومت 180 سال پراڻي چرچ جي بحالي بعد چرچ کي قومي اثاثي قرار ڏنو آهي جيڪو دنيا آڏو هڪ مثال هوندو جنهن ۾ پيپلز پارٽي ثابت ڪيو آهي تہ اقليتي کي بہ ايترو ئي حق حاصل آهي جيترو ٻين مذهبن کي آهي ان موقعي تي چيئرمين مليرٽائون جان محمد بلوچ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسين عوام جا خادم آهيون ۽ عوام جي خدمت اسان جي پارٽي جو منشور آهي، اڄ اقليتن جي عبادتگاهن جي تعمير ۽ ان جي شاندار مرمتي بحالي مليرٽائون جي عوامي چونڊيل نمائندن جو نمايان مثال آهي ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ڊاڪٽر عمران نظير شيخ، سپريڊنٽ انجنيئر رحمت الله ميمڻ، ڊائريڪٽر انفارميشن سليم خان ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 33 روزاني عبرت

جي وڌيڪ جاچ ڪندي سنڌ اسيمبليءَ ۾ اجلاس جي پڄاڻي ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو تہ وزيراعليٰ سنڌ ئي عدالتي ڪميشن جوڙي هئي ۽ حڪومت پنهنجي ذميواري تحت ڪميشن کي جاچ جو ڪم سونپيو هو هن چيو تہ عدالتي ڪميشن صحيح يا غلط جيڪو بہ فيصلو ڏنو آهي حڪومت ان معاملي کي سنجيدگيءَ سان ڏسي رهي آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ سينيئر ۽ بهتر ججز موجود آهن هوڏانهن سنڌ جي آءِ جي پوليس جاويد عالم اوڍو سنڌ اسيمبليءَ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مير رضا علي ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن جو احترام آهي هن چيو تہ ڪجهہ شيون غلط بہ ٿينديون آهن پر پوليس سلو ڪم بہ ڪري رهي آهي سندس چوڻ هو تہ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال تي ضابطو آندو ويو آهي ۽ حڪومت پاران جيڪي هدايتون ڏنيون وڃن آهن انهن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 34 روزاني عبرت

ايس آءِ سي يو ڊي پهچي سنڌ جي ناليواري فنڪار بادل راهي جي عيادت ڪئي ۽ گلن جو گلدستو پيش ڪيو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ بادل راهي جي علاج لاءِ صحت ۽ ثقافت کاتن جي عملدارن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون صوبائي وزير جي هدايت تي ثقافت کاتي پاران علاج لاءِ امدادي چيڪ پڻ بادل راهي حوالي ڪيو ويو سيد ذوالفقار علي شاهہ صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ بادل راهي کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪري سندس علاج کي يقيني بڻايو وڃي ان موقعي تي صوبائي وزير چيو تہ بادل راهي سنڌ جو وڏو نالو ۽ سڃاڻپ آهن سنڌ حڪومت هن ڏکي وقت ۾ ساڻس گڏ آهي هن چيو تہ ثقافت کاتو وقت بوقت بادل راهي جي علاج لاءِ مدد ڪندو رهيو آهي ۽ سندس علاج بابت خاندان سان پڻ رابطي ۾ آهيون صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ بادل راهي جي جلد مڪمل صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي.

بقايا 35 روزاني عبرت

جو انعقاد 24 آڪٽوبر ڇنڇر جي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ڪيو ويندو ان موقعي تي سندس ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي ويندي اها تقريب شام جو 4:30 وڳي آڊيجينس هب، شهباز ڪمرشل ڊي ايچ اي فيز 6 ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيندي سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ممتاز شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن کي علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا ۾ 2011ع ۾ ستاره امتياز سان پڻ نوازيو ويو هو.

بقايا 36 روزاني عبرت

قانوني ڪم برداشت نہ ڪيو ويندو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ مبينا جعلي ڊگرين جي معاملي جي جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جي هدايت سنڌ حڪومت پاڻ ڏني هئي محمد اسماعيل راهو چيو تہ جعلي ڊگرين کي رد ڪرڻ جو فيصلو بہ سنڌ حڪومت ئي ڪيو آهي جڏهن تہ سنڌ جو وڏو وزير ۽ يونيورسٽين وارو کاتو ان معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪرائي رهيا آهن جعلي ڊگرين جي جاري ڪرڻ ۾ جيڪو بہ ملوث نڪتو تہ ان جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي ۽ ملوث عنصرن جي سهولتڪارن کي بہ قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو صوبائي وزير چيو تہ سنڌ جي سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ وائيس چانسلرز جي مقرري لاءِ ميرٽ تي ٻڌل سرچ ڪميٽي جو نظام متعارف ڪرايو ويو آهي وائيس چانسلرز جي مقررين کان وٺي يونيورسٽين جي ٻين اهم معاملن تائين قانوني طريقيڪار ۽ ميرٽ کي يقيني بڻايو پيو وڃي هن چيو تہ سرڪاري يونيورسٽين ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي داخلائن ۽ استادن جي ڀرتين ۾ ميرٽ کي ترجيح ڏني ويندي آهي ۽ ڪنهن کي بہ سياسي بنيادن تي نوازڻ جي اجازت ناهي پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ قانون جي بالادستي يقيني بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا آهن محمد اسماعيل راهو ايم ڪيو ايم جي ماضي جي دور تي تنقيد ڪندي چيو تہ ان وقت يونيورسٽين ۾ ميرٽ جي پامالي ۽ خوف ۽ هراس جو ماحول هو ايم ڪيو ايم جي دور ۾ يونيورسٽين جا معاملا ڪيئن هلايا ويندا هئا، اهو ماضي جو حصو آهي جڏهن تہ اڄ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ميرٽ ۽ شفافيت کي ترجيح ڏني پئي وڃي صوبائي وزير ايم ڪيو ايم اڳواڻن تي زور ڀريو تہ اهي تعليمي ادارن تي بي بنياد الزام لڳائڻ کان پاسو ڪن ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ يونيورسٽين ۽ تعليمي نظام کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش نہ ڪن هن واضح ڪيو تہ جعلي ڊگرين جي معاملي ۾ ملوث ڪنهن بہ فرد کي قانون کان مٿانهون نہ سمجهيو ويندو ۽ جاچ جي نتيجي ۾ ذميوار ثابت ٿيندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 37 روزاني عبرت

ڪپتان سرفراز احمد، سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق خاص مهمانن طور شرڪت ڪئي ٽورنامينٽ جي ميزباني ڊي ايس او حاجرا نواب ڪئي جڏهن تہ ڊي ايس اوز محمد عثمان، اسماعيل شاهہ، غلام محمد ۽ ٻيون لاڳاپيل شخصيتون پڻ تقريب ۾ موجود هيون ڪراچي وومينز ڪرڪيٽ ڪپ ۾ مجموعي طور 16 ٽيمن حصو ورتو ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ ايس ايم ايس سينٽرل ٽائيگرز ۽ آءِ اسپورٽس جون ٽيمون آمهون سامهون ٿيون جنهن ۾ آءِ اسپورٽس شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ چيمپيئن ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي جڏهن تہ ايس ايم ايس سينٽرل ٽائيگرز رنر اپ ٽرافي حاصل ڪئي ٽورنامينٽ دوران انفرادي ڪارڪردگي جي بنياد تي فائقہ طارق کي بهترين بالر اشا علي کي بهترين بيٽسمين ۽ ايمان آفريدي کي ٽورنامينٽ جي بهترين رانديگرياڻي قرار ڏنو ويو نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرياڻين کي شيلڊون پڻ ڏنيون ويون اختتامي تقريب ۾ خاص مهمانن فاتح ۽ رنر اپ ٽيمن سميت نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرياڻين ۾ ٽرافيون ۽ اعزازي انعام ورهايا قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان سرفراز احمد جي تقريب ۾ شرڪت عورت رانديگرياڻين لاءِ حوصلي جو سبب بڻجي سندس موجودگيءَ نوجوان رانديگرياڻين جي همت افزائي ڪئي ۽ کين راندين جي ميدان ۾ وڌيڪ اڳتي وڌڻ جو جذبو ڏنو پنڪ ٽوبر ريڪ تحت ڪراچي وومينز ڪرڪيٽ ڪپ منعقد ڪرائڻ جو مقصد عورتن ۾ راندين کي هٿي وٺرائڻ، صحتمند سرگرمين جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ نوجوان عورت رانديگرياڻين کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 38 روزاني عبرت

هڪ تحت اختيار ڏئي ڇڏيا. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي تہ ضلعي پوليس آفيسرن طرفان ڪيس ملڻ تي لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر فوري طور ڪارروائي ڪندو پڌرائي ۾ چيو ويو تہ هي فيصلو 11 آڪٽوبر تي صوبي ۾ ايمرجنسي جي اعلان جي روشني ۾ ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد انتظامي دير گهٽ ڪرڻ ۽ امن امان بابت وقت سر قدمن کي يقيني بڻائڻ آهي پڌرائي موجب گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي هدايت ڪئي تہ ڊپٽي ڪمشنرز اختيارن جو استعمال آئين ۽ قانون موجب ڪن ۽ انهن اختيارن جو ڪنهن بہ صورت ۾ غلط استعمال نہ ٿئي عوام جي امن تحفظ ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ پهرين ترجيح آهي.

بقايا 39 روزاني عبرت

جو مقصد عوامي صحت جي تحفظ ۽ محفوظ ۽ معياري دوائن تي پهچ يقيني بڻائڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ريگيوليٽري تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو دوري دوران خاتون اول ساجده محمد عوامي صحت جي تحفظ ۽ دوائن جي معيار کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڊريپ جي قيادت ۽ پيشيوارانہ صلاحيتون رکندڙ عملي جي خدمتن ۽ عزم کي ساراهيو هن پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ صحت جي شعبي ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان اميد جو اظهار ڪيو خاص طور تي دوائن جي ضابطاجاتي معاملن ۽ عوامي صحت جي شعبن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تعاون وڌائڻ تي زور ڏنو ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ حصيداري عمل جي نئين موقعن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو جن جي ذريعي دوائن جي تحفظ کي فروغ ڏيڻ ضابطاجاتي طريقيڪار کي بهتر بڻائڻ ۽ صحت جي نظام کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

بقايا 40 روزاني عبرت

تالي منشيات جي هڪ بدنام ڏوهاري کي گرفتار ڪيو ويو آهي ان جي قبضي مان لکين رپين جي ماليت جي منشيات آئس هٿ ڪيو ويو ايس پي ڊسٽرڪٽ ايسٽ زبير نذير شيخ ٻڌايو تہ جوابدار ڊگهي عرصي کان شهر جي مختلف علائقن ۾ منشيات جو نيٽ ورڪ هلائي رهيو هو گرفتار ٿيل قاسم عرف "قاسو" پٽ عبدالخالق جو اڳوڻو ڏوهاري رڪارڊ پڻ موجود آهي هو اڳ ۾ بہ ماڊل ڪالوني ۽ مليرسٽي ٿاڻن تي داخل ڪيسن توڙي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) ۾ داخل ڪيسن ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي ايس ايس پي وڌيڪ چيو تہ جوابدار خلاف "نارڪوٽڪس ايڪٽ" (منشيات بابت قانون) تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي ان کان علاوه جوابدار جي نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ٻين ساٿين کي پڪڙڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن.

بقايا 41 روزاني عبرت

تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. آپريشن جو مقصد ماڻهن کي بيروزگار ڪرڻ نہ پر شهر کي ان جي اصل حالت ۾ بحال ڪرڻ هجڻ گهرجي بهادرآباد ۾ متحده لائرز فورم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي وسيم اختر چيو تہ اڄ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي ڳالهائيندا سين پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جنهن طريقي سان جاگيردارانہ سوچ تحت حڪمراني ڪري رهي آهي ان سبب ڪيترائي اهم ۽ حساس مسئلا پيدا ٿيا آهن هن چيو تہ هڪ هفتو گذرڻ باوجود افسوس جوڳي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن بہ لاڳاپيل اختيارين نوٽيس نہ ورتو آهي هن چيو تہ سڀ کان پهرين ذميواري چيف سيڪريٽريءَ جي آهي جنهن کي سامهون اچي معاملي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ها عدليہ ۽ وڪيل برادريءَ تي انصاف ۽ قانون جي بالادستي قائم رکڻ لاءِ اهم ذميواريون آهن وسيم اختر چيو تہ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ وڏي انگ ۾ مبينا جعلي ڊگرين جو معاملو سامهون آيو آهي سنڌ ۾ 18 سالن کان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي ۽ هر ماڻهو ان جي ڪارڪردگيءَ کان واقف آهي هن مطالبو ڪيو تہ وڏي وزير ۽ سنڌ بار ڪائونسل کي اڳتي اچي معاملي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪستان ۽ مالديپ لاڳاپن ۾ نئون دور، معاشي سهڪار جا امڪان
صفحو 4

محمود شام
ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نئين وائيس چانسلر مان اُميدون
صفحو 4

مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو
نور سنڌي
صفحو 4

سجاول ٻجير
ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال ۽ مالوند ماڻهن جي لڏپلاڻ!
صفحو 4

سيهڙ لڳ گورنمينٽ بوائز ايليمنٽري اسڪول ڳوٺ گل محمد هيسباڻي جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار

گورنمينٽ پرائمري بوائز ايليمنٽري اسڪول جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار بڻيل، بنيادي سهولتن جي پڻ اڻاٺ

پيئڻ جو صاف پاڻي، واش روم، بجلي ۽ فرنيچر نہ هجڻ سبب شاگرد ٽٽل ڇت هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي کي لکت ۾ آگاهہ ڪيو آهي پر ڪو بہ تدارڪ نہ ڪيو ويو آهي، عمارت جي مرمت ڪرائي سهولتون ڏنيون وڃن: ڳوٺاڻا

سيهڙ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڳوٺ گل محمد هيسباڻي جي بلڊنگ زبون حال هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيهڙ رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيهڙ لڳ گورنمينٽ بوائز ايليمنٽري اسڪول ڳوٺ گل محمد هيسباڻي جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف استادن ۽ ٻارن جو احتجاج تفصيل موجب سيهڙ لڳ ڳوٺ گل محمد هيسباڻي گورنمينٽ پرائمري بوائز ايليمنٽري اسڪول جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ آهي نہ پيئڻ جو صاف پاڻي نہ واشروم نہ بجلي ۽ نہ ئي فرنيچر موجود آهي شاگرد ٽٽل ڇت هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن جنهن ڪري ڪنهن بہ وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خطرو آهي. اهڙي صورتحال خلاف اڄ استادن ۽ اسڪولي ٻارڙن احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن موقعي تي استادن چيو تہ ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي کي لکت ۾ آگاهہ ڪيو آهي پر ڪو بہ تدارڪ نہ ڪيو ويو آهي. هنن ڊي سي لاڙڪاڻو ۽ وزير تعليم سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

ٻڊوقمبراڻي لڳ گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول محمد خان جروار جي عمارت زبون

ڳوٺ محمد خان جروار جي مڊل اسڪول جي عمارت زبون حال ٿيڻ ڪري ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو

زبون حال عمارت مان ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگردياڻين جون زندگيون داءَ تي لڳل، تعليم کاتي جي اختيارين اک نہ پٽي

بائيو ميٽرڪ ڪندڙ عملدار پڻ ڪيترائي ڀيرا اسڪول جون تصويرون ورتيون پر اڄا تائين اسڪول جي مرمت نہ ٿي سگهي آهي: رهواسي


ٻڊوقمبراڻي گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول محمد خان جروار جي عمارت زبون نظر اچي رهي آهي

ٻڊوقمبراڻي(ن ع) ٻڊوقمبراڻي لڳ گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول محمد خان جروار زبون حالي جو شڪار شاگردياڻيون پريشان تعليم متاثر خبر موجب ضلعي بدين تعلقي ماتلي جي يوسي ٻڊو قمبراڻي جي ڳوٺ محمد خان جروار جي مڊل اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وئي ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي جڏهن تہ شاگردياڻين جون زندگيون داءَ تي لڳل آهن ان سلسلي ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي تہ هن اسڪول جي گذريل ڪيتري ئي عرصي کان مرمت نہ ٿي آهي جنهن ڪري مختلف وقتن تي ڇاپڙ ڪرندا رهن ٿا ان موقعي تي ذريعن ٻڌايو تہ اسڪول جي مرمت لاءِ مختلف وقتن تي اعليٰ عملدارن کي اطلاع پڻ ڪيو ويو پر آفيسرن جي ڪَن تي جوءِ نہ چري سگهي بائيو ميٽرڪ ڪندڙ عملدار پڻ ڪيترائي ڀيرا اسڪول جون تصويرون ورتيون پر اڄا تائين اسڪول جي مرمت نہ ٿي سگهي آهي هوڏانهن ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي تہ هن اسڪول جي مرمت ڪري شاگردياڻين جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

لڪي غلام شاهہ ۾ آر او پلانٽ جي افتتاحي تقريب

صاف ۽ مٺو پاڻي انساني صحت لاءِ انتهائي ضروري آهي: عارف خان مهر

عوامي تڪليفن کي نظر ۾ رکندي آر او پلانٽ لڳائڻ جي اسڪيم ڏني وئي آهي

لڪي غلام شاهہ(ن ع) لڪي غلام شاهہ ۾ وليد خان مهر پيٽرول پمپ پرسان آر او پلانٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ايم پي اي حاجي محمد عارف خان مهر ربن ڪٽي. تقريب ۾ حاجي اسلم ميمڻ جاويد مهر طارق ڏهراج سيد جمال شاهہ حماد الله چانڊيو عبدالجبار مهر بشير احمد ابڙو آزاد مهر نياز برڙو سليم چنو سميت ٻيا معزز ماڻهو پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي حاجي محمد عارف خان مهر چيو تہ صاف ۽ مٺو پاڻي انساني صحت لاءِ انتهائي ضروري آهي علائقي جي ماڻهن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي حوالي سان سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جنهن کي نظر ۾ رکندي آر او پلانٽ لڳائڻ جي اسڪيم ڏني وئي آهي تہ جيئن ڀرپاسي جي رهواسين کي صاف ۽ صحت بخش پاڻي فراهم ڪري سگهجي هن چيو تہ اڳ ۾ فراهم ٿيندڙ پاڻي پيئڻ جي لائق نہ هو جيڪو انساني صحت لاءِ پڻ نقصانڪار ٿي سگهي پيو ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ آر او پلانٽ قائم ڪيو ويو آهي جنهن جي نگراني ۽ سارسنڀال هو پاڻ ڪندو. ايم پي اي حاجي محمد عارف خان مهر وڌيڪ چيو تہ سرڪاري سطح تي سهڪار ملي يا نہ ملي پر آر او پلانٽ جي سارسنڀال کي يقيني بڻايو ويندو ۽ علائقي جي عوام کي مفت صاف ۽ مٺو پاڻي فراهم ڪيو ويندو تہ جيئن ماڻهن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت سنڌن علائقي ۾ ئي ميسر ٿي سگهي

لڪي غلام شاهہ آر او پلانٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ صوبائي ٽاسڪ فورس جو فالو اپ اجلاس

پوليو جي خاتمي لاءِ جاري ميڊيا مهم کي وڌيڪ اثرائتو ۽ فعال بڻائڻ جو فيصلو

پوليو کان بچاءَ بابت عوامي آگاهي جي سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو: سيڪريٽري اطلاعات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ جاري ميڊيا مهم کي وڌيڪ اثرائتو ۽ فعال بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جو مقصد والدين ۽ عام ماڻهن ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جي اهميت بابت آگاهي کي هٿي وٺرائڻ آهي. ان سلسلي ۾ صوبائي ٽاسڪ فورس جو فالو اپ اجلاس سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر جنرل اطلاعات سنڌ محمد يوسف ڪابورو، صحت کاتي، اي پي آءِ سنڌ ۽ يونيسيف جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سيڪريٽري اطلاعات لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي تہ پوليو کان بچاءَ بابت عوامي آگاهي جي سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ پرنٽ، اليڪٽرانڪ، سوشل ۽ ڊجيٽل ميڊيا جو ڀرپور ۽ اثرائتو استعمال يقيني بڻايو وڃي. هن ڊويزنل ۽ ضلعي سطح تي پڻ آگاهي مهم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئي تہ جيئن معاشري جي سمورن طبقن تائين صحيح معلومات پهچائي سگهجي. سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ زور ڏنو تہ پوليو ويڪسين بابت غلط فهمين، افواهن ۽ بي بنياد اطلاعن جي خاتمي لاءِ تصديق ٿيل ۽ مستند معلومات جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. هن چيو تہ اثرائتي رابطي مسلسل آگاهي ۽ عوامي اعتماد کي هٿي وٺرائڻ پوليو جي خاتمي جي ڪوششن ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي، صحت کاتي، اي پي آءِ سنڌ ۽ يونيسيف وچ ۾ گڏيل سهڪار ۽ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو تہ جيئن سڄي صوبي ۾ پوليو کان بچاءَ بابت ميڊيا مهم کي گڏيل حڪمت عملي تحت اثرائتو ۽ نتيجا ڏيندڙ بڻائي سگهجي. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ ٻارن کي پوليو کان محفوظ رکڻ، والدين ۾ آگاهي وڌائڻ ۽ صوبي مان پوليو جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششن کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

ڪراچي سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ پوليو خاتمي لاءِ ميڊيا مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

ميرپورخاص ۾ سنڌڙي جي ڳوٺ پير شاهہ واسي ڳوٺاڻي جو احتجاج

نياڻي کي ويجهو عزيز علاج لاءِ وٺي ويو جيڪو نياڻي سميت گم آهي: پيرو ڪولهي

خدشو آهي تہ نياڻي کي قتل يا وڪرو ڪيو ويندو، نوٽيس وٺي بازياب ڪرائي ڏني وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) نياڻي کي ويجهو عزيز علاج لاءِ وٺي ويو جيڪو نياڻي سميت گم آهي خدشو آهي تہ نياڻي کي قتل يا وڪرو ڪيو ويندو اهڙو اظهار سنڌڙي جي ڳوٺ پير شاهہ واسي ڳوٺاڻي پيرو ڪولهي ٻين ماڻهن سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان ڏانهيندي ڪيو. پيرو ڪولهي وڌيڪ چيو تہ 16 سالا نياڻي لڪمان ڪولهي جيڪا ذهني مريض آهي 02 ڏينهن پهريان ويجهو مائٽ ڪستورو علاج ڪرائڻ واسطي ميرپورخاص وٺي ويو جنهن بعد نياڻي سميت گم آهي هن چيو تہ خدشو آهي نياڻي کي پئسن عيوض وڪرو يا قتل ڪيو ويندو اهڙي شڪايت حد جي پوليس کي پڻ ڏني آهي پر ڪو بہ تدارڪ نہ ٿيو آهي نياڻي جي اغوا بعد گهر ۾ ڪهرام مچل آهي مجبور والد واسطيدار اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽس وٺي نياڻي کي بازياب ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص سنڌڙي جي ڳوٺ پير شاهہ واسي ڳوٺاڻو احتجاج ڪندي

ملي جي ڳوٺ دلن جي ٽڙ جي ڳوٺاڻي جو احتجاج

ملي (ڊ-ر) تعلقي ملي جي ڳوٺ دلن جي ٽڙ جي ڳوٺاڻي داڏو ولد تماچي پريس ڪلب ملي پهچي صحافين اڳيان ڏانهيندي الزام هنيو آهي تہ صدام حسين ولد عبدالرحيم ذات دل پوليس ڪانسٽيبل جيڪو ٿاڻو چيلهار تي ڊيوٽي ڪري ٿو مبينا طور منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث آهي ۽ اسان کي شڪايت آهي تہ هو شراب پيئڻ ۽ وڪرو ڪرڻ سان گڏ منشيات جي وڪري ۾ بہ ملوث آهي ۽ صدام حسين اسان کي ڌمڪيون ڏئي زوري زبردستي تنگ ڪري رهيو آهي تہ ڳوٺ اڪلين ۾ رڪيل سفينا جي پوڙين جا ڪٽا، جيڪي مبينا طور منشيات جي سلسلي سان لاڳاپيل آهن، ڪٽي اچي ڏيون جڏهن اسان انڪار ڪيو تہ صدام حسين سنڌس ڀاءُ ذوالفقار علي قلندر بخش محمد جمن ۽ سنڌن ساٿي مختيار دل ولد علي محمد دل جنهن بابت پڻ منشيات جي وڪري ۾ ملوث هجڻ جي شڪايت آهي، اسان سان دشمني ڪري تنگ ڪري رهيا آهن ۽ سوڙ اهڙي درخواست ايس ايس پي ٿرپارڪر کي بہ ڏني آهي. هن مطالبو ڪيو تہ منشيات ۾ ملوث پوليس اهلڪار ۽ ساٿين خلاف قدم کڻي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

موبائل فونز جي قومي آمدني واپار ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران 29 سيڪڙو ڪان وڌيڪ جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) ملڪ ۾ موبائل فونن جي قومي آمدني واپار ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران 29 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي انگن اکرن واري سرڪاري اداري موجب ان عرصي دوران موبائل فونن جي آمدني واپار جو ڳاڻيٽو 143 مليَن ڊالرن تائين گهٽجي ويو جڏهن تہ سيپٽمبر 2025ع دوران موبائل فونن جي آمدني واپار جي ماليت 199 مليَن ڊالرن رهي هئي اهڙي ريت سيپٽمبر 2025ع جي ڀيٽ ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران موبائل فونن جي ملڪي آمدني واپار ۾ 56 مليَن ڊالرن يعني 28.14 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي

مديني ۾ قدرتي چراگاهن جي بحالي جي مهم شروع

رياض (اي پي پي)سعودي عرب جي قومي اداري (اين سي وي سي) جي مديني شاخ قدرتي چراگاهن جي بحالي لاءِ مهم شروع ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب نيشنل سينٽر فار ويجيٽيشن ڪور اينڊ ڊولپمينٽ اينڊ ڪمبيٽنگ ڊيزرٽيفڪيشن(اين سي وي سي) جي مديني شاخ گذريل ڏينهن بيان ۾ ٻڌايو تہ هلندڙ سال جي قومي وڻڪاري سيزن تحت برسات مان فائدو کڻندي 10 هزار 398 هيڪٽرز جي ايراضي تي 18 هزار 719 ڪلو گرام ٻج ڇٽيو ويو آهي الحناڪيہ گورنريٽ ۾ مهم تحت ڪنگ عبدالعزيز رائل ريزرو ڀاران 8 هزار 836 هيڪٽرن جي ايراضي تي 15 هزار 906 ڪلو گرام ٻج ڇٽيو ويو جڏهن تہ الشقران جي چراگاهن جي 266 هيڪٽرن جي ايراضي تي 480 ڪلو گرام ٻج ڇٽيو ويو محافظ بدر ۾ الصميده جي چراگاهن جي 955 هيڪٽرن جي ايراضي تي هڪ هزار 719 ڪلو گرام ٻج ڇٽيو ويو آهي قومي مرڪز جديد مشينري ذريعي مقامي گاهہ ۽ چاري جي ٻوٽن جو ٻج ڇٽيو تہ جيئن غيرآباد زمينن کي بحال ڪري سگهجي

ميهڙ لڳ ڳوٺ حمل جي رهواسي جو بااثرن خلاف احتجاج

ميهڙ(ن ع) ميهڙ لڳ ڳوٺ حمل فريد آباد پرسان رهندڙ معشوق ميراڻي چانڊيو ۽ سنڌس ڀائٽيي سجاد ميراڻي چانڊيو آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف ڏانهيندي انصاف جي اپيل ڪئي آهي احتجاج ڪندڙ معشوق ميراڻي چانڊيو صحافين آڏو موقف اختيار ڪندي چيو تہ سنڌس گهرواري ريشمان چانڊيو ڇهہ مهينا اڳ گهر ڇڏي هلي وئي هئي جڏهن تہ هوءَ پنهنجي معصوم ڪير پياڪ پٽ عرفان کي بہ گهر ۾ ڇڏي وئي هن دعويٰ ڪئي تہ معصوم ٻار بعد ۾ فوت ٿي ويو هنن الزام لڳايو تہ ريشمان چانڊيو پاران مٿن بي بنياد الزام لڳائي کين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏهن تہ ڳوٺ جا ڪجهہ بااثر ماڻهو کين ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو تہ هنن نوابزاده برهان خان چانڊيو کان فيصلي لاءِ خط پڻ ورتو آهي پر سنڌن چوڻ موجب اڄا تائين ان تي عمل نہ ٿي سگهيو آهي هنن ٻڌايو تہ سنڌن ٽُمندار رئيس بخشل خان آهي ۽ هو ڪيترن ئي ماڻهن وٽ پنهنجون ڏاتهون ڪٽي ويا آهن پر ان باوجود سنڌن خلاف پوليس موڪلي کين هراسان ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ عورتن جي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيمينار

هر سال 90,000 هزار کان وڌيڪ عورتن ۾ ڇاتيءَ جي ڪينسر جي تشخيص ٿئي ٿي: ماهر

ستر سيڪڙو عورتن کي اسٽيج 3 ۽ 4 تي خبر پوي ٿي ان وقت دير ٿي چڪي هوندي آهي

سڪرنڊ (ن ع) عورتن جي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت نورين هاسپيٽل ۾ ڊائريڪٽر پروفيسر ميڊم سردار خاتون جي ميزبانيءَ هيٺ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف شعبن سان لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي جن ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ڊائريڪٽر نمرا هاسپيٽل جامشورو ڊاڪٽر محمد صالح نهڙيو ڊي ايڇ او مشتاق احمد زرداري، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر منصور سومرو ڊاڪٽر محمد صادق سيال سردار چاچر فيروز اٿو شير باز مري، ڊاڪٽر مجاهد چانڊيو پروفيسر علي بخش سومرو ميڊم نوابشاهہ قاضي رشيد احمد ڀٽي زڪوات کاتي جي ضلعي آفيسر ظفر علي آرائين بيت المال جو ضلعي آفيسر شهزادو جسڪاڻي ۽ ٻيا آفيسر شامل هئا آگاهي سيمينار ۾ ڊاريڪٽر ميڊم سردار خاتون سڀ کان پهرين ڪينسر بابت مڪمل ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو تہ پاڪستان ۾ هر سال 90,000 هزار کان وڌيڪ عورتن ۾ ڇاتيءَ جي ڪينسر جي تشخيص ٿئي ٿي WHOڊيٽا موجب هر9 مان 1 عورت کي ڪينسر جو خطرو آهي جڏهن تہ 70 سيڪڙو عورتن کي اسٽيج 3 ۽ 4 تي خبر پوي ٿي ان وقت دير ٿي چڪي هوندي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو تہ پاڪستان ۾ روزانو 109 عورتون ان ڪري فوت ٿي رهيون آهن جڏهن تہ WHOموجب ساليانو 90 هزار نوان ڪيس ظاهر ٿي رهيا آهن ميڊم سردار خاتون آيل مهمانن توڙي پبلڪ کي اهو ميسيج ڏنو تہ هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا توهان پنهنجي گهر جي عورتن کي خود معائني جو طريقو سيکاريو آهي جي اڄ نہ تہ پوءِ ڪڏهن ان ڪري زندگي سان پيار ڪرڻ سکو ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ شرم نہ خاموشي بہ نہ اوهان جو ترت سجاڳ ٿيڻ زندگي بدلائي سگهي ٿو ان ڪري اڄ ئي پنهنجي پيارن کي چئو تہ پاڻ کي چيڪ ڪرايو جلد تشخيص سبب 98 سيڪڙو علاج ممڪن آهي آگاهي سيمينار دوران پروفيسر سردار خاتون اداري جي ڪارڪردگي بابت آگاهي پڻ ڏني جڏهن تہ ڪجهہ مشينري جي ضرورتن تي هن ڳالهائيندي چيو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت سهڪار ڪري تہ مريضن کي ڪراچي يا گمبٽ جا پنڌ ڪرڻا نہ پوندا آخر ۾ وڻڪاري مهم بابت گفتگو پڻ ڪئي وئي جڏهن تہ سمورن مهمانن آگاهي واڪ پڻ ڪيو جنهن بعد بوٽا لڳايا ويا جتي فاريسٽ آفيسر مشتاق زرداري وڻڪاري بابت بريفنگ ڏني ان دوران گڏيل پروگرام کي آرگنائيز ڪندڙ ڊاڪٽر غلام اصغر چانڊيو آيل مهمانن جو مانائتو آڌر ڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ سڪرنڊ ۾ عورتن جي ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيمينار جو ڏيک

جامعه ڪراچي ۾ خصوصي شاگردن جي ذهني مضبوطي ۽ خود اعتمادي لاءِ آگاهي پروگرام

جامع ڪراچي جي وي سي پروفيسر وسيم قاضي جو خصوصي شاگردن جي لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ جو عزم

شاگردن کي ذهني دٻاءُ ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد وڌائڻ جي عملي طريقن بابت آگاهہ ڪيو

ڪراچي (پ ر) جامعه ڪراچي جي وائيس چانسلر وسيم قاضي جي هدايتن تي خصوصي ضرورتن وارن شاگردن جي ذهني مضبوطي خود اعتمادي ۽ ذهني دٻاءُ کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام جو مقصد شاگردن کي ذهني دٻاءُ کان بچائڻ، سنڌن خود اعتمادي وڌائڻ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت کي هٿي ڏيڻ ۽ تعليمي توڙي سماجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي شامل ڪندڙ تعليمي ماحول (Inclusive Educational Environment)جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ويو تہ خصوصي ضرورتن وارن شاگردن کي برابريءَ جا موقعا، مناسب سهولتون ۽ عزت ڀريو ماحول فراهم ڪرڻ ضروري آهي جيئن هو ٻين شاگردن سان گڏ تعليمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن پروگرام دوران ذهني دٻاءُ جذباتي ٿڪاوٽ ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ بابت آگاهي ڏني وئي، جڏهن تہ شاگردن ۾ مثبت سوچ خود اعتمادي ۽ حالتن سان هم آهنگ ٿيڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ کي بہ اهم قرار ڏنو ويو پروگرام جو بنيادي مقصد يونيورسٽيءَ ۾ اهڙو سهڪاري ۽ شامل ڪندڙ تعليمي ماحول قائم ڪرڻ آهي، جتي خصوصي ضرورتن وارا شاگرد پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن ۽ تعليمي توڙي عملي زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جا برابر موقعا ماڻي سگهن

ٽنڊو جان محمد جي رهواسي پاران مبينا طور پسٽل جو فائر ڪري آپگهات

هريش ڪمار مبينا طور پسٽل جو فائر ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

خودڪشي بابت اصل ڪارڻ اڃا تائين باضابطا طور سامهون نہ اچي سگهيا آهن

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي تعلقي جي ٽائون ٽنڊو جان محمد جي رهواسي مبينا طور پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو ٽنڊو جان محمد جي رهواسي مبينا طور پسٽل جو فائر ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو تفصيل موجب ٽنڊو جان محمد جي رهواسي هريش ڪمار ولد سيٺ واشو مل ايسراڻي گذريل ڏينهن پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ مبينا طور پاڻ تي پسٽل جو فائر ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو گهر ڀاتين کيس فوري طور رورل هيلٿ سينٽر ٽنڊو جان محمد منتقل ڪيو جتان ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ تعلقي اسپتال ڏگهڙي ريفر ڪيو ويو پر هو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو. تعلقي اسپتال ڏگهڙي پهچڻ تي ڊاڪٽرن سنڌس موت جي تصديق ڪئي.فوتي جي ويجهن خانداني ذريعن موجب هريش ڪمار بدين ضلعي جي علائقي پيرزاده فارم تي مئنيجر طور پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيو هو ۽ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان پريشان نظر اچي رهيو هو ذريعن جي دعويٰ آهي تہ هو ڪروڙين رپين جي قرض ۽ قرض ڏيندڙن پاران رقم جي واپسي لاءِ مسلسل تقاضائن سبب ذهني دٻاءُ جو شڪار هو.خودڪشي بابت اصل ڪارڻ اڃا تائين باضابطا طور سامهون نہ اچي سگهيا آهن

ڪڪڙ شهر ۾ سوئي گئس جي گهٽ پريشر جو آزار

هڪ مهيني کان مسلسل رڌ پچاءَ وقت گئس جو پريشر گهٽ هجي ٿو: شهري

مسلسل شڪايتون ڪرڻ باوجود سوئي گئس انتظاميا کي ڪن تي جوءِ بہ نہ ٿي چري

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ سوئي گئس جي هٿرادو لو پريشر سبب شهري الطاف محسن هاشمي، محمد رمضان ٻيرو مولاداد جوڻيجو برڪت علي، جاويد محسن، ممتاز علي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي تہ گذريل هڪ مهيني کان مسلسل رڌ پچاءَ وقت گئس جو هٿرادو گهٽ پريشر آزار بڻيل رهيو آهي جنهن سبب شهري سخت پريشاني ۾ ورتل آهن شهرين جو چوڻ آهي تہ هر مهيني سوئي گئس جا ڳرا بل بہ ادا ڪري رهيا آهيون ان باوجود گئس پريشر نہ هجڻ ڪري هزارين رپين جو اضافي خرچ ڪري ڪاٺيون وٺي رڌ پچاءَ ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهيون جڏهن تہ سوئي گئس انتظاميا کي ڪن تي جوءِ بہ نہ ٿي چري. احتجاج ڪندڙ شهرين ايريا مينيجر دادو ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪڪڙ شهر مان هٿرادو لو پريشر جو آزار ختم ڪيو وڃي

دادو اسپتال جي ايم ايس پاران پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ کي ڌمڪين جي مذمت

اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۽ تنظيمي اڳواڻن سان اهڙو رويو قبول ناهي: غلام قادر راڄپر

اڳواڻ کي مبينا طور ڌمڪائڻ، هراسان ڪرڻ ۽ بدڪلامي جو نشانو بڻائڻ وارو عمل قبول نہ ڪيو ويندو

دادو(پ ر) دادو اسپتال جي ايم ايس پاران پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي اڳواڻ کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ مبينا بدڪلامي جي مذمت، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو غلام قادر راڄپر ۽ ٻين اڳواڻن پاران زاهد حسين گرماڻي سان مبينا ناروا سلوڪ تي ڳڻتي جو اظهار دادو: پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ غلام قادر راڄپر تعلقہ اسپتال قاسم آباد جي صدر نديم سولنگي، جنرل سيڪريٽري فضل دائيم ڪوريجو ۽ اطلاعات سيڪريٽري نظام الدين مگسي پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) پاران پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ دادو جي آرگنائيزر زاهد حسين گرماڻي کي مبينا ڌمڪيون ڏيڻ، هراسان ڪرڻ ۽ بدڪلامي ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي هنن چيو تہ اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۽ تنظيمي اڳواڻن سان عزت ۽ احترام وارو رويو اختيار ڪرڻ انتظامي عملدارن جي ذميواري آهي ڪنهن بہ ملازم يا تنظيمي اڳواڻ کي مبينا طور ڌمڪائڻ هراسان ڪرڻ ۽ بدڪلامي جو نشانو بڻائڻ وارو عمل قبول نہ ڪيو ويندو اختلافن ۽ مسئلن کي ڳالهين، قانوني طريقيڪار ۽ اداري جي ضابطن تحت حل ڪرڻ گهرجي هنن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جا ساٿي پنهنجي جائز حقن عزت ۽ وقار لاءِ آواز اٿاريندا رهندا ۽ ڪنهن بہ قسم جي مبينا زيادتين تي خاموش نہ ويهندا. پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي اڳواڻن پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ سيڪريٽري صحت سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ عملدار کان ضابطن جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي تہ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن اسپتالن ۾ ملازمن لاءِ عزت ڀريو ۽ سازگار ماحول برقرار رهي

شهدادپور ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مهر علي ٽالپر جي شاگردن جو احتجاج

هيڊ ماستر اسد ڪلهوڙي تي مبينا طور من گهڙت الزام لڳائڻ خلاف شاگردن احتجاج ڪيو

معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: شاگردن جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي پرسان ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ 300 کان وڌيڪ ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جن ۾ شاگردياڻين جو پڻ وڏو انگ شامل آهي. اسڪول جي استاد ۽ هيڊ ماستر اسد ڪلهوڙي خلاف سوشل ميڊيا تي مبينا طور من گهڙت الزام لڳائڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ شاگردن پاران شهدادپور پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ سانول خاصخيلي حاجي خان بروهي، محرم خاصخيلي پيارو خاصخيلي مرتضيٰ ٽالپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن شرڪت ڪندي هيڊ ماستر جي حق ۾ آواز اٿاريو ان موقعي تي مظاهرين تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ لاڳاپيل استاد کي اسڪول مان بدلي نہ ڪيو وڃي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ هيڊ ماستر اسد ڪلهوڙو گذريل 9 سالن کان سنڌن ٻارن کي تعليم ڏئي رهيو آهي جنهن سبب ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم جو سلسلو جاري آهي هنن چيو تہ جيڪڏهن استاد جي بدلي ڪئي وئي تہ اسڪول بيهر بند ٿيڻ جو خدشو آهي جنهن سان سنڌن ٻار تعليم جي روشنيءَ کان محروم ٿي سگهن ٿا ڳوٺاڻن سنڌ جي وزير تعليم ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي تہ سنڌن مطالبن جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول ۾ تعليمي سلسلو برقرار رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن جيئن ڳوٺ جا ٻار تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم نہ ٿين

EXPLORING the TRUTH
PRESS CLUB
پريس
شهدادپور گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مهر علي ٽالپر جي شاگردن جو احتجاج

محرابپور ۾ عوامي شڪايتن تي غير قانوني حدخلين خلاف آپريشن، ناجائز اڏاوتون ڊاهي پٽ

ڊي سي نوشهروفيروز جي هدايتن رڪشا هٽرائي، ڪچا پڪا ڇپرا، سائن بورڊ ۽ دڪا ڪيرائي پٽ ڪيا ويا

شهر جا ڪيترائي علائقا ڪارروائي کان اڳا هٽڻ ڪري حدخلين هيوي ٽرئفڪ جي آمد رفت شهرين کي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا

حدخلين جي شڪايتن تي ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي، غير قانوني والار ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪئي ويندي: اي سي

محرابپور محرابپور غير قانوني اڏاوتن حدخلين خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

محرابپور (ٿ-ر) محرابپور ۾ غير قانوني حدخلين جي عوامي شڪايتن ۽ ڊي سي نوشهروفيروز جي نوٽيس ۽ هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر محرابپور فهد انور بلوچ مختيارڪار آصف شر اينٽي اينڪروچمينٽ ٽيم ۽ پوليس ساڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن نيو ٽائون ٺري روڊ جناح چوڪ ٺري ڦاٽڪ سميت روڊ رستن تي ڪيل غير قانوني والار حدخلين خلاف ڪارروائي ڪري ريڙها ريڙهيون رڪشا هٽرائي، ڪچا پڪا ڇپرا سائن بورڊ ۽ دڪا ڪيرائي پٽ ڪرائي ڇڏيا جڏهن تہ شهر جا ڪيترائي علائقا ڪارروائي کان اڳا هٽڻ ڪري حدخلين هيوي ٽرئفڪ جي آمد رفت شهرين کي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي شهر جي مين گيٽن کان هالاڻي روڊ ڪوٽڙي روڊ لوڌي چوڪ اسٽيشن روڊ ٺري روڊ شاهي بازار سيال آباد روڊ سميت ڪارروائي کان اڳا رهيا هوڏانهن اي سي محرابپور موجب حدخلين جي شڪايتن تي ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي هن چيو تہ شهر ۾ غير قانوني والار ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪئي ويندي ۽ قبضا مافيا خلاف ڪارروائي جاري رهندي.

سجاول ضلعي ۾ 600 کان وڌيڪ اين سي ايڇ ڊي استاد پگهارن کان محروم

ڊيٽابيس فائنل ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن نہ موڪلڻ خلاف ڊي اي او پرائمري آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو

سجاول ضلعي جي استادن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، ڪيترن ئي ضلعن جي استادن جا ڊيٽابيس ڪليئر ٿي چڪا آهن: استاد

پگهارون نہ ملڻ سبب استاد سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن، مسئلو ترت حل ڪري پگهارن جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي

سجاول (رپورٽ:هدايت کتي) سجاول ضلعي ۾ 600 کان وڌيڪ اين سي ايڇ ڊي استاد پگهارن کان محروم ڊي اي او آفيس اڳيان ڌرڻو خبر موجب سجاول ۾ اين سي ايڇ ڊي پرائمري استادن ميل ۽ فيميل استادن ڊيٽابيس فائنل ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن نہ موڪلڻ خلاف ڊي اي او پرائمري آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو استادن موجب ڊيٽابيس وارو معاملو رولڙي جو شڪار هجڻ سبب ضلعي جا 600 کان وڌيڪ استاد پگهارن کان محروم آهن احتجاج ڪندڙ استادن چيو تہ ڪيترن ئي ضلعن جي استادن جا ڊيٽابيس ڪليئر ٿي چڪا آهن پر سجاول ضلعي جي استادن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي سنڌن الزام هو تہ ڊي اي او پرائمري گذريل هڪ مهيني کان رڳو آسرا ڏئي رهيو آهي پر اڃا تائين ڊيٽابيس فائنل ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن نہ موڪليو ويو آهي هنن چيو تہ پگهارون نہ ملڻ سبب استاد سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ ڊيٽابيس جو مسئلو ترت حل ڪري پگهارن جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي، کين ريگيولر ڪيو وڃي ۽ سنڌن جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن احتجاجي ڌرڻي ۾ عبدالعزيز مجاري گل حسن رند، سائين ڏنو جهنڊيل نواب روپائي غلام مصطفيٰ سومرو سيد اسماعيل شاهہ عبدالواحد پليپوٽو بير چارڻ حبيب الله راڄڙ منظور علي لغاري، امبرين راهو لطيف ٻوبڪ، نورجهان قمبراڻي، نائلا گهراڻو زاهدہ ميراڪو سفير خليفو جميلا سميت ٻين استادن شرڪت ڪئي

ڏگهڙي جي سماجي شخصيت
ذاڪر عبدالغفار خان قائم خاني
عرف ماما گيسو لاڏاڻو ڪري ويو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي مشهور و معروف سماجي شخصيت ذاڪر عبدالغفار خان قائم خاني عرف ماما گيسو لاڏاڻو ڪري ويو، شهر ۾ سوڳ جي لهر ڏگهڙي جي معروف سماجي شخصيت، ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي سرپرست اعليٰ ۽ جماعت اهلسنت جي سرگرم اڳواڻ مرحوم ذاڪر امام علي خان جو وڏو پٽ ذاڪر عبدالغفار خان قائمخاني عرف ماما گيسو اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ علاج دوران لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس لاڏاڻي جي خبر پوڻ تي قائمخاني برادري سميت سڄي شهر ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي مرحوم عبدالغفار خان قائمخاني پنهنجي ننڍي ڀاءُ پروفيسر ذاڪر عبدالجبار خان قائم خاني جي چاليهي ۾ شرڪت لاءِ ڏگهڙي کان ڪراچي ويل هو واضح رهي تہ سنڌس ننڍو ڀاءُ پروفيسر عبدالجبار خان قائمخاني عمري جي ادائيگي دوران مديني منوره ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو

عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي اگهہ ۾ گهٽتائي،جنسن جي اگهہ ۾ گڏيل لاڙو رهيو

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن سون جي اگهہ ۾ گهٽتائي آئي جڏهن تہ جنسن جي اگهہ ۾ گڏيل لاڙو رهيو سون جو اگهہ 57.63 ڊالرز جي گهٽتائي سان 4,083.11 ڊالرز في اونس جڏهن تہ چاندي جو اگهہ 1.77 ڊالرز جي گهٽتائي سان 55.95 ڊالرز في اونس رهيو اهڙي ريت جنسن ۾ مڪئي جي اگهہ ۾ 0.75 ڊالر جو اضافو ٿيو جنهن کان پوءِ مڪئي 465 ڊالرز في بشل ۾ وڪرو ٿي جڏهن تہ ڪڻڪ جو اگهہ 0.75 ڊالر جي گهٽتائي سان 627 ڊالرز في بشل ٿي وئي ڪپهہ جي اگهہ ۾ 0.61 ڊالر جو اضافو رڪارڊ ٿيو

سنڌ حڪومت تعليم ۽ تربيت تي خاص زور ڏئي رهي آهي: سردار شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص زور ڏئي رهي آهي ۽ هو تعليم واري وزير جي حيثيت سان ان مقصد لاءِ هر ممڪن قدم کڻندو هن يقين ڏياريو تہ صوبائي حڪومت ڪراچي يونين آف جرنلسٽس جي ميمبرن جي ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندي ۽ انهن ذهين شاگردن کي اسڪالرشپ (وظيفا) پڻ ڏيندي جيڪي تعليمي ميدان ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندا. ڪراچي يونين آف جرنلسٽس جي هن الڳ الڳ وفدن سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ ۽ تعليم کاتي جي عملدارن سان ملاقاتون ڪيون خانگي ادارن جي انسپيڪشن اينڊ رجسٽريشن ڊائريڪٽوريٽ (سنڌ) جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر رفيعا جاويد سان ملاقات دوران ڊائريڪٽوريٽ جا ڊائريڪٽر جنرل محمد افضل ۽ مانيٽرنگ آفيسر اخلاق احمد پڻ موجود هئا. ڪي يو جي جي وفدن ۾ گرين پينل جو سربراهہ سيد حسن عباس، ڪي يو جي جو صدر اعجاز احمد، جنرل سيڪريٽري لبنيٰ جرار نقوي، ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر زوهيب حسن زرداري شامل هئا. ان ملاقات ۾ ڪي يو جي جي ميمبرن جي ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ انهن مسئلن کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو تعليم واري وزير سردار شاهہ ورجايو تہ سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت کي اوليت ڏئي رهي آهي ۽ هن عزم ظاهر ڪيو تہ هو تعليم واري وزير جي حيثيت سان هن مقصد جي حمايت لاءِ سمورا ضروري قدم کڻندو ان دوران تعليم کاتي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر رفيعا جاويد، سنڌ ۾ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس پاران پيش ڪيل تجويزن کي ساراهيو هن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ مستقبل ۾ بہ اهڙا مثبت رابطا ۽ ملاقاتون جاري رهنديون

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهہ ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن ڪچي تيل جي اگهہ ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو رپورٽن موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ (ڊبليو ٽي آءِ) جا مستقبل لاءِ سودا 2.71 ڊالرن جي اضافي سان 99.86 ڊالرز في بيرل جڏهن تہ برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا سودا 3.53 ڊالرن جي اضافي سان 112.35 ڊالرز في بيرل ۾ طئہ ٿيا

يوسي 29 اڏيرو لال وليج جي خالي ٿيل چيئرمين واري سيٽ تي ضمني چونڊ

چيئرمين واري سيٽ تي امتياز علي جهيجو پنهنجو نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪاميابي ماڻي يوسي جي عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ لاءِ پراميد آهيان: امتياز علي جهيجو

مٽياري (ڊ ر) يوسي 29 اڏيرو لال وليج جي خالي ٿيل چيئرمين واري سيٽ تي امتياز علي جهيجو مخدوم جميل الزمان جي ڪوآرڊينيٽر سيد ممتاز علي شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ ريليءَ جي صورت ۾ اي سي آفيس مٽياري پهچي پنهنجو نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو يوسي 29 اڏيرو لال وليج جي چيئرمين حاجي جمن جهيجو جي وفات ڪانپوءِ خالي ٿيل سيٽ تي سنڌس فرزند امتياز علي جهيجو سروري جماعت جي روحاني پيشوا ۽ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان جي ڪوآرڊينيٽر سيد ممتاز علي شاهہ جي موجودگيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري جي آفيس پهچي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو جڏهن تہ سنڌس ڪورنگ اميدوار طور چنو جهيجو پڻ نامزدگي فارم جمع ڪرايو ان موقعي تي امتياز علي جهيجو چيو تہ تقريبن 11 مهينا اڳ سنڌس والد حاجي جمن جهيجو جيڪو يوسي 29 اڏيرو لال وليج جو چيئرمين هو وفات ڪري ويو هن چيو تہ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان ۽ سنڌس ڪوآرڊينيٽر سيد ممتاز علي شاهہ جي مهربانين سان نامزدگي فارم جمع ڪرايو آهي ۽ هو ڪاميابي ماڻي يوسي جي عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ لاءِ پراميد آهيان ٻئي طرف سيد ممتاز علي شاهہ چيو تہ اڳ بہ اسان وڏي ليڊ سان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي اسان کي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ ملندي هن چيو تہ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان جي ساٿ سان يوسي 29 اڏيرو لال وليج سان وڏي ڌام ڌوم سان ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي اميدوار کي سوڀارو ڪنداسين ان موقعي تي آخوند جاويد اختر صديقي سميت علائقي جا معززين پڻ موجود هئا. اليڪشن ڪميشن سنڌ جي جاري ڪيل شيڊول موجب نامزدگي ڪاغذن جي جانچ 24 کان 28 آڪٽوبر ابتدائي فهرست 29 آڪٽوبر ۽ حتمي فهرست 7 کان 9 نومبر تائين جاري ڪئي ويندي، جڏهن تہ چونڊن لاءِ پولنگ 22 نومبر تي ٿيندي

مٽياري چيئرمين واري سيٽ تي امتياز علي جهيجو پنهنجو نامزدگي فارم جمع ڪرائي رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ اسڪول جي نئين عمارت جو افتتاح

سنڌ حڪومت جون تعليم جي بهتري لاءِ خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن: اڳواڻ

سنڌ حڪومت ميرٽ جي بنياد تي هڪ لک کان وڌيڪ پرائمري ۽ سيڪنڊري استاد ڀرتي ڪيا آهن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ پرائمري بوائز اسڪول ڏڙا هنگورا ايٽ ڪڪڙ جي نئين عمارت جو سياسي سماجي شخصيت پ پ ضلع دادو جي اڳواڻ سجاد احمد جوڻيجو تعلقي ايجوڪيشن آفيسر اسلم رضا پنهور سان گڏجي افتتاح ڪيو افتتاح دوران آيل مهمانن جو شاگرد ۽ شاگردياڻين پاران آڌر ڀاءُ ڪندي گل نڇاور ڪيا ويا ان دوران هيڊ ماستر همت علي ٽگڙ سيد اعجاز علي شاهہ شڪيل احمد صديقي، مشتاق احمد منگي، عديل حسين، ماجد حسين جوڻيجو ۽ ٻيا موجود هئا افتتاحي تقريب ۾ سجاد احمد جوڻيجو ۽ سنڌس ڀاءُ وڏيرو ماجد حسين جوڻيجو پاران اسڪول جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ وڌيڪ پلاٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي پ پ ضلع دادو جو اڳواڻ سجاد احمد جوڻيجو چيو تہ سنڌ حڪومت جون تعليم جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪيل خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن جڏهن تہ سنڌ حڪومت ميرٽ جي بنياد تي هڪ لک کان وڌيڪ پرائمري ۽ سيڪنڊري استاد ڀرتي ڪري نوجوانن کي روزگار ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو تہ پ پ عوامي پارٽي آهي ۽ عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ پ پ جي اولين ترجيح ۾ شامل آهي ان موقعي تي سجاد احمد جوڻيجو اسڪول جي بهتري لاءِ پلاٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هوڏانهن اسڪول جي نئين عمارت جون چابيون اسڪول جي هيڊ ماستر همت علي ٽگڙ حوالي ڪيون ويون جنهن تدريسي عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي

ڪڪڙ اسڪول جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ميهڙ تعلقي ۾ بدامني ۽ منشيات جي وڪري خلاف مظاهرو

سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ميهڙ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

۾ بدامني ۽ منشيات جي وڪري سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) ميهڙ تعلقي ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات، شراب، چرس، آفيم جي وڪري ۽ جوا سميت پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ميهڙ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ميهڙ جي صدر عبدالمجيد ڪوسو رئيس مختيار چانڊيو رئيس شاهد ڪوسو صدام چانڊيو شهزادو خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري آزاد پريس ڪلب ميهڙ اڳيان سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو تہ ميهڙ شهر ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ بدامني ۽ منشيات جي وڪري سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن تہ جوا ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين خلاف بہ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ ميهڙ شهر ۽ ڀرپاسي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي منشيات ۽ جوا جي ڪاروبار خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. ان سان گڏ پوليس پاران شهرين سان مبينا اڻڱي رويي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن جيئن شهرين کي تحفظ فراهم ٿي سگهي. احتجاج ڪندڙن اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي ميهڙ ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي

ميهڙ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ميهڙ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 23 آڪٽوبر 2026ع

پاڪستان ۽ مالديپ لاڳاپن ۾ نئون دور، معاشي سهڪار جا امڪان

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ ٻه طرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ مفاهمت جي 20 يادداشتن تي صحيحون ٿيڻ هڪ اهم اڳڀرائي آهي. ٻنهي ملڪن انفارميشن ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي، ڊجيٽل مهارتن، صحت، تعليم، دفاع، سامونڊي سلامتي، زراعت، سياحت، واپار ۽ ماحولياتي تحفظ جهڙن شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو آهي. اهڙي ريت ايندڙ ٽن سالن ۾ ٻنهي ملڪن جي واپار کي هڪ ڪروڙ 34 لک ڊالرن مان وڌائي 20 ڪروڙ ڊالرن تائين پهچائڻ جو هدف مقرر ڪرڻ پڻ هڪ اهم معاشي قدم آهي. ان سان پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ روايتي دوستيءَ کي معاشي سهڪار ۽ عملي ڀائيواريءَ ۾ تبديل ڪرڻ جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. وزيراعظم شهباز شريف ۽ مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو وچ ۾ اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻنهي ملڪن پنهنجي لاڳاپن کي رڳو سفارتي ملاقاتن ۽ رسمي بيانن تائين محدود رکڻ بدران انهن کي عملي نتيجن سان ڳنڍڻ جو ارادو ڪيو آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعليم، صحت، واپار، سياحت ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ ٿيل اتفاق ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته موجوده دور ۾ ملڪن جي دوستيءَ جو حقيقي قدر تڏهن ئي سامهون اچي ٿو جڏهن اها عوام جي زندگيءَ ۾ بهتري، معاشي ترقي ۽ گڏيل مفادن جي تحفظ جو سبب بڻجي. پاڪستان ۽ مالديپ جا لاڳاپا دوستاڻا رهيا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ مذهبي، ثقافتي ۽ سفارتي لاڳاپن جي هڪ ڊگهي تاريخ موجود آهي. مالديپ هڪ ننڍڙو ملڪ آهي، جنهن جي معيشت جو وڏو حصو سياحت، مڇيءَ جي ڪاروبار ۽ سامونڊي وسيلن سان لاڳاپيل آهي. ٻئي طرف پاڪستان وٽ زراعت، خوراڪ جي پيداوار، دوائن، ڪپڙي، انجنيئرنگ، تعليم ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ وسيع صلاحيتون موجود آهن. جيڪڏهن انهن صلاحيتن کي مالديپ جي ضرورتن سان ڳنڍيو وڃي ته ٻنهي ملڪن لاءِ واپار جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا. خاص طور تي واپار کي 20 ڪروڙ ڊالرن تائين پهچائڻ جو هدف هڪ وڏو چئلينج به آهي ۽ موقعو به. موجوده واپاري حجم جي ڀيٽ ۾ اهو هدف ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي. ان ڪري ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ڪافي نه هونديون، پر ٻنهي ملڪن کي واپار ۾ موجود رڪاوٽن جي نشاندهي ڪري انهن کي ختم ڪرڻو پوندو. پاڪستاني واپارين ۽ صنعتڪارن کي مالديپ جي مارڪيٽ بابت معلومات، درآمدي گهرجن ۽ ڪاروباري موقعن تائين آسان رسائي ڏيڻ ضروري آهي. ساڳئي وقت مالديپ جي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ موجود موقعن کان آگاهه ڪرڻ سان گڏ ڪاروباري سهولتون پڻ فراهم ڪرڻ گهرجن.

پاڪستان ۽ مالديپ بزنس فورم جي اهميت به ان حوالي سان وڌي وڃي ٿي ته اهڙا فورم تڏهن ڪامياب ٿيندا آهن جڏهن سرڪاري ادارن، واپارين، صنعتڪارن ۽ سيڙپڪارن وچ ۾ مستقل رابطن جو نظام قائم ٿئي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ فضائي ۽ بحري رابطن کي بهتر بڻائڻ، گڏيل اقتصادي ڪميشن جو اجلاس جلد منعقد ڪرڻ ۽ خانگي شعبي جي ڀائيواريءَ کي همٿائڻ ذريعي ٻنهي سان واپار ۾ اضافو ممڪن بڻجي سگهي ٿو. پاڪستاني زرعي پيداوار، چانور، ميوا، دوائون، ڪپڙو ۽ ٻيون معياري شيون مالديپ جي مارڪيٽ ۾ جاءِ حاصل ڪري سگهن ٿيون. جڏهن ته مالديپ جي سياحت ۽ سامونڊي معيشت سان لاڳاپيل تجربن مان پاڪستان پڻ فائدو وٺي سگهي ٿو. مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي ۽ ڊجيٽل مهارتن جهڙن جديد شعبن ۾ سهڪار جي اهميت پڻ نظرانداز نٿي ڪري سگهجي. دنيا تيزيءَ سان ڊجيٽل معيشت ڏانهن وڌي رهي آهي، جتي ٽيڪنالاجيءَ جي ڄاڻ، ڊيٽا جي حفاظت ۽ تربيت يافته نوجوانن جي وڏي اهميت آهي. پاڪستان وٽ نوجوانن جي وڏي آباديءَ آءِ ٽي جي شعبي ۾ اڳتي وڌڻ جا امڪان موجود آهن. جيڪڏهن مالديپ سان گڏيل تربيتي پروگرامن، تعليمي مٽاسٽا ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي منتقليءَ لاءِ منصوبابندي ڪئي وڃي ته ٻنهي ملڪن جا نوجوان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ گڏيل پروگرام، طبي تربيت ۽ تعليمي ادارن وچ ۾ رابطن سان پڻ لاڳاپن کي وڌيڪ بامقصد بڻائي سگهجي ٿو. مجموعي طور پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ ٿيل معاهدا ٻنهي ملڪن لاءِ نوان امڪان پيدا ڪن ٿا، پر انهن جي ڪاميابيءَ جو دارومدار عملدرآمد، مسلسل رابطن، واپاري سهولتن ۽ گڏيل منصوبن جي نگرانيءَ تي هوندو. حڪومت کي گهرجي ته هر مفاهمتي يادداشت لاءِ واضح هدف، مقرر مدي ۽ ذميوار ادارا طئي ڪري، جيئن پيش رفت جو جائزو وٺي سگهجي. جيڪڏهن ٻنهي ملڪن پنهنجي اعلانن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪيو ته هي دورو نه رڳو سفارتي لاڳاپن کي مضبوط ڪندو پر واپار، تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ عوامي ڀلائيءَ جي ميدان ۾ پڻ پائيدار نتيجا پيدا ڪري سگهندو.

سنڌ جو اتحاد، وڪيلن جي جدوجهد ۽ مستقبل جو سوال

محمد بخش

قومن جي زندگيءَ ۾ ڪجهه مسئلا اهڙا آهن جن کي صرف سياسي نعرن، سرڪاري بيانن يا عارضي احتجاجن جي عينڪ سان نه ٿو ڏسي سگهجي. انهن جي پويان تاريخ جون پاڙون، ماڻهن جا احساس، انهن جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل جا سوال آهن. سنڌ جي اتحاد جو مسئلو به ساڳئي نوعيت جو آهي. هيءَ سرزمين صدين کان پنهنجي منفرد تهذيب، ٻولي، صوفي روايت ۽ سنڌو درياءَ سان لاڳاپيل زندگيءَ لاءِ مشهور آهي. هتي جي مٽي شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ساميءَ جي خيالن جي خوشبوءِ آڇيندي آهي. جڏهن ته هتي جي ماڻهن جي اجتماعي شعور ۾ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ پيار جو گهرو جذبو آهي. اهوئي سبب آهي ته جڏهن سنڌ جي جاگرافيائي اتحاد، انتظامي حيثيت يا وسيلن تي ڪنٽرول بابت ڪو به سوال پيدا ٿئي ٿو ته ان جو رد عمل سياسي حلقن تائين محدود نه هوندو آهي پر سماج جا مختلف طبقا پڻ هن بحث ۾ حصو وٺندا آهن. سنڌ اتحاد جو ڏينهن هن اجتماعي احساس کي ظاهر ڪري ٿو ان موقعي تي سنڌ جي وحدت، صوبائي خودمختياري ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ آواز بلند ڪيا ويا. جڏهن ته وڪيلن احتجاجي سرگرمين ۽ گڏجاڻين ذريعي پنهنجو موقف پڻ پيش ڪيو. سنڌ بار ڪائونسل ۽ مختلف بار ايسوسيئيشن جي شرڪت هن مسئلي کي قانوني ۽ آئيني طول ڏنو. وڪيلن جي اهميت ان ڪري به آهي جو اهي صرف هڪ طبقو نه آهن جيڪو عدالتن ۾ ڪيس وڙهندا آهن پر آئين جي بالادستي، شهري آزادي ۽ قانون جي حڪمراني جي تحفظ ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪندا آهن. بهرحال، ڪنهن به تحريڪ جي اصل طاقت بلند آواز ۾ بلند ٿيندڙ نعرن ۾ نه هوندي آهي پر ان جي دليلن، مقصدن ۽ تسلسل جي وضاحت ۾ هوندي آهي.

سنڌ ۾ نئين انتظامي يونٽن جي قيام بابت خدشن هن بحث کي وڌيڪ اهم بڻائي ڇڏيو آهي سنڌ اسيمبلي پاران صوبي جي ورهاڱي خلاف قرارداد جي منظوري ۽ وڪيلن جي احتجاج اهو واضح ڪيو ته هن مسئلي تي مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ خدشا آهن پر هتي اهو سمجهڻ پڻ ضروري آهي ته ڪنهن به تجويز جي مخالفت يا حمايت ڪرڻ کان اڳ، ان جي اصل نوعيت، قانوني ۽ ممڪن نتيجن جو جائزو وٺڻ گهرجي پاڪستان جو آئين صوبن جي حدن کي تبديل ڪرڻ لاءِ مخصوص طريقيڪار بيان ڪري ٿو ۽ آرٽيڪل 239(4) تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ڪل ميمبرشپ جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽهائي ووٽن جي منظوري هڪ لازمي آئيني ضرورت آهي تنهن ڪري، ڪنهن به صوبي جي حدن کي تبديل ڪرڻ اهڙو معاملو ناهي جيڪو صرف انتظامي حڪم ذريعي مڪمل ڪري سگهجي پر ان لاءِ آئيني گهرجن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي

وڪيلن جي جدوجهد جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي ته اهي هن بحث کي جذباتي تڪرار مان ڪڍي قانوني ۽ جمهوري دائري ۾ رکي سگهن ٿا. جيڪڏهن سنڌ بار ڪائونسل، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ۽ ضلعي بار ايسوسيئيشن هڪ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن، لاڳاپيل آئيني شقن جي تحقيق ڪن ۽ عوام جي سامهون هڪ واضح قانوني موقف پيش ڪن ته پوءِ هيءَ تحريڪ هڪ مضبوط بنياد حاصل ڪري سگهي ٿي ان مقصد لاءِ قانوني سيمينار، عوامي گڏجاڻيون، پارلياماني نمائندن سان صلاح مشورا ۽ لاڳاپيل اختيارين کي يادداشتون جمع ڪرائڻ جهڙا قدم اثرائتا ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن به تجويز کيل قدم سان آئيني حقن جي متاثر ٿيڻ جو حقيقي خوف آهي ته قانوني ڪارروائي پڻ ڪري سگهجي ٿي. پر هيءَ جدوجهد صرف صوبائي حدن جي سوال تائين محدود نه هجڻ گهرجي. پاڻيءَ جي کوٽ، مهانگائي، بيروزگاري، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي کوٽ ۽ شهري انتظاميا ۾ ڪمزوريون پڻ سنڌ جي عام شهريءَ جي زندگي ۾ بنيادي اهميت رکن ٿيون. ڪراچي جا رهواسي صاف پاڻي، بهتر ٽرانسپورٽ، نيڪال ۽ صاف ماحول جي انتظار ۾ آهن. جڏهن ته سنڌ جي باقي ضلعن ۾ هاري آبپاشي، زرعي وسيلن ۽ مارڪيٽن تائين رسائي جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻهراڙي وارن علائقن ۾ معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پڻ هڪ وڏو چئلينج آهي جيڪڏهن صوبي جي وحدت جي حفاظت جي تحريڪ انهن مسئلن کي پنهنجي وسيع عوامي ايجنڊا جو حصو بڻائي ٿي ته ان جو ماڻهن جي روزاني زندگي سان مضبوط تعلق ٿي سگهي ٿو.

سنڌو درياهه جو پاڻي ۽ صوبي جا قدرتي وسيلا پڻ هن بحث جا اهم پهلو آهن سنڌ جي معيشت، زراعت ۽ ماحولياتي توازن پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ۽ وسيلن جي ذميوار استعمال تي منحصر آهي. ساحلي علائقن، زمين جي استعمال ۽ قدرتي وسيلن مان حاصل ٿيندڙ فائدن جي حصيداري جهڙن مسئلن تي شفاف پاليسين جي ضرورت آهي حڪومتن کي انهن مسئلن تي قابل اعتماد انگ اکر ۽ واضح معلومات عوام کي پيش ڪرڻ گهرجن ته جيئن افواهن ۽ بي بنياد خوف جي بدران حقيقت تي بحث کي فروغ ڏئي سگهجي ساڳئي طرح، وڪيلن ۽ دانشورن جي ذميواري آهي ته اهي عوامي خدشن کي سنجيدگيءَ سان وٺن ۽ قابل عمل حل تجويز ڪن.

ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم نقطو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي سنڌ جي وحدت جو تحفظ ۽ ان جي ثقافتي سڃاڻپ جو احترام پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. پر هن جدوجهد کي صوبي ۾ رهندڙ ڪنهن به لساني يا ثقافتي برادري خلاف نفرت جو ذريعو نه بڻجڻ گهرجي ڪراچي هڪ اهڙو شهر آهي جتي مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهو نسل در نسل رهندا آيا آهن انهن سيني جا مسئلا، حق ۽ اميدون هن شهر جي اجتماعي زندگيءَ جو حصو آهن ساڳئي طرح، سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ رهندڙ سيني شهرين کي برابر حق ۽ احترام ڏنو وڃي ڪنهن به صوبي جي وحدت تڏهن ئي مضبوط ٿيندي آهي جڏهن ان جا رهواسي پاڻ کي ان جي مستقبل ۾ برابر جو ساٿي سمجهن ٿا. راءِ جو اختلاف جمهوري سماج جو قدرتي حصو آهن. پر اختلافن کي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ ڪنهن جي به مفاد ۾ ناهي

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نئين وائيس چانسلر مان اُميدون



محمود شام

جيڪڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جو معيار سٺو هجي ها ۽ اُتي جو ماحول به بهتر هجي ها ته اڄ ڪراچي شهر جي حالت ايتري خراب نه هجي ها. نئين وائيس چانسلر مان مون کي اُن ڪري اميدون آهن، جو هُو فلسفي جو استاد آهي. هاڻي ڏسڻو اِهو آهي ته ڇا هُو هن تعليمي اداري جي تعليم جو معيار ايترو بهتر ڪري سگهندو، جو هتان جا شاگرد ۽ شاگرديائيون ڪراچي شهر کي محبت ۽ ڀائيچاري وارو شهر بڻائي سگهن، ماڻهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ هم آهنگي پيدا ڪري سگهن ۽ هر قسم جي تعصب کان پاڪ ماحول قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

پاڪستان جي سڀ کان وڏي سرڪاري يونيورسٽيءَ کي به ٻين يونيورسٽين وانگر ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هتي تعليم جو معيار ڪِري چڪو آهي ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ ڪوتاهيون ٿينديون رهيون آهن. اڳوڻا وائيس چانسلر ستن سالن تائين يونيورسٽيءَ جي مستقبل بابت اهم فيصلا ڪندا رهيا. انهن ستن سالن دوران پاڪستان پاڻ به ڪيترن ئي بحرانن ۽ ڏکيائين ۾ ڦاٿل رهيو. اهڙي حالت ۾ اِهو ڪيئن ممڪن هو ته ڪراچي يونيورسٽي انهن مسئلن کان بچي وڃي؟ اِهي ست سال سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت جا سال به آهن.

سڀ کان پهرين ته آئون پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي کي ملڪ جي هڪ اهم ۽ ذميواريءَ واري عهدي تي مقرر ٿيڻ تي مبارڪون ڏيندس. اُن ڪانپوءِ اِها ڳالهه چوندس ته ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سربراهي ڪرڻ ڪو گلن جي سيج تي سمهڻ برابر ناهي پر ڪنڊن ڀريل بستري تي سمهڻ جهڙو ڪم آهي. مطلب ته هيءَ ذميواري کڻڻ ڪو سولو ڪم ناهي، پر اُن ۾ ڪيترن ئي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو. هاڻي جڏهن آڪٽوبر2026 ع ۾ وسيم قاضي صاحب هيءَ ذميواري سنڀالي آهي ته اُن وقت پاڪستان کي عالمي، علائقائي ۽ ملڪي سطح تي ڪيترن ئي سنگين بحرانن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. انهن بحرانن ۾ آئين، قانون، جمهوريت، معيشت ۽ اخلاقي قدرن سان لاڳاپيل مسئلا شامل آهن. حڪمرانن تان عوام جو اعتماد ختم ٿي چڪو آهي. شاگردن ۽ شاگرديائين کي استادن ۽ وائيس چانسلرن تي به اڳ وانگر ڀروسو نه رهيو آهي. ان سان گڏ سوشل ميڊيا جو اثر به يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ تمام گهڻو وڌي ويو آهي. تعليمي ادارن ۾ سياسي پارٽين جون شاگرد تنظيمون به تمام گهڻيون سرگرم آهن. سرڪاري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ هٿياربند جهيڙا ۽ ٽڪراءُ به ٿيندا رهن ٿا. سوشل ميڊيا تي هر ڀيري اِها شڪايت به ڪئي ويندي آهي ته دنيا جي اعليٰ ترين 500 يونيورسٽين ۾ پاڪستان جي ڪا به سرڪاري يونيورسٽي شامل ناهي.

اهڙي صورتحال ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ لاءِ اِهو سٺو سنئون آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس قابليت ۽ اهليت جي بنياد تي چونڊيو ويو آهي، خاص ڪري اهڙي وقت ۾ جڏهن نااهل ماڻهن کي عهدن تي مقرر ڪرڻ جو سلسلو هلي رهيو آهي. اِها ڳالهه به ساراهه جوڳي آهي ته ڪراچي يونيورسٽيءَ کي اهڙو وائيس چانسلر مليو آهي جيڪو پاڻ ڪراچيءَ جو رهواسي آهي ۽ هن ئي يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو آهي. چونڊ لاءِ ناهيل سرچ ڪميٽيءَ به وسيم قاضي صاحب کي 100 مان 85 نمبر ڏنا. هيءَ تحرير لکڻ کان اڳ مون اِهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وسيم قاضي صاحب کي ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو؟ ڪراچي يونيورسٽيءَ جا استاد هن کان ڪهڙيون اميدون رکن ٿا؟ ۽ شاگردن توڙي شاگرديائين جون هن نئين وائيس چانسلر مان ڪهڙيون اميدون آهن؟

استادن ۽ شاگردن جي اڪثريت مستقل وائيس چانسلر مقرر ٿيڻ تي خوش آهي. مختلف يونيورسٽين ۾ قاضي صاحب کي انتظامي ڪم ڪرڻ جو جيڪو تجربو حاصل ٿيو آهي، تنهن ڪري استادن به هن مان وڏيون اميدون رکيون آهن. تقريبن 95 سيڪڙو ماڻهن جي راءِ مثبت آهي، يعني اُهي قاضي صاحب جي مقرريءَ مان خوش آهن ۽ اميد رکن ٿا ته هُو يونيورسٽيءَ جا مسئلا حل ڪندو باقي 5 سيڪڙو ماڻهن جو چوڻ آهي ته جڏهن سڄي ملڪ جون حالتون ٺيڪ ناهن ته پوءِ هڪ يونيورسٽيءَ جا معاملا ڪيئن معمول تي اچي سگهندا؟ يونيورسٽين ۾ ٻين ادارن جي مداخلت به وڌندي پئي وڃي. ڪراچي يونيورسٽي جنهن صوبي ۾ آهي، اُتي گذريل 15 سالن کان هڪ ئي سياسي پارٽيءَ جي حڪومت آهي اِها حڪومت ڪيترن ئي سالن ۾ يونيورسٽيءَ ڏانهن ايندڙ روڊ به مڪمل نه ڪرائي سگهي آهي. هاڻي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اِها حڪومت يونيورسٽيءَ جي مالي حالت بهتر ٿيڻ ڏيندي؟

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جو ڪل تعداد لڳ ڀڳ 46 هزار ٻڌايو وڃي ٿو انهن مان تقريبن 32 هزار شاگرديائيون ۽ 14 هزار شاگرد آهن. انهن سيني شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ استادن جون جيڪي پوسٽون منظور ٿيل آهن، تن جو تعداد 982 آهي. استادن جون اِهي پوسٽون به شاگردن جي تعداد جي حساب سان تمام گهٽ آهن. پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته انهن 982 منظور ٿيل پوسٽن مان به صرف 558 استادن جون مستقل جايون ڀريل آهن. مطلب ته 424 استادن جي کوٽ آهي. ان ڪانسواءِ يونيورسٽيءَ ۾ لڳ ڀڳ 700 اهڙا استاد به ڪم ڪن ٿا، جيڪي مستقل نه آهن ۽ ضرورت مطابق ليڪچر ڏين ٿا. انهن کي هر ليڪچر جا صرف 800 روپيا ڏنا وڃن ٿا. افسوس جوڳي ڳالهه اِها به آهي ته انهن استادن کي اُهي پئسا به وقت تي نه، بلڪ ادائي نٿا ڪيا وڃن.

وسيم قاضي صاحب جو مضمون فلسفو آهي، جنهن کي سيني علمن جي ماءُ چيو ويندو آهي. فلسفي جي ڄاڻ ۽ تجربي جي ڪري هُو يونيورسٽيءَ جي مسئلن جو صحيح جائزو وٺڻ کان اڳ انهن تي چڱيءَ طرح سوچيندو ۽ سمجهندو. ان ڪانسواءِ، مختلف تعليمي ادارن کي هلائڻ جو سندس انتظامي تجربو به ڪراچي يونيورسٽيءَ جي مالي، انتظامي ۽ بنيادي سهولتن وارن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. استادن ۽ شاگردن جو خيال آهي ته اِها سٺي ڳالهه آهي ته هُو مسئلن کي صبر ۽ برداشت سان حل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ٽڪرُ نٿو ڪري. جيتوڻيڪ هن وقت تائين ڪا خاص تبديلي نظر نه آئي آهي ۽ انتظاميا ۾ اڃا تائين اڳوڻي وائيس چانسلر جي دور واري ٽيم ئي ويٺل آهي.

پهريون قدم يونيورسٽيءَ جي ڪم کي ڊجيٽل ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي، جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪجهه استادن ٻڌايو ته وائيس چانسلر صاحب هر ڏينهن فجر جي نماز کانپوءِ پنهنجن رابطي وارن ماڻهن کي قرآن پاڪ جي هڪ آيت جو ترجمو موڪليندو آهي. اِها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هُو بنيادي رهنمائي قرآن پاڪ مان حاصل ڪري ٿو. هڪ سينيئر پروفيسر چيو ته سڀ کان پهرين ڪراچي يونيورسٽيءَ کي مالي خساري مان ڪڍڻو پوندو ۽ آمدني توڙي خرچن ۾ توازن پيدا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڪٿي مالي گڙٻڙ ٿي رهي آهي ته اُن کي روڪڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي پر پئسا ڪمائڻ جي هن ڊوڙ ۾ يونيورسٽيءَ کي رڳو پئسا ڪمائڻ واري مشين نه بڻايو وڃي. اڪثر استادن جي خواهش آهي ته پڙهائيءَ جو ماحول ۽ تعليم جو معيار بهتر ڪيو وڃي. يونيورسٽيءَ جي خودمختياري ۽ آزاديءَ سان سوچڻ تي جيڪي پابنديون آهن تن کي آهستي آهستي ختم ڪيو وڃي. استادن جي کوٽ فوري طور پوري ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي شعبن ۾ استاد نه هجڻ ڪري داخلا به نٿي ڏني وڃي. وڌيڪ مستقل استاد مقرر ڪيا وڃن ۽ سيني شعبن جو نصاب وقت جي ضرورتن مطابق ناهيو وڃي.

بنيادي سهولتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين خراب حالت ۾ پيل عمارتن جي مرمت ڪئي وڃي. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته واش رومز جي حالت تمام خراب آهي. ڪينٽينن جو ماحول بهتر ڪيو وڃي ۽ شين جي قيمتن تي نظرثاني ڪئي وڃي. ڪيترن ئي شعبن ڏانهن ويندڙ رستا صاف ۽ محفوظ ناهن. سيڪيورٽيءَ جو نظام بهتر ڪرڻ به وقت جي ضرورت آهي. سڀ کان وڏو مسئلو بسن جي کوٽ آهي، تنهن ڪري بسن جو تعداد ۽ انهن جا روٽ به وڌايا وڃن. شاگردن کي اِها به شڪايت آهي ته وائيس چانسلر شاگردن جي ڳالهه ناهن ٻڌندا ۽ نه ئي انهن سان سڌو رابطو رکندا آهن. ان ڪري بهتر ٿيندو ته هر هفتي مختلف شعبن جي شاگردن سان وائيس چانسلر جي کليل ڪچهري ڪرائي وڃي. يونيورسٽيءَ جو رسالو باقاعدگيءَ سان ڇاپيو وڃي، ڪتاب لکڻ ۽ ڇاپڻ واري شعبي کي سرگرم ڪيو وڃي ۽ محمود حسين لائبريريءَ ۾ تربيت يافته لائبريرين مقرر ڪيو وڃي. اهي سڀ تجويزون تمام اهم آهن. انهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته استادن ۽ شاگردن ٻنهي کي يونيورسٽيءَ جي خراب حالت جو ڏک آهي پر ساڳئي وقت انهن ۾ مايوسي به موجود آهي. وسيم قاضي صاحب کي اِها مايوسي ختم ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ پڪو اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ وقت بوقت سيني کي گڏ ڪري خطاب ڪرڻ گهرجي شاگرد يونين جي بحالي به ڪاميابيءَ جو هڪ رستو ٿي سگهي ٿي.

هڪ ڄاڻو ماڻهوءَ هڪ ٻي احتياط جي صلاح به ڏني آهي ته اڳوڻو وائيس چانسلر جن ماڻهن، خاص ڪري عورتن جي گهيري ۾ رهندو هو، نئين وائيس چانسلر کي انهن کان پري رهڻ گهرجي. آخر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مبارڪون پيش ڪجن ٿيون ۽ دعا آهي ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جو معيار ايترو بلند ٿئي، جو ڪراچي شهر جي وڃايل عظمت مڪمل طور ٻيهر بحال ٿي وڃي.

> بهتر ٿيندو ته هر هفتي مختلف شعبن جي شاگردن سان وائيس چانسلر جي کليل ڪچهري ڪرائي وڃي. يونيورسٽيءَ جو رسالو باقاعدگيءَ سان ڇاپيو وڃي، ڪتاب لکڻ ۽ ڇاپڻ واري شعبي کي سرگرم ڪيو وڃي ۽ محمود حسين لائبريريءَ ۾ تربيت يافته لائبريرين مقرر ڪيو وڃي. اهي سڀ تجويزون تمام اهم آهن انهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته استادن ۽ شاگردن ٻنهي کي يونيورسٽيءَ جي خراب حالت جو ڏک آهي پر ساڳئي وقت انهن ۾ مايوسي به موجود آهي وسيم قاضي صاحب کي اِها مايوسي ختم ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ پڪو اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ وقت بوقت سيني کي گڏ ڪري خطاب ڪرڻ گهرجي. شاگرد يونين جي بحالي به ڪاميابيءَ جو هڪ رستو ٿي سگهي ٿي

مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو



نور سنڌي

اڄ 23 آڪٽوبر تي ملڪ جي خاتون اول رهندڙ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ قربانيون ڏيندڙ بيگم نصرت ڀٽو جي 15 ورسي آهي بيگم نصرت ڀٽو رحم دل سخي ٻاجهاري ذهين ۽ پاڪستان جي پهرين خاتون هئي جنهن ڀٽو صاحب جي دور ۾ خاتون اول جو لقب ماڻيو پاڻ ور ۽ بعد ۾ ٻن جوان پٽن جا لاش کڻيا، سندس جيءَ جهري پيو هو پر پاڻ همت نه هاري، جنرل ضياءَ جي آمريت واري دور ۾ نه صرف پارٽيءَ جي قيادت سنڀاليائين پر آمريت خلاف جدوجهد به ڪئي ۽ عوام ۾ وڏو اتساهه پيدا ڪيو. ڪڏهن به صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيو. نصرت ڀٽو جو والد مرزا محمد عراق جي شهر شاهه نجف ۾ ڄائو هو، جيڪو واپاري هو ۽ پاڻ ڪاروبار سانگي اصفهان جي تاريخي ثقافتي سونهن جي پيش نظر اتي اچي رهيو، جتي نصرت ڀٽو 23 مارچ 1929ع ۾ جنم ورتو سندس والد جڏهن هندستان گهمڻ ويو ته بمبئي شهر سندس دل کي وڻي ويو ۽ پاڻ اصفهان مان لڏي اتي اچي رهيا، جتي صابڻ جو ڪارخانو لڳايو. بيگم نصرت ڀٽو ابتدائي تعليم ڪان وٽي سينيئر ڪيمبرج پاس اتي ڪيائين ۽ انهيءَ ڪاليج مان نصرت ڀٽو فوجي ٽريننگ به حاصل ڪئي سيپٽمبر 1951ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سندس شادي ٿي ۽ پاڻ مثالي جيون ساٿي وارو ڪردار ادا ڪيائون جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وڪالت ۽ پوءِ سياست شروع ڪئي ته بيگم نصرت ڀٽو سندس ٻانهن ٻيلي بڻيل هئي ڀٽو صاحب جي صدر ايوب سان بغاوت ڪرڻ ڪري ڪيس نظربند ڪرڻ کان وٺي احتجاجي تحريڪ هلائڻ تائين پ پ جي قيام کان وٺي اقتدار تائين بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي ور جي باقاعده مددگار رهي حڪومت دوران پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي باقاعده صلاحڪار وارو ڪردار ادا ڪيو ڪيس خاتونِ اول جو لقب ڏنو ويو، پاڻ عورتن جي حقن، انهن جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ ۽ عوام جي خدمت جي حوالي سان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، پاڻ ڀٽو صاحب سان غير ملڪي دورن ۾ پاڪستان جي وفدن جي نمائندگي ڪئي جڏهن ملڪ جي پهرين چونڊيل وزير اعظم جي حڪومت جو تختو سندس وفادار سمجهيو ويندڙ آمر جنرل ضياءَ اونڌو ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي جيل ۾ بند ڪيو ته اِها بيگم نصرت ڀٽوئي هئي جنهن همت حوصلي سان پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ۽ جنرل ضياءَ جي مارشل لا خلاف تحريڪ هلائي احتجاجي مظاهرا ڪيا، ۽ قذافي اسٽيڊيم ۾ احتجاج دوران قانون نافذ ڪندڙ ادارن پاران لٺيون کاڌيون ۽ رت ۾ ڳاڙهي ٿي وئي پر همت حوصلو نه هاريو پاڻ 4 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جي ميمبر رهي، پاڻ عوام مان ڪڏهن به خفا نه ٿي پنهنجي ور جي شهادت بعد پٽ شاهنواز ڀٽو، ان بعد مير مرتضيٰ جي شهادت ڪيس ٿهوڻي ڇڏيو، سندس يادداشت ختم ٿي وئي مرتضيٰ جي شهادت بعد ڪيس بيهوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا ۽ پاڻ ڪوما ۾ هلي وئي ڪيس دبئي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي 15 سال موت سان جهيڙيندي ٿيئت 23 آڪٽوبر 2011ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي ڪيس ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيدن جي قبرستان ۾ ڌرتيءَ ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو.

ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال ۽ مالوند ماڻهن جي لڏپلاڻ!

سڄاول ٻجير

ٿرپارڪر ضلعي ۾ گذريل 8 ورهين بعد هيل گهربل برساتون نه پوڻ ڪري انتهائي خطرناڪ ڏڪاري صورتحال پنهنجا پيانڪ اثرات ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن گهربل برساتون نه پوڻ بعد سڪي ويل فصل ۽ گاهه ختم ٿيڻ بعد ملوند مارون لڏپلاڻ ۾ ايتري حد تائين تيزي آئي چڪي آهي جو ٿر جو اڌ حصو لڏپلاڻ ڪري بئراج ڏانهن وڃي رهيو آهي ٿر جي ننگر پارڪر، ڏاهلي ڇاڇرو، اسلام ڪوٽ، مٺي ڪلوئي ڏيپلي ۽ ٻين علائقن مان روزانو هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال ڪاهي ملوند پنڌ سفر تي نڪتل آهن انهيءَ سان گڏ روزانو وڏي انگ ۾ غريب خاندان گاڏين جون گاڏيون ڀري لڏپلاڻ ڪري پنهنجن ٻچڙن جو پيٽ پالڻ خاطر روزگار لاءِ ويندي نظر اچن ٿا اهڙي صورتحال دوران ٿرپارڪر جي عوام جون حالتون سنگين ٿينديون پيون وڃن ٿر واسين کي تڪليف ۾ ڏسندي سنڌ حڪومت، لاڳاپيل ادارا مقامي چونڊيل نمائندا ۽ ضلعي جي توڙي تعلقه انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي ٿر جيڪو 15 آگسٽ تي پاڻمرادو ڏڪار ڊڪليئر ٿيڻ باوجود حڪومت ٻن مهينن کان علائقي کي ڏڪار ڊڪليئر قرار ناهي ڏنو غريب خاندانن کي مدد نه ٿيڻ جو خدشو ڏڪار ڊڪليئر قرار ڏيڻ ۾ حڪومت پاران دير ڪرڻ سبب اصل ۾ غريب خاندان رليف سرگرمين مان رهجڻ جو خدشو وڌي رهيو آهي ٿر جي ڳوٺن مان روزانو جي بنيادن تي سوين خاندانن جي لڏپلاڻ جو سلسلو تيزي سان جاري آهي جنهن سبب لڏي ويندڙ خاندان رليف سرگرمين مان رهجي ويندا انتظاميا توڙي سنڌ سرڪار انهيءَ عمل تي ڌيان ناهي ڏنو حڪومت جي خاموشي سواليه بڻجي وئي آهي

ڏڪار جي صورتحال ۾ ملوندن جي لڏپلاڻ انتظاميا ۽ حڪومت لاءِ به اهم سوال پيدا ڪري ٿي ته ڇا متاثر خاندانن ۽ لکين چوپائي مال لاءِ هنگامي بنيادن تي چارو ۽ پاڻي پهچائڻ جا انتظام ڪيا ويا آهن؟ ڇا بئراج ڏانهن لڏپلاڻ ڪندڙ ملوندن لاءِ رستن تي پاڻي کاڌ خوراڪ ۽ صحت جون سهولتون موجود آهن؟ ڇا ڏڪار ختم ٿيڻ تائين سندن مال جي سار سنڀال لاءِ ڪو جامع حڪومتي منصوبو موجود آهي؟ رات جي اونداهيءَ ۾ اسلام ڪوٽ جي ميدان تي گڏ ٿيل رڳو چوپائي مال جو ڌڻ نظر نٿو اچي پر ٿر جي انهن ملوند خاندانن جي مجبوريءَ جي ڪهاڻي به ٻڌائي رهيو آهي، جيڪي پنهنجي ڌرتي، گهر ۽ روزمره جي زندگي ڇڏي صرف اُن اميد سان بئراج ڏانهن نڪري پيا آهن ته سندن مال لاءِ اتي پاڻي ۽ گاهه ملي سگهندو انهيءَ سلسلي ۾ نواز ليگ جي ايم اين اي کيئل داس ڪوهستاني وزيراعظم کي خط لکڻ سان گڏ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس دوران ٿر ۾ پيدا ٿيل ڏڪار وارو معاملو اٿاريندي چيو آهي ته ٿر جيڪو ڪوئلي سميت معدني وسيلن سان مالامال آهي هتي هيل سال گهربل برساتون نه پوڻ ڪري خطرناڪ ڏڪار پئجي ويو آهي ۽ روزاني بنيادن تي غريب ماڻهو پنهنجو مال ۽ ٻچا وٺي بئراج ڏانهن لڏپلاڻ ڪري وڃي رهيا آهن انهيءَ ڪري وزيراعظم کي اپيل آهي ته ٿر لاءِ خاص پيڪيج جو اعلان ڪري ۽ ٿر جي رائلٽي ٿر تي تڪڙي خرچ ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم ٿر ۾ هڪ وڏي اسپتال ناهڻ جو اعلان ڪيو هو اها اسپتال ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر ۾ ناهي وڃي جتي صحت جي سهولتن جي وڌيڪ کوٽ آهي هوڏانهن ڏڪاري حلقن ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪري رهيون آهن ۽ سموري صورتحال تي سنڌ حڪومت جي خاموشي عوام کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي ٿر واسين مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ٿر کي جلد ڏڪار ڊڪليئر قرار ڏئي رليف سرگرميون شروع ڪيون وڃن ۽ لڏپلاڻ ڪندڙن خاندانن کي روڪي رليف ڏيڻ سان گڏ چوپائي مال لاءِ چارو جو بندوبست ڪيو وڃي ٿر جي هر خاندان کي ايندڙ وسڪاري تائين رليف ڏيڻ جو پلان جوڙيو وڃي ته جيئن مارو ماڻهو هن ڏکي صورتحال کي منهن ڏئي سگهن

اڄوڪو ڏينهن ..... 23 آڪٽوبر

مختيار انڙ

مير رسول بخش ٽالپر



اڄ مشهور سياستدان مير رسول بخش ٽالپر جي پيدائش جو ڏينهن آهي. هن جو جنم حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ 23 آڪٽوبر 1920ع ۾ ٿيو جامعه مليه دهلي ۽ سنڌ مدرسته الاسلام جهڙن مشهور تعليمي ادارن مان علم جي اڃ اجهايائين. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ سگهڙي ستابي ۽ زميندار گهراڻي جو چشم ۽ چراغ هو پر سادي سڀاءَ وارو ۽ فقير منش انسان هو. سماجي خدمتن ۾ هميشه اڳڀرو رهيو. ٽانگا يونين، ليبر يونين، ٽيڪسٽائيل يونين، بيڙي مزدور يونين ۽ هارين جو روح روان ۽ رهنما رهيو. 21 ورهين جي ڄمار ۾ حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1965ع وارين بنيادي جمهوريت وارين چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيائين. 29 اپريل 1972ع تي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. 12 فيبروري 1973ع تي انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏنائين. 1981ع ۾ ڪيس سنڌ جو سينيئر وزير مقرر ڪيو ويو. پهرين مئي 1982ع تي وفات ڪيائين.

سدورو مل راجپوت

سدورو مل راجپوت پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ ۽ صحافي هو. هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1926ع ۾ تعلقي ميرپور ماٿيلي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر ڀوپال ۾ وڃي آباد ٿيو هن کي ننڍي هوندي کان ئي لکڻ جو شوق هو هن سنڌي، هندي ۽ اردو ٻولين ۾ ڪيترن ئي ڪهاڻين ۽ ڪالم لکيا. سندس لکڻيون ان وقت جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿينديون هيون. اڳتي هلي صحافت جي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيائين ۽ ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين هن ڪجهه ڪتاب پڻ لکيائين جن ۾ ”اوتار ايڊيشن“، ”برهم گيان“، ”روحاني راز“، ”انمول رتن“ ۽ ”هند ۽ سنڌ جي سنتن جون جيون جهاتڪيون“ شامل آهن

زبيده حسين ٽاريجو

هن نامور ليکڪا ۽ سياستدان جو جنم 23 آڪٽوبر 1957ع تي ٺٽين ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ محمد ابراهيم ٽاريجي جي گهر ۾ ٿيو. هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي هوءَ مشهور سياستدان حسين بخش ٽاريجي جي گهر واري آهي. لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. هوءَ اڃا ستين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي، جڏهن سندس ٻاراڻي ڪهاڻي رسالي گل ڦل ۾ شايع ٿي ان بعد هن جا سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکيل ڪالم ۽ ٻيا ليک هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن جو سينگار بڻجندا رهيا. سياست ۾ به هن چڱو ڪردار ادا ڪيو پاڻ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ۽ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي پڻ ميمبر رهي هن سائوٿ ايشيا تنظيم (آسا) کي ٿر جو دورو ڪرايو ته جيئن انهيءَ تنظيم جا ميمبر ٿر جي مسئلن جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪري سگهن.

پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ٻهڻ

اڄ سنڌ جي مشهور سرجن رسول بخش ٻهڻ جي سالگره جو ڏينهن آهي هو نامور شاعر ۽ ليکڪ الهورائي ٻهڻ جو وڏو پٽ آهي. سندس جنم 23 آڪٽوبر 1965ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم جهول مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان سانگهڙ مان پاس ڪيا. اڳتي هلي هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس ۽ جنرل سرجريءَ ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي هن هڪ ڊگهي عرصي تائين لياقت يونيورسٽيءَ ۾ مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيو آهي پاڻ 7 ڀيرا انهيءَ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر رهيو. يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس ۽ يونيورسٽيءَ جو صدر رهيو ۽ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽس افيئرس طور پڻ ڪم ڪيائين. يونيورسٽيءَ کي هڪ معالج، انتظامي سربراهه ۽ جنرل سرجريءَ جي پروفيسر طور زندگيءَ جا 34 سال ارپيندڙ هيءُ اعليٰ انسان 22 آڪٽوبر 2025ع تي رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان اڳ هو لياقت ميڊيڪل اسپتال جي سرجيڪل يونٽ 4 جي انچارج طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو.

مخدوم عبدالواحد سيوستاني

مخدوم عبدالواحد سيوستاني پنهنجي دور جو جيد عالم، فقه حنفيءَ جو ماهر ۽ تصوف جو وڏو ڄاڻو هو. سندس ولادت 1737ع ڌاري سيوهڻ شريف ۾ ٿي. هن ڪيترائي منجهيل مذهبي مسئلا پنهنجي فتوائن سان حل ڪيا. هن جي فتوائن جو ڪتاب ”جمع المسائل اعليٰ حسب النوازل“ جي نالي سان ٽن جلدن ۾ موجود آهي هن لڳ ڀڳ 40 ڪتاب قلمبند ڪيا. هن بزرگ 23 آڪٽوبر 1909ع تي راهه رباني ورتي.

فقير يار محمد مري

فقير يار محمد مري، هڪ صوفي منش انسان هو. جيڪو يڪتاري ۽ ڪرتال تي صوفي ڪلام ڳائيندو هو. سندس واسطو سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ ڪاهيءَ سان هو. البت سندس ڄمڻ جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي هو محمد فقير ڪتياڻ جو طالب هو. محمد فقير جي ڪلامن کان متاثر ٿي پاڻ به ڪلام ٺاهيندو هو ۽ وجد ۾ اچي صوفي انداز ۾ اهي ڪلام ڳائيندو هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ”طالب علي“ تخلص استعمال ڪيو آهي. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب ”ياد رفتگان“ ۾ هن جي وفات جي تاريخ 23 آڪٽوبر 1982ع لکي آهي

محمد سومار شيخ

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي برک اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد محمد سومار شيخ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. لاڙ جو هيءُ لال پهرين جنوري 1935ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ قرهٽي پانڌاريءَ ۾ الهبچائي شيخ جي گهر ڄائو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مقامي مدرسن مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ اديب فاضل سنڌيءَ جو امتحان 1967ع ۾ پاس ڪيائين. 1972ع ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان ٽنڊي باڳي مان پاس ڪيائين. هن سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت بابت تحقيق ڪري بيش بها ڄاڻ جو خزانو گڏ ڪيو. خاص طور تي بدين ضلعي جي علم، ادب، تاريخ، ماڳن مڪانن ۽ ٻين موضوعن بابت سندس ڪوجنا تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکي ويندي. شروع ۾ هو ”ابن الله بچايو“ جي نالي سان لکندو هو. سندس پهريون ڇپيل ڪتاب ”آڌي رات“ آهي، جيڪو آر ايڇ احمد حيدرآباد مان 1955ع ڌاري ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جي ٻين ڪتابن ۾ (1) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ (2) بدين ضلعي جو مطالعو (3) ڪڇين جا قول (4) سنڌ جا زيور (5) تاريخ الشعراءِ لاڙ (6) بدين ضلعي جا مشاهير (7) سنڌي آوازن جا تبادلا ۽ (8) سنڌ جون سورميون خاص ذڪر جي لائق آهن. پاڻ هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ جو مجموعو ”دوها ۽ دوتهان“ 1971ع ۾ لاڙ ادبي سوسائٽيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن بدين ۾ پهريون ثقافتي ميلو لڳرايو ۽ سندس ئي ڪوششن سان لاڙ ميوزيم جو قيام عمل ۾ آيو. هن لاڙ ادبي سوسائٽيءَ جو پايو وڌو ۽ ڪيترن ئي اديبن جا ڪتاب ڇپرايائين. سنڌي ادب جي هن اڪابر انسان 23 آڪٽوبر 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. ڪجهه حوالن ۾ هن جي فوتگيءَ جي تاريخ 23 بجاءِ 24 آڪٽوبر ٻڌائي وئي آهي

لطف علي لطف

لطف علي لطف هڪ عمدو سگهڙ ۽ شاعر هو. سندس جنم 22 سيپٽمبر 1939ع تي ٺٽي شير علي ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. غربت سبب ٺٽي شيرعليءَ جي پرائمري اسڪول ۾ فقط هڪ درجو پڙهيو. هن هڪ مقامي مدرسي مان ناظره قرآن شريف پڙهڻ جي پڻ سعادت حاصل ڪئي شروع ۾ يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي ڳائڻ شروع ڪيائين پر اڳتي هلي شاعري شروع ڪيائين. شاعريءَ ۾ سندس وڏي ڀاءُ عمر دراز هن جي سرپرستي ڪئي. سندس شاعريءَ جو هڪ مجموعو سندس پوٽن وٽ موجود آهي. هن جي شاعريءَ ۾ بيت، ڏور بيت، سينگار بيت ۽ ٻيو ڪلام شامل آهي. پروفيسر محمد شريف شاد پنهنجي ڪتاب ”ادبي تاريخ تعلقي لکيءَ جي“ ۾ هن جي شاعريءَ جا ڪجهه نمونا شامل ڪيا آهن. هن 23 آڪٽوبر 2005ع تي هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو.

سهراب فقير



سهراب فقير سنڌ جو مشهور صوفي راڳي هو. هن جو جنم 1934ع ڌاري خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ ٿيو. سندس والد حمل فقير هڪ سٺو طبلي نواز، سارنگي نواز ۽ ڳائڻو هو. هن جا وڏا جيسلمير واري علائقي جا رهواسي هئا. هن راڳ جا بنيادي نڪتا پنهنجي پيءُ ۽ چاچي کان سکيا. اڳتي هلي روهڙيءَ جي استاد ڪيتي خان کان موسيقيءَ جي سکيا ورتائين. شروع ۾ پنهنجي استاد سان گڏ طبلو وڄائيندو هو ۽ پوءِ يڪتاري ۽ ڪرتال تي سُر ورڪيرڻ شروع ڪيائين. شروع ۾ بزرگن جي مزارن ۽ ميلن ملاڪڙن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. مشهور شاعر تنوير عباسيءَ ڪيس ريڊيو پاڪستان خيرپور تي متعارف ڪرايو. اڳتي هلي خيرپور ريڊيو سان گڏ بهاولپور ۽ حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشنن تي به سندس آواز گونجڻ لڳو. پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) تي به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيائين. هن پاڪستان سان گڏ برطانيه، جرمني، بيلجيم، نيدرلينڊس، ناروي ۽ فرانس وغيره ۾ به سنڌ جي صوفي راڳ کي متعارف ڪرايو. هن کي پاڪستان سرڪار پاران حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو. تاريخ 23 آڪٽوبر 2009ع تي هن سريلي فنڪار جي زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو.

بيگم نصرت ڀٽو

اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گهر واريءَ بيگم نصرت ڀٽو جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هوءَ 23 مارچ 1929ع تي ايراني شهر اصفهان جي هڪ شاهوڪار ڪاروباري خاندان ۾ پيدا ٿي اڃا ننڍڙي ئي هئي جڏهن سندس خاندان هجرت ڪري پهريائين بمبئيءَ ۾ ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيو هن 1950ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي 8 سيپٽمبر 1951ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان هن جي شادي ٿي 1973ع کان 1977ع تائين هوءَ پاڪستان جي ”خاتون اول“ رهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن بڻجي آمر ضياءُ الحق خلاف جدوجهد جاري رکي انهيءَ جدوجهد دوران ڪيس ڪيترائي ڀيرا جيل به وڃڻو پيو. 1982ع ۾ ڪينسر جي علاج لاءِ ڪيس لنڊن وڃڻ جي اجازت ملي انهيءَ دوران محترمه بينظير ڀٽو پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن طور پارٽيءَ جون واڳون سنڀاليون نصرت ڀٽو 1980ع واري ڏهاڪي جي آخري سالن دوران وطن موٽي آئي هوءَ ٻه ڀيرا قومي اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي آئي بينظير ڀٽو جي حڪومت ۾ هن ”ڪيبينيٽ منسٽر“ ۽ ”ڊپٽي وزيراعظم“ طور ڪم ڪيو عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجن ٻن پٽن مير شاهنواز ۽ مير مرتضيٰ ڀٽي جي شهادت سندس جيءَ جهوري وڌو عمر جا آخري ڏينهن دبئيءَ ۾ گذاريائين ۽ ٿيئت 23 آڪٽوبر 2011ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

سيد قمرالزمان شاهه

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان، زرعي ماهر ۽ زميندار سيد قمر الزمان شاهه جي ورسي ملهائي پئي وڃي شاهه صاحب جو جنم 12 سيپٽمبر 1933ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي شهر ٽکڙ ۾ ٿيو. هن 1957ع ۾ بي اي ۽ 1959ع ۾ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون سياسي طور تي سڄي عمر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو هو 1973ع کان 1977ع تائين سينيٽ جو ميمبر رهيو. 1977ع ۾ ٽنڊي محمد خان واري ٽڪ تان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو ڪجهه عرصو سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر پڻ رهيو. شاهه صاحب چيمبر آف ڪامرس حيدرآباد جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ انهيءَ جو صدر پڻ رهيو. هو هڪ ادب دوست انسان پڻ هو هن پنهنجي رهائشگاهه تي ڪيترائي مشاعرا منعقد ڪرايا. هن سڄي عمر ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جي مخالفت ڪئي هن 23 آڪٽوبر 2016ع تي وفات ڪئي

تجم الدين ابڙو

مرحوم تجم الدين ابڙو قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جو مشهور سياستدان، زميندار ۽ وڪيل هو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق هن جو جنم 4 اپريل 1944ع تي ٿيو. جڏهن ته ڪجهه ٻين حوالن ۾ سندس جنم 4 بجاءِ 14 اپريل پڻ ڄاڻايو ويو آهي. سندس واسطو وارهه تعلقي جي ڪنڌو ڳوٺ سان هو. هن ايم ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ اٽڪل ٻارهن سال تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪئي 1969ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي سياست ڪرڻ شروع ڪيائين هو 2002ع ۽ 2008ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ جي ٽڪ 42 تان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هن 23 آڪٽوبر 2025ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي محمد عرفان ولد محمد حنيف وينل ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي امير بيگم بيواہ محمد حنيف راجپوت جيڪا تاريخ 23-11-2019 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ تاجپور جاگير تپو اي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) محمد اخلاق (پٽ) (2) محمد عرفان (پٽ) (3) عتيق الرحمن (پٽ) (4) محمد عمران (پٽ) (5) محمد حنيف ولد محمد يونس (مڙس) (6) مسمات ڪلثوم (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ سني جو مسلمان هئي سندس والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن سندس گهروارو فوتي ڪانهي فوت ٿيو آهي تصديق بن شاهدن نالي حامد حسين ولد عبدالرشيد (2) حمزہ احمد ولد ارشاد احمد جن ڳوٺ ٽنڊوڄام ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي منظور علي خان ولد سوڍو خان حاجاڻو وينل ڳوٺ داد خان حاجاڻو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي مسمات حوران بيواہ سوڍو خان حاجاڻو جيڪا تاريخ 01-12-2010 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سومرا تپو اي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) سوڍو (مڙس) (2) منظور علي (پٽ) (3) ظهور علي (پٽ) (4) ريحانا (ڌي) (5) زاهدان زال الهجڙيو (ڌي) (6) مسمات رابعہ زال سڪندر علي (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ سني جو مسلمان هئي سندس گهروارو مرحوم ڪانهي وفات ڪئي والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن آهڙي تصديق بن شاهدن نالي اعجاز علي ولد رحيم بخش حاجاڻو (2) جان محمد ولد محمد مطر حاجاڻو جن ڳوٺ برپو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالمتين ولد محمد اعظم ذات پراچا درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي محمد اعظم ولد مهرالدين تاريخ 18-06-2026 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديھ نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر سٽي سروي نمبر 799 وارڊ بي مان حصي موجب ايراضي ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهنجو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديھ 290-A شهر ڪوٽ غلام محمد ديھ 290-A ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) عبدالمتين (پٽ) (2) مسمات مهرالنساء (ڌي) (3) مسمات زيب النساء (ڌي) (4) مسمات شمع نورين (زال) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات شمير اختر زال محمد خالق ذات پراچا درخواست ڏني آهي تہ سندس مڙس نالي محمد خالق ولد مهر الدين تاريخ 03-11-22 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديھ نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر سٽي سروي نمبر 799 وارڊ بي مان حصي موجب ايراضي ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهنجو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديھ 290-A شهر ڪوٽ غلام محمد ديھ 290-A ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مسمات شمير اختر (زال) (2) مسمات هما پروين (ڌي) (3) محمد ناظر (پٽ) (4) محمد اعظم (پٽ) (5) محمد آفتاب (پٽ) (6) خالد محمد (پٽ) (7) مسمات سلميٰ بيگم (ڀيڻ) (8) مسمات نجمہ (ڀيڻ) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي محمد احسان ولد محمد يوسف ذات پراچا درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي مسمات سلميٰ بيگم زال محمد يوسف تاريخ 18-02-2015 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديھ نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر سٽي سروي نمبر 799 وارڊ بي مان حصي موجب ايراضي ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهنجو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديھ 290-A شهر ڪوٽ غلام محمد ديھ 290-A ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد احسان (پٽ) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي محمد نوشيروان ارسل ولد محمد ارسل نسيم ذات پراچا درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي مسمات نجمہ بي بي زال محمد ارسل نسيم تاريخ 11-02-2022 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديھ نمبر وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر سٽي سروي نمبر 799 وارڊ بي مان حصي موجب ايراضي ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهنجو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديھ 290-A شهر ڪوٽ غلام محمد ديھ 290-A ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) نوشيروان ارسل (پٽ) (2) مسمات نائلہ ارسل (ڌي) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪيان تہ اٿون ساٿين بخش سولنگي شناختي ڪارڊ نمبر 4120418217 503 کان محترمہ شهيد بينظير ڀٽو سنڌ يونيورسٽي اسٽاف هائوسنگ اسڪيم ڄامشورو جي بلاڪ نمبر 1 ۾ پلاٽ نمبر B/9 ايراضي 300 اسڪوائر يارڊ خريد ڪري رهيو آهيان. تنهن ڪري جيڪڏهن ڄاڻايل پلاٽ جو ڪو بہ دعويدار آهي يا ڪنهن جو ڪو اعتراض وغيرہ آهي تہ اسان سان هڪ هفتي اندر هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ ڪنهن جي بہ ڪا بہ دعوي يا ڪو بہ اعتراض قانوني طور قابل قبول نہ هوندو. جڏهن تہ اٿون اختيارين کي پڻ اها گذارش ڪيان ٿو تہ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي تہ جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

نعيم احمد ماڇيو ولد نور احمد ماڇيو رهاڪو مهلڻ
يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو شناختي
ڪارڊ نمبر 4320313507769
رابطي لاءِ نمبر 03337538991/03032638608

لاتعلقي جو اظهار

جيئن تہ اسانجو پٽ نالي شاهزيب علي ميمڻ ولد الهڏنو ميمڻ جيڪو شاهہ اويس ڪرنٽي شروير جو ڪم ڪري ٿو ۽ ڪاڏين جي ڏيتي ليتي متعلق پاڻ ڪاروبار ڪافي وقت کان ڪري رهيو آهي ان سان اسان مٿي ڄاڻايل سيني ڀائرن جو ڪو بہ تعلق نہ آهي نہ رهندو ۽ هو ڪاڏين جي ڏيتي ليتي جي ڪاروبار جو پاڻ ذميوار آهي جيڪو هاڻ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي انتهائي خراب ٿي چڪو آهي اسان سيني ڀائرن جو ان سان ڪو بہ ڪنهن قسم جو تعلق نہ آهي غلط حرڪتون ڪري ٿو اسين سيئي ڀائر پنهنجي خاندان سميت نافرمان ڀاءُ شاهزيب ولد الهڏنو ميمڻ کان لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا اسانجو ساڻس ڪو بہ تعلق نہ آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جو واسطو رستو نہ رهندو هو پنهنجي ٻري ڀلي عمل جو پاڻ ذميوار رهندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي تہ جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

شيراز علي ميمڻ شهداد علي ميمڻ گل زيب ميمڻ
سجاد علي ميمڻ، جهانزيب علي ميمڻ شاهرخ ميمڻ
ولد الهڏنو ميمڻ رهاڪو اسٽيشن روڊ ٽنڊو محمد خان
41601.0591251.1

گمشده ڊگري بابت اطلاع

جيئن تہ منهنجي LLB جي اصل ڊگري سيٽ نمبر 2077 پٺاڻي نگر ٿاڻي جي حد ۾ ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نہ سگهي آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي تہ ڊپارٽمينٽ موڪلي

عبدالرزاق خان ولد عبدالستار خان رهاڪو گهر نمبر 491
بلاڪ سي لطيف آباد حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1917 سال 2026

مسمات بختاور ڌيءَ محمد جمن زال محمد شريف رهندڙ گهر نمبر 03 پاڪيٽ ڪالوني مرشد آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد شريف ولد ناٿوخان رهندڙ نصير آباد سامهون واٽر ٽينڪ تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فرسٽ سول/فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1169 سال 2026

مسمات غلام ظهران ڌيءَ محمد سليمان ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد قاسر ولد رفيق ڪوڪ رهندڙ نزد پوليس هيڊ ڪوارٽر جيڪب آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 31-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1316 سال 2026

مسمات زارا ڌيءَ جاويد احمد بروڙو رهندڙ گهر نمبر 933 ڀاڀن شاهہ ڪالوني نزد مهراڻ پريس حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. شاهزيب ولد غلام رسول پنهور رهندڙ پنهور هائوس پراڻي مرچي مارڪيٽ روهڙي ضلعو سکر 03312223297 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس اينڊ رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي ايم III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VII حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1688 سال 2024

(1) ولي محمد (2) مسمات شمع (3) نصير خان (4) مسمات شهلا سڀ پٽ ڌيئرون نواز علي معرفت اسپيشل اٽارني علي خان ولد نواز علي رهندڙ ڳوٺ بلوچ خان لغاري تعلقو ضلعو حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) سيڪريٽري روينيو سنڌ حيدرآباد (2) ڊي سي حيدرآباد (3) سب رجسٽرار سٽي II حيدرآباد روول (4) اي سي حيدرآباد روول (5) مختيارڪار روينيو حيدرآباد روول (6) خير محمد ولد حاجي محمد لاشاري (7) اڪرام شاهہ ولد سلطان شاهہ رهندڙ ٽنڊو جهانيہ سول لائن حيدرآباد (8) وقاراحمد شيخ ولد علي احمد شيخ رهندڙ شيخ محلہ ميهڙ ضلعو دادو .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن، ڪينسليشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول جج VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب ميرو صبا مهر)
گارجين سوٽ نمبر 42 سال 2026

رمضان ولد خان محمد ذات جدگال رهندڙ ڳوٺ غلام محمد بلوچ ديھ 110 تعلقو حسين بخش مري ..اپليڪينٽ ...بخلاف..(1) مسمات Anbhi ڌيءَ خان محمد زال عبدالرحمان (2) فقير محمد ولد خان محمد (3) اسماعيل ولد خان محمد ذات Jadggal رهندڙ ڳوٺ غلام محمد بلوچ ديھ 110 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپونٽنس (اي) مسمات Zar hatoon عمر 16 سال .. مائنر

مٿين اپونٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 10.29.31 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 159 سال 2026

مسمات مرڪ ڌيءَ عبدالجبار ڪيريو رهندڙ ڳوٺ ولي محمد ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف ...بخلاف.. وسيم علي ولد علي نواز خاصخيلي رهندڙ پير ذڪري نمبر 02 تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 03-11-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي ايگزيڪيوشن 01 سال 2026 فيملي سوٽ 52 سال 2025

(1) مسمات ياسمين بانو عرف حنا (2) محمد Maiz عرف محمد صبر ولد علي اڪبر رهندڙ راجپوت محلہ شاهي بازار سعيد آباد ..پلينٽف ...بخلاف.. علي اڪبر ولد عبدالستار راجپوت رهندڙ سٽي سٽي سعيد آباد ضلعو مٽياري .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن تہ مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I سعيدآباد

عام اطلاع

جيئن تہ نالي مسمات حسن بانو بيواہ نظيراحمد خاصخيلي وينل ڳوٺ محرم خان خاصخيلي تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس مڙس نظير احمد خاصخيلي ولد علي بخش جيڪو ايجوڪيشن کاتي جو حاضر سروس چوڪيدار هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 18-09-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات حسن بانو (بيواہ) (2) شهباز (پٽ) (3) رخسانا (ڌي) (4) ريحانا (ڌي) جڏهن تہ آهڙي تصديق بن شاهدن ان هڪ نالي اسد علي ولد محرم خان خاصخيلي 4180107270725 ۽ وقار احمد ولد علي حيدر شالسين 4180107295373 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي شفيق الرحمان ولد محمد اقبال راجپوت وينل ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي زهرہ بيگم بيواہ محمد اقبال راجپوت جيڪا تاريخ 20-04-2022 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ تاجپور جاگير تپو اي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) سعيد الرحمان (پٽ) (2) سيف الرحمان (پٽ) (3) شفيق الرحمان (پٽ) (4) سميرا عاطف راوٽو (ڌي) (5) رابعہ عاطف (ڌي) (6) فاطمہ اقبال (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ سني جو مسلمان هئي سندس والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن آهڙي تصديق بن شاهدن نالي محمد عرفان ولد محمد حنيف راجپوت (2) حمزہ خالد ولد ارشاد احمد جن ڳوٺ برپو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

بقايا 1 روزاني عبرت

جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو اويئر جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر علي اڪبر راهمون چيو تہ برسات جي کوٽ سبب ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي آهي جنهن ڪري پيئڻ جي پاڻي، چوپائي مال جي چاري، خوراڪ ۽ روزگار جا مسئلا وڌي رهيا آهن هن ضلعي انتظاميہ کان متاثر علائقن جو سروي ڪرائي متاثر خاندانن، مالوندن ۽ آبادگارن لاءِ هنگامي امداد فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو گڏجاڻيءَ ۾ سرڪاري اسپتالن ۾ نفسياتي صحت، دماغ ۽ اعصاب، اکين ۽ ڪن نڪ ۽ ڳلي جي ماهر ڊاڪٽرن جون مقررين ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ويو عورتن جي ترقيءَ واري کاتي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر شاهد حسين آرائين عورتن جي تحفظ، سيف هائوس کي فعال بڻائڻ ۽ متاثر عورتن کي قانوني توڙي نفسياتي سهائتا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو فورم جي ميمبرن شيوا رام منصور گرگين ڪنهيا لال ۽ پارت ڪمار معذور ماڻهن جي حقن تعليم علاج سماجي تحفظ ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ پنج سيڪڙو ڪوٽا تي عملدرآمد جڏهن تہ مذهبي اقليتن جي حقن جي تحفظ جو مطالبو ڪيو پريس ڪلب عمرڪوٽ جي صدر امين ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ٿر ۾ ڏڪار جي صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي آهي جنهن سبب ڀهراڙيءَ جي ماڻهن خاص طور مالوندن ۽ پورهيت خاندانن کي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو تہ متاثر ماڻهن کي رکو وقتي سهائتا ڏيڻ بدران سندن پيئڻ جي پاڻي روزگار ۽ بنيادي ضرورتن جي مستقل حل لاءِ سنجيدہ قدم کڻڻ گهرجن هن عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن تائين ماڻهن جو آواز پهچائڻ ۾ صحافين جي ڪردار کي اهم قرار ڏيندي يقين ڏياريو تہ پريس ڪلب عوامي ڀلائيءَ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو گڏجاڻيءَ ۾ ڪنهيا لال کي سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين جو ميمبر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني وئي ۽ آواز آگاهي مرڪزن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو فورم جي چيئرمين ايڊووڪيٽ پاڳچند پيل چيو تہ آواز ڊيو پروگرام جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ بہ ضلعي فورم جاري رهندي جتي سرڪاري ادارن سول سوسائٽي ۽ سماجي اڳواڻن جي گڏيل سهڪار سان عوامي مسئلن جي حل ۽ ادارن جي جوابدهيءَ لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون

بقايا 2 روزاني عبرت

احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ استادن مطالبو ڪيو تہ سينيئر استادن جون جبري بدليون روڪيون وڃن معطل ڪيل نوجوان استادن کي بحال ڪيو وڃي ۽ ٽريزري آفيس سجاول جي عملدارن جي استادن سان مبينا ناروا سلوڪ جو نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪيا وڃن.

بقايا 3 روزاني عبرت

صدارت ماحوليات بابت وڏي وزير جي صلاحڪار دوست محمد راهمون ۽ ماحوليات واري سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي ڪئي. اجلاس ۾ موسمياتي تبديلي ۽ ڪاربن فنانسنگ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سيد امداد شاهہ اسپيشل سيڪريٽري ايان يئي اين ڊي سي (NDC) جي نمائندن ماحولياتي ماهرن ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ ڪلائميٽ چينج پاليسي 2022ع، نيشنل ڊيٽرمائنڊ ڪنٽريبيوشنز (NDC 3.0) بابت سفارشن موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ قائم ڪميٽين ادارتي صلاحيت ۽ موسمياتي منصوبن جي اثرائتي نگراني بابت بريفنگ ڏني وئي شريڪن توانائي، ٽرانسپورٽ، زراعت، جهنگلات، پاڻي ۽ ساموندي علائقن جي تحفظ کي موسمياتي قدمن جا اهم شعبا قرار ڏيندي نئين سر پيدا ٿيندڙ توانائي (قابل تجديد توانائي)، اليڪٽرڪ گاڏين، توانائي جي بچت، وڻڪاري، زمين جي بحالي اثرائتي آبپاشي ۽ موسمياتي تبديلين کان محفوظ زرعي طريقن کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي اجلاس ۾ موسمياتي منصوبن لاءِ مالي مدد جي حاصلات ۾ ڊيٽا جي کوٽ، منصوبن جي تياري ۽ ادارتي صلاحيت بابت مسئلا پڻ غور هيٺ آيا اجلاس دوران ماحوليات کاتي سنڌ ۽ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد جڏهن تہ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي اينڊ اسڪل ڊيولپمينٽ خيرپور ميرس جي وچ ۾ بہ يادداشتنامن (MoUs) تي صحيحون ڪيون ويون انهن معاهدن جو مقصد موسمياتي تبديلي، ماحولياتي تحفظ، حياتياتي تنوع (Biodiversity)، پائيدار زراعت، مقامي ٻوٽن جي وڻڪاري، تحقيق، تعليم ۽ معلومات جي مٽاسٽا ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي ان موقعي تي ماحوليات کاتي سنڌ بابت وڏي وزير جي صلاحڪار دوست محمد راهمون چيو تہ يونيورسٽين سان معاهدن جي نتيجي ۾ نوجوانن ۾ ماحولياتي سجاڳي (آگاهي) وڌندي ۽ تحقيقي ڪم کي عملي منصوبن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ملندي انهن معاهدن جي ذريعي شاگردن ۽ محققن لاءِ موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي پائيداري جي شعبن ۾ گڏيل سرگرمين ۽ تربيت جا موقعا پيدا ڪيا ويندا. وڏي وزير جي صلاحڪار دوست محمد راهمون واضح ڪيو تہ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جا 12 کان وڌيڪ کاتا ڪم ڪري رهيا آهن سنڌ جي وڏي وزير ان حوالي سان هڪ خاص ٽاسڪ فورس پڻ قائم ڪئي آهي ڪراچي ۾ ويسٽ واٽر (خراب پاڻي)، صنعتي گندگي ۽ سالڊ ويسٽ (سخت گندگي) جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ قدم جاري آهن سمنڊ ۾ گندي پاڻي جي خارج ٿيڻ کي ٻڙي (زيرو) تائين آڻڻ اسان جو هدف آهي هن سمنڊ جي پاڻي جي معيار جي نگراني، مينگروز (تيمر جي ٻيلن) جي شجرڪاري، ساحلي ماحول جي تحفظ ۽ وڌندڙ آباديءَ سبب زرعي زمينن تي رهائشي اڏاوتن جي روڪٿام لاءِ گڏيل ڪوشش تي زور ڏنو ان موقعي تي ماحوليات واري سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي چيو تہ سنڌ حڪومت ۽ يونيورسٽين جي وچ ۾ رابطن جي کوٽ کي ختم ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن تحقيقي نتيجا ۽ سائنسي معلومات وقت سر حڪومتي پاليسي سازي ۾ شامل ڪري سگهجي. ماحوليات کاتو مختلف شعبن ۾ موسمياتي تبديلي جا اثر گهٽائڻ ۽ مالي وسيلن جي حاصلات لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. کاتو هينئر تائين ڪاربن ڪريڊٽس جي 13 منصوبن جي توثيق ڪري موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي رابطاڪاري واري وزارت (MOCC) کي موڪلي چڪو آهي جڏهن تہ وڌيڪ 6 منصوبا غور هيٺ آهن جن جي منظوري ڪانپوءِ انهن کي بہ وزارت ڏانهن موڪليو ويندو هن چيو تہ ساموندي ترقي ۽ قدرتي وسيلن جو تحفظ پڻ کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي يونيورسٽين سان مستقل رابطن ذريعي تحقيق، منصوبابندي ۽ عملي قدمن کي گڏ ڪيو ويندو. يونيورسٽين جي آخري سال جي شاگردن لاءِ تسليم ٿيل ۽ منصوبن جي بدلَ انٽرن شپ جا موقعا پيدا ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي تہ جيئن نوجوان موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي تحفظ جي شعبن ۾ پنهنجون پيشيورانيون صلاحيتون ڪم آڻي سگهن اجلاس کان اڳ کاتي جي انتظام هيٺ واٽر فوڊ انرجي (WEF) نيڪسس ڪنٽري پليٽ فارم سنڌ جي حوالي سان هڪ تربيتي نشست پڻ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسلامي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان پاڻي خوراڪ ۽ توانائي جي پاڻ ۾ لاڳاپن موسمياتي منصوبن جي تياري، انهن کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ ۽ مالي وسيلن جي حاصلات جي موقعن تي بريفنگ ڏني وئي ان نشست ۾ اين ڊي سي (NDC) پارٽنرشپ جي ٽيم پڻ شرڪت ڪئي شريڪن کي ٻڌايو ويو تہ پاڻي خوراڪ ۽ توانائي جي شعبن کي مضبوط انداز ۾ منصوبابندي ذريعي موسمياتي خطرن کي گهٽائڻ قدرتي وسيلن جي بهتر استعمال ۽ سنڌ ۾ پائيدار ترقي جي هدفن جي حاصلات ۾ مدد ملي سگهي ٿي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪوٽ سان تعلق رکندڙ ڀيل برادري جا پنج ماڻهو فوت ٿي ويا هئا ۽ ڇهہ ڄڻا سخت زخمي ٿيا هئا

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪري علائقي جو نالو روشن ڪيو آهي تقريب ۾ واپارين شهرين صحافين ۽ شاگردن ۽ سندن والدين پڻ شرڪت ڪئي واپارين جي ايسوسيئيشن پاران ٽن مختلف ڪيٽيگرين ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ ڏهہ هزار کان پنجاهہ هزار رپين تائين روڪ انعام ورهايا ويا، جڏهن تہ ڪامياب شاگردن کي ميڊل ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون ويون تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو تہ ڪامياب شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي، تہ ڪي سندن دل آزاري ڪئي وڃي چاڪاڻ تہ اهي نوجوان مستقبل ۾ ئي سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا. تقريب ۾ اعزاز حاصل ڪندڙ شاگردن منتظمين جا ٿورا مڃيندي چيو تہ اهڙين تقريبن سان سندن حوصلا وڌن ٿا ۽ ٻين شاگردن کي بہ محنت ڪري ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي ترغيب ملي ٿي هنن چيو تہ سندن ڪاميابي رکو ذاتي نہ پر سڄي خطي لاءِ فخر جو سبب آهي. شهرين پاران پڻ واپارين جي ايسوسيئيشن جي ان قدم کي ساراهيو ويو. تقريب ۾ پوزيشن هولڊر شاگردن راڪيش ڪمار رميز راجا نريندر ڪمار ڪوڪ نيشا ايشور ليلاڻي جئيپال سنگهہ، ڪينڊراج سنگهہ، نيرج اختر علي، پرويز راجا جمشيد راجا، ڪليم الله، پرويز راجا، پرٿوي راج، چاندني ۽ ٻين بہ شرڪت ڪئي.

بقايا 6 روزاني عبرت

احمد خاصخيلي سومرا برادري جو چڱو مڙس منظور سومرو صدر پريس ڪلب دليپ ڪمار ڏاڪي بار جو صدر آفتاب چنا. پيپلز پارٽي ضلعي انفارميشن سيڪريٽري رضا مراد چاچڙ مزدور يونين اڳواڻ آفتاب باجڪاڻي وڪيل عبدالصمد بجاراڻي سينئر صحافي مسعود عالم سومرو لياقت علي ڪوس حفيظ ملڪ. راڄا گوپي چند، ايس يو پي ضلعي صدر ظريت بجاراڻي جماعت اسلامي جي اڳواڻ حافظ نصر الله چنہ غلام مصطفيٰ ميراڻي جي يو آءِ اڳواڻ مولوي خان محمد ملڪ جسم ضلعي اڳواڻ ڪامريڊ عباس باجڪاڻي شهيد شاهد سومرو جو ڀاءُ عبدالعزيز سومرو نصير منگي ۽ ٻين چيو تہ ڪنڌڪوٽ ۾ صحافت ڪرڻ تمام مشڪل آهي جنهن جو واضح مثال 24 سال اڳ حق سچ لکڻ تي شهيد شاهد سومرو کي رات جي اونداهي ۾ گولين هڻي شهيد ڪيو ويو هو ۽ شهيد جي ڏنل راهہ تي اڄ بہ ڪنڌڪوٽ جا صحافي هلي هتان جي عوامي اشوز ۽ مظلومن جي داد رسي لاءِ آواز اٿاري رهيا آهن شهيد شاهد سومرو جي قلم جي لکڻي پر طاقت هئي جنهن ذريعي هن مسڪين ۽ مظلوم عوام کي انصاف ڏياريو فرسودہ رسمن خلاف ڀرپور آواز اٿاريو جنهن جي روڪٿام لاءِ آواز اٿاريو آهي جنهن ڪري اڄ بہ هو ڪنڌڪوٽ جي صحافين سميت هر طبقي هر شهر واسي جي دل ۾ هميشا يادون زندہ آهن انهي موقعي تي غلام رسول ميراڻي . غلام ياسين اوڳاهي - سليم ميراڻي . ممتاز سنڌي - لطيف ميراڻي - ظهير ملڪ . علي شير ملڪ - فخر بلوچ آغا ڪليم الله خلجي - سميت ٻين بہ شرڪت ڪئي شهيد شاهد سومرو سميت پريس ڪلب جي فوتي صحافين لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 7 روزاني عبرت

اليڪشن ٿي ڪئي. ڊاڪٽر قادر مگسي ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي اوڊيرولال ڳوٺ خليفو يار محمد شاهہ پهتو سيد اعجاز علي شاهہ سان والد جي وفات تعزيت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو حڪمرانن جو دماغ خراب آهي هن وقت پاڪستان ۾ اهڙو ماحول ناهي جو وڌيڪ مسئلا پيدا ڪجن. حڪمران عوامي مشورن تي عمل ڪن تہ ڪرپشن ڪٽين ختم ٿيندي چوري ڪٽين ختم ٿيندي ماڻهن کي سستو اٽو ڪٽين ملندو تيل سستو ڪٽين ٿيندو چور بہ اهي نوڪريون بہ اهي ڪهاڻين سارشلا بہ اهي هٿن. ووٽ عوام جو آهي جيسين صرف ڏانهون ڪندا رهندا ۽ ووٽن جي ڪائيم وري انهن کي ووٽ ڏيندا تہ پوءِ اهڙن حڪمرانن سان جند ڪٽين ڇڏي ٿيندي، اسان ڪراچي ڊويزن ۾ 29 تاريخ تي لکين ماڻهو گڏ ڪنداسين جيڪڏهن اسان هڪ دفعي 8 کان 15 لک ماڻهو ڪراچي ۾ گڏ ڪياسين تہ سنڌ معان شامعن ۾ گهٽتائي اچي ويندي، عوام کي اپيل آهي 29 نومبر تي ڪراچي پراچن ان موقعي تي سيد گلزار شاهہ مرڪزي اڳواڻ ايس ٽي پي ڄام شوڪت ابڙو محمد علي ابڙو عبدل فتح محمد موسو لوڪ ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا 8 روزاني عبرت

شڪارپور ۾ ٿي گڏيل اجلاس ۾ مختلف اشوز تي پڻ بحث ڪيو ويو خاص طور تي 19 ۽ 20 نومبر تي صوبائي قيادت طرفان رکيل ضلعي جو تنظيمي دوري بابت شيڊيول تيار ڪيو ويو ياد رهي تہ مارچ 2027 ۾ ٿيندڙ تاريخ ساز آمن عالم اجتماع سکر جي تيارين جي سلسلي ۾ صوبائي قيادت مولانا عبدالقيوم هاليجوي، علامہ راشد محمود سومرو پنهنجي پوري صوبائي ٽيم سميت ضلعي شڪارپور جي پنجن ئي تعلقن جو تنظيمي دورو ڪري ڪي تنظيمي اجلاسن، ڪئي عوامي جلسا، تہ ڪئي پريس ڪانفرنسن ڪري اهم خطاب ڪندا اجلاس ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد طيب ميمڻ حافظ رفيق احمد شر مولانا عبدالواحد کيهڙ، استاد رفيق احمد داير سميت ضلعي عاملہ ۽ تمام تعلقن جي امراء ۽ نظماء عمومي صاحبان شرڪت ڪئي

بقايا 9 روزاني عبرت

ايڊووڪيٽ زين سولنگي، ڊاڪٽر ديدار چانڊيو، ڊاڪٽر خسين گل سرڪي ، فقير عبدالمجيد ملاح ، سينئر صحافي فقير محمد عباسي ۽ ٻين چيو تہ آغاشير گل سرڪي جي شاعري ۾ وقت حالات سان گڏ نياز نوڙت ۽ پنهنجي پاڻ ۾ همت حوصلو پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ سميت سيني جي خوبيون سمايل آهن جيڪي هڪ سلي شاعر جي شاعري ۾ موجود هونديون آهن جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ آغا شير گل جا ڪتاب وڏي حيثيت ۽ اهميت رکن ٿا تقريب ۾ وحيد سولنگي ، منصور ملاح دوست علي سولنگي ، رمضان عباسي ، حافظ فاروق گهانگهرو ،شاهد مغل ، خليل حيدر شيخ ، ضمير سيال ،لطيف سومرو شيرگل چانڊيو ،وسيم جوڻيجو ، آغا انور عباسي ، مجاهد چانڊيو ، احمد علي جوڻيجو ، آغا عارف علي سولنگي ، دوست علي سولنگي گلاب چانڊيو ، بيئرسٽر ظهيرالحسن ، ايڊووڪيٽ عبدالحق چانڊيو ، صحافي خدابخش چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي آخر ۾ سريلي ڪلاڪار ذوالفقار سامٽيو آغا شير گل سرڪي جي شاعري موسيقي واري انداز ۾ ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا تقريب ۾ آيل مهمانن کي سول سوسائٽي جي صدر قلندر بخش چانڊيو ۽ بزم گلاب جي جنرل سيڪريٽري مجاهد چانڊيو طرفان سنڌي ثقافت جي سوغات اجرڪن ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ ڊنر پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 10 روزاني عبرت

حسين خاصخيلي ڊاڪٽر بجل ٿنڏو ۽ ٻين هزارين روپيا انعام ڏنا ملهہ ملاکڙي ۾ گاديءَ نشين فقير روشن مغل، مير منور مغل پاران سردار شاهجهان مغلءَ ڊاڪٽر بجل ٿنڏو کي بوسڪي جا ٽڪا ٻڌايا ويا باقي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. محفل موسيقي فنڪارا ڪاجل ۽ نور حسن ٿاڏي فرزانہ بهار ۽ ٻين سر ڪيريا، ميلي جي موقعي تي جهولا، سرڪس موت جا کوهہ ۽ مٺاين جا دڪان پڻ سجايا ويا

بقايا 11 روزاني عبرت

پيڇو ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي سي آفيس جي ويجهو پوليس ۽ ملزمن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي شاهين فورس جي اهلڪارن جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻئي فورو مارجي ويا مارجي ويل ملزمن جي قبضي مان ۽ پستول ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي ايس ايس پي ڪورنگي جي ترجمان موجب شاهہ فيصل ڪالوني ٿاڻي جي حد عظيم پورا پل جي ويجهو پوليس ۽ فورن وچ ۾ مقابلو ٿيو پوليس جي مقابلي ۾ فورو مارجي ويو جڏهن تہ هٿيار ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پوليس اهلڪار ڪانسٽيبل ياسين جي پير ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ وڌيڪ تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن جڏهن تہ واقعي بابت قانوني ڪارروائي پڻ هلي رهي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

فاريسٽ ضلع گهوٽڪي ضياء الله لغاري جو آشيرواد حاصل هجڻ سبب ٻيلي کاتي جي گهوٽڪي ضلعي جي ڪامورن جي ملي ڀڳت سبب جروار ٻيلو جهانپور ٻيلو سرحد ٻيلو حيات پتافي ٻيلو رسير ٻيلو سميت ٻين ٻيلن مان سر عام ڪروڙين روپين جي قيمتي وڻن جي وڍي جو سلسلو بدستور جاري آهي جڏهن تہ وڻن جي وڍي بعد ٻيلي کاتي جي هزارين ايڪڙ زمين بااثرن حوالي ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ مليل شڪايتن موجب سنڌ جي مختلف علائقن سميت ضلعي گهوٽڪي ۾ ٻيلي کاتي جي سرڪاري زمينن ۽ درياهہ جي ڪچي واري ايراضيءَ تي بہ مبينا قبضي جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن مقامي ماڻهن ۽ زمينن سان لاڳاپيل ذريعن جو چوڻ آهي تہ بااثر ماڻهن پاران هزارين ايڪڙ سرڪاري زمين تي قبضا ڪيا ويا آهن جڏهن تہ ڪيترن ئي هنڌن تي ٻيلي کاتي جي زمينن تي وڻن جي وڍي سبب ٻيلن جي قدرتي سونهن ۽ ماحولياتي توازن کي نقصان پهچڻ جا خدشا وڌي ويا آهن شڪايتن موجب ڪجھ علائقن ۾ غريب ۽ شريف ماڻهن جا مهانگ بہ مبينا طور بااثر ڌرين جي حوالي ڪيا ويا آهن جنهن سبب مقامي رهواسي پنهنجي زمينن ۽ حقن جي تحفظ بابت پريشان آهن متاثر ماڻهن کي پنهنجا مهانگ بچائڻ لاءِ بہ سخت مزاحمت ۽ خطري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اهڙي صورتحال سبب ٻيلي جي سرڪاري زمينن جي ڏڪرارن جهيڙن ۽ رتوڇاڻ جو خطرو وڌڻ بابت پڻ خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن. شهرين ۽ زمينن سان لاڳاپيل ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن سرڪاري زمينن تان غيرقانوني قبضا ختم نہ ڪرايا ويا ۽ ٻيلي کاتي جي زمينن جي حفاظت لاءِ اثرائتا قدم نہ کنيا ويا تہ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي هن ٻئي طرف ڊي ايف او فاريسٽ گهوٽڪي ضياءالله لغاري جي ڪارڪردگي بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن شڪايت ڪندڙن جو الزام آهي تہ ڪجهہ غيرآباد چوڪرين کي بہ سرسبز ۽ آباد ڄاڻايو ويو آهي جڏهن تہ حقيقت ۾ اهڙي چوڪرين وڻن کان خالي ٿي چڪيون آهن جيڪڏهن سرڪاري رڪارڊ ۽ زمين جي حالت بابت غلط ڄاڻ درج ٿيل آهي تہ ان جي شفاف جاچ ڪرائڻ ضروري آهي جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارن جو تعين ٿي سگهي. شهرين سماجي اڳواڻن ۽ زمينن سان لاڳاپيل ماڻهن سنڌ حڪومت، روينيو کاتي ٻيلي کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ هزارين وڻن جي قاتل ڊي ايف او فاريسٽ گهوٽڪي ضياء الله لغاري کي فوري طور تي هٽائي سرڪاري زمينن تان قبضا ختم ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو.

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪ چوڻ هو تہ پوليس گهرن کي باهيون ڏئي فرار ٿي وئي. هنن الزام هنيو تہ وڏيري نويد سيال ظلم برپا ڪري ڇڏيو آهي ۽ چوي ٿو تہ گهر ۽ ڳوٺ خالي ڪري وڃو "سومر بليم ڳوٺ منهنجو آهي" متاثر ڳوٺاڻن ڏانهون ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

آپريشن جي آخري مرحلي جو اعلان ڪيو آهي جنهن تحت سکر ڊويزن جي مختلف ريلوي اسٽيشنن ۽ ڪالونين جي ويجهو قبضا هٽائڻ ۽ غير لاڳاپيل ماڻهن جي قبضي ۾ ريلوي ڪوارٽرز خالي ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي ويندي (رپورٽ موجب، ريلوي انتظاميا تجويز ڪيل آپريشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ سکر جيڪب آباد، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻو سميت لاڳاپيل علائقن ۾ ريلوي پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي آهي ريلوي پوليس ۽ ضلعي انتظاميا جي لاڳاپيل اختيارين کي آپريشن دوران مدد فراهم ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي آهي جڏهن تہ ڪنهن بہ ناخوشگوار صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ليڊي پوليس ڪانسٽيبلن جي تعينات سميت خاص سيڪيورٽي انتظام تي زور ڏنو ويو آهي.

بقايا 15 روزاني عبرت

مالڪ اي ايس آءِ اعزاز ميمڻ پاران صبح تئہ سان انٽري ڏي واقعي جي سموري حقيقت بابت پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. اطلاع ملڻ تي هالا پوليس ۽ اسپيشل فنگر پرنٽس جي ٽيم جاچ ڪري تفصيل معلوم ڪيا آهن . جنهن بعد پوليس رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي . هالا شهر ۾ چورين جي وارداتن ۾ اضافي بعد شهرين ۾ ڳڻتي جوڳي صورتحال ڇانئجي وئي آهي جنهن سبب شهري راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن

بقايا 16 روزاني عبرت

لاهي اغوا ڪيو ويو هيو جنهن جي هن وقت تائين ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو اغوا ٿيل نواب دين جي وارثن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي نواب شاهہ ۽ ايس ايس پي نواب شاهہ کان مطالبو ڪيو تہ مغوي نواب دين جي بازياب ڪرائي اسانجي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 17 روزاني عبرت

گل محمد عرف گلي بارڻ زخمي ٿي پيو پوليس موجب زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري علاج لاءِ تعلقي اسپتال جاتي منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

ٽن ريلي کي خطاب ڪندي چيو تہ حرمين شريفين جو تحفظ هر مسلمان جي ايمان جو حصو آهي، پاڪستان جو استحڪام اسان سيني جي ذميواري آهي. اسان آخر دم تائين حرمين شريفين جي ناموس ۽ پاڪستان جي سلامتي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ريلي ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري حرمين شريفين ۽ پاڪستان جي حق ۾ زبردست نعريبازي ڪئي. آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ حرمين شريفين جي حفاظت لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.

بقايا 19 روزاني عبرت

اهو وچن ڪيون ٿا تہ سنڌ کي پيار امن محبت ۽ ڀائپي جي ڌرتي بڻائينداسين اهو پڻ وچن ڪيون ٿا تہ سنڌ جي مظلوم ماڻهن کي حق سندن دهليز تائين پهچائينداسين ۽ ڪين عوام دشمن ظالم حڪمرانن مان ڪين نجات پڻ ڏيارينداسين هن چيو تہ سنڌ ۾ نون صوبن جو راڳ هلي رهيو آهي، مان پڇڻ چاهيان ٿو تہ ڇا ملڪ مان بيروزگاري بدامني ختم ٿي وئي آهي. اسپتالون قائم ٿي ويون ۽ تعليم اچي وئي آهي ؟ جو هاڻي نوان صوبا ٺاهڻ جو رينگٽ ڪيو پيا، چون ٿا تہ اقتدار ۾ صرف 2 چهرا اچن پيا پر مان پڇان ٿو تہ انهن کي ڪنهن آندو آهي ؟ گڏيل اليڪشن ۾ لاڙڪاڻي جي عوام بلاول ڀٽو کي مسترد ڪيو هو پر ڌانڌلي ڪري لاڙڪاڻو پيپلزپارٽي کي ڏنو ويو توهان تقدير جا فيصلا ڪرڻ بند ڪيو پوءِ ڏسو تہ عوام ڪنهن کي ٿو چونڊي. مداخلت بند ڪرڻ کان سواءِ ڀلي توهان 20 صوبا ٺاهيو پر مسئلو ختم نہ ٿيندو. هن چيو تہ منهنجي شهيد والد خالد محمود سومرو اسيمبلي ۾ ويهي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي هئي ۽ اسان ڪئنالن جي مخالفت ڪيون پيا، ميرپورخاص حيدرآباد سميت تعليمي بورڊن ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جون مارڪون وڌائڻ لاءِ 10 ارب روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي ٻارن جي تعليم ضايع ڪئي وئي آهي تہ پوءِ ڌرتيءَ جو اهو حال تہ ٿيندو تہ ڇا ٿيندو ؟ هن چيو تہ سنڌ جو امن تباهہ آهي تہ سنڌ کي ۽ اڄ سنڌ جي ڌاڙيلن جي حوالي آهي. سنڌ جا رسيلا داءُ تہ اي لڳل آهن ملڪيون کپايون پيون وڃن ڇا پنهنجي سنڌن پيءُ ڏاڏي جي ملڪيت آهي ؟ اسان ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ جا ٻيٽ جزيرا زمينون ۽ درياهہ ڪيائي ڪنهن کي ڏيڻ نٿا ڏئي سگهون. سنڌ جي تقدير جو فيصلو جعلي حڪومت نہ پر عوام ڪندو هن وڌيڪ چيو تہ پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام کي اٽي لٽي ۽ اجهي جو نعرو ڏنو پر ناڪام ثابت ٿي، ڪراچي سميت سنڌ اندر ماڻهو بک وگهي پنهنجي ٻچن کي ذبح ڪري پاڻ خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. ٻئي طرف جن ماڻهن وٽ اڳ بہ سائيڪل بہ ڪونہ هئي آهي اڄ اهي ارين ڪرين جا مالڪ بنيل آهن پر عوام ويلي سائي ۽ علاج لاءِ تڙپي رهيو آهي. پاڪستان ۾ روزگار ناهي لاءِ ڊيڊر آهي پ پ وارا انڪم سپورٽ پروگرام مان اڌ پاڻ کائين ٿا ۽ اڌ ماڻهن کي ڏين ٿا هڪ دفعو مولوين کي موقعو ڏيو توهان جا حق توهان جي در تي پهچائينداسين هن چيو تہ پاڪستان جو اسان جو آهي اسان پاڪستان جا آهيون فوج بہ اسان جي آهي فوج جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. اسان پنهنجي قائد مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ جدوجهد ڪري رهيا آهيون ۽ فوج سان گڏجي دهشتگردي ختم ڪرائينداسين. مکو مدينو اسان جي ريڊ لائين آهي ڪنهن بہ ماڻهو کي انهن جي طرف ميري اک کڻي ڏسڻ نہ ڏينداسين. اسان سعودي عرب تي حوثين جي حملي جي مذمت ڪيون ٿا. هن چيو تہ اسان روزگار ۽ ملڪ جي استحڪام لاءِ ٻاهر نڪتا آهيون ان حوالي سان ايندڙ سال 19/20/21 مارچ 2027 سکر ۾ انساني تاريخ جو سڀ کان وڏو اجتماع منعقد ڪيون پيا جنهن ۾ پنجاهہ (50) لک ماڻهو گڏ ٿيندا اهو اجتماع سنڌ جي تقدير جو اجتماع ۽ هوندو جنهن سان غلاميءَ جون زنجيرون ٽٽي وينديون ۽ نااهل حڪمرانن جو جنازو پڙهيو ويندو ڪانفرنس کي جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي، انجنيئر عبدالرزاق عابد لاکو سليم سنگي، مولانا سنڌير احمد رند، خان محمد ڪنول، بشير احمد بڙدي پڻ خطاب ڪيو جڏهن تہ ڪانفرنس ۾ هزارين ڪارڪنن ۽ ڌرتي ڌڻين شرڪت ڪري سنڌ ڌرتي سان محبت جو وچن ورجايو پيغام امن ڪانفرنس بعد راشد محمود سومرو عظيم روحاني بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي مزار تي حاضري ڀري ۽ سنڌ ملڪ جي امن ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري

بقايا 20 روزاني عبرت

عيدگاهہ محلي ۾ قائم فيڪٽري تي ڪارروائي دوران پوليس ۽ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن پاران مختلف شين جي چڪاس ڪئي وئي ڪارروائي دوران ڪلر ۽ ڪيميڪل هٿ اچڻ بعد فيڪٽري جي مالڪ کي حراست ۾ وٺي پوليس حوالي ڪيو ويو

بقايا 21 روزاني عبرت

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ علي اڪبر جاگيراڻي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ پهچي کلي ڪچهري ۾ سرڪاري ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا ٻڌا جن کي موقعي تي حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي آيل ماڻهن ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ کي پينشن ان موقعي تي اي ڊي اي جي غير موجودگي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ اي ڊي اي کي خط لکڻ جو چيو تہ ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر سرفراز احمد مگسي چيو تہ اسٽاف جي ڪمي آهي تہ ان ڪمي جي باوجود ڪنهن بہ ماڻهو کي تڪليف نہ ڏني ويندي ان موقعي تي ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ چيو تہ صوبائي محتسب اعليٰ جو حڪم آهي تہ عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن جنهن تحت ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۾ عوامي مسئلن کي سندن در تي حل ڪيو پيو وڃي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر سرفراز احمد مگسي پينشن آڊيٽر شميم مهي غلام مرتضيٰ سيال، سيد واجد شاهہ، عبدالواحد گجراڻي ۽ اڪائونٽس عملدار موجود هئا.

بقايا 22 روزاني عبرت

سندن مسئلن ۽ پيش ايندڙ ڏکيائين بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ انهن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريو. ڪمشنر سان ملاقات دوران پريس ڪلب جي صدر محمد يونس راڄپر ٻڌايو تہ پريس ڪلب هميشہ شهر جي اهم مسئلن جن ۾ سرڪاري اسپتال جي بهتري ۽ اپ گريڊيشن، يونيورسٽي جي قيام ۽ ٻين عوامي معاملن تي آواز اٿاريو آهي. هن چيو تہ پريس ڪلب عوامي مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ان موقعي تي ڪمشنر محمد ارسلان سليم پريس ڪلب جي نئين عمارت جي اڏاوت جو جائزو وٺي يقين ڏياريو تہ صحافين جي بهتري لاءِ هر ممڪن تعاون ڪيو ويندو ۽ پريس ڪلب جي نئين عمارت جي تعمير ۾ ايندڙ رڪاوٽون دور ڪيون وينديون. صحافين ڪمشنر جي اطمينان جو اظهار ڪندي اهڙن قدمن کي ساراهيو.

بقايا 23 روزاني عبرت

موٽرسائيڪل تان ڪرڻ سبب پوليس اهلڪار نياز شر زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 24 روزاني عبرت

بيهوش ڪري وٺي عورتن جو چوڻ آهي تہ بادل فقير چانڊيو سان شادي ڪري چوري ڪري هئي لڳي اسان جي گهر جو ڪوڙو الزام اسان سان لڳائي اسان تي گهرن جي چڙهائي ڪري اسان تي تشدد ڪيو آهي جي پوليس ظلم ڪيو آهي جڏهن تہ زخمي ٿيل عورتن کي فيض گنج جي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. هوڏانهن پوليس جو چوڻ آهي تہ ڏوهارين جي اطلاع تي چڙهائي ڪئي هئي عورتن تي تشدد جو الزام ڪوڙو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

حملو ڪري سرونا ليبون هڻي سونکي زخمي ڪري رت رت ڪري بيهوشي جي حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا آهن ظلم خلاف ڀرپور احتجاج ڪندي پريس ڪلب ۾ سيشن جج ايس ايس پي نوشهرو فيروز ڊي ايس پي مورو ميڊم ۽ محرم کان مطالبو ڪيو آهي تہ مون معان ڪندڙ کان ڪي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن تہ پراسرار نموني گم ٿيل زال ڏوري معصوم ٻار واپس ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ مرڻ گهڙي تائين سورو پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا 26 روزاني عبرت

پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ٻنهي ساٿي ججن انصاف جي فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ بار ۽ بينچ جي وچ ۾ متوازن تعلق کي برقرار رکيو هن چيو تہ گهڻو ڏکوئي انصاف ۽ ڪيسن جي جلد نڪال جو نئون معيار قائم ڪيو آهي. ڪارڪردگي جي بنياد تي اعليٰ عهدن تي ترقي ماڻيندڙ ساٿي ججن کي ساراهيون

بقايا 27 روزاني عبرت

پاران پيپلزپيرا ميڊيڪل ونگ ڏي اسپتالن جي آرگنائيزر زاهد حسين گرماڻي کي مبينا ڌمڪيون ڏيڻ هراسان ڪرڻ ۽ بدڪلامي ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي هن چيو تہ تنظيمي اڳواڻن سان عزت احترام وارو رويو اختيار ڪرڻ انتظاميا عملدارن جي ذميواري آهي ڪنهن بہ ملازم يا تنظيمي اڳواڻ کي مبينا طور ڌمڪيون ڏيڻ يا هراسان ڪرڻ بدڪلامي جو نشانو بڻائڻ وارو عمل قبول نہ ڪيو ويندو اختلافن ۽ مسئلن کي ڳالهين قانوني طريقن ۽ اداري جي ضابطن تحت حل ڪرڻ گهرجي هنن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جا ساٿي پنهنجي جائز حقن عزت ۽ وقار لاءِ آواز اٿاريندا رهندا ۽ ڪنهن بہ قسم جي مبينا زيادتين تي خاموش نہ ويهندا. پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي اڳواڻن پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت، سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ سيڪريٽري صحت سنڌ کي اپيل ڪئي آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ عملدار ڪان ضابطن جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي تہ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن اسپتالن ۾ ملازمن لاءِ عزت ڀريو ۽ سازگار ماحول برقرار رهي

بقايا 28 روزاني عبرت

سيزا جي سطح تي اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي جنهن جو مقصد بنيادي صحت جي سهولتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ مقامي آباديءَ کي معياري طبي سهولتن تائين بروقت رسائي فراهم ڪرڻ آهي ٻنهي نون آر ايڇ سيز ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي لاءِ رهائشي گهر پڻ تعمير ڪيا پيا وڃن، تہ جيئن عملي جي موجودگي ۽ صحت مرڪزن جي انتظامي ڪارڪردگيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي. دوري دوران فوڪل پرسن انجنيئر مير محمد شيخ ڊائريڪٽر هيلٿ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ٻنهي منصوبن تي تعميراتي ڪم اطمينان بخش رفتار سان جاري آهي ۽ اميد آهي تہ اهي جون 2027ع کان اڳ مڪمل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ چئين جي تعمير سميت ٻيا ضروري ڪم پڻ مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا ويندا ڊاڪٽر فرخ ينبرو تعميراتي ڪمن جي رفتار ۽ معيار جو جائزو وٺندي هدايت ڪئي تہ اپ گريڊ ٿيندڙ صحت مرڪزن کي مقرر مدي اندر مڪمل ڪري جلد عوام جي لاءِ مڪمل طور فعال بڻايو وڃي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪمپنين ۽ انڊسٽريز طرفان مقامي کاڌن کجون صوفن ۽ ڪيلن سميت مختلف ميون مان تيار ڪيل شگر فري مٺايون چاڪليٽس مشروبات هربل دوائن کاڌن ڪيوڪن، گهرو سجاوٽ جي شين ۽ صفت طبي جاچ جا 20 کان وڌيڪ اسٽال قائم ڪيا ويا هئا. وائيس چانسلر ڊاڪٽر قائم جو معائنو ڪيو ۽ شاگردن کان بريفنگ ورتي. ان موقعي تي سنڌ يونيورسٽي ميين ڪئمپس جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهہ، فيڪلٽي آف نيچرل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد ڪاڪا، فيڪلٽي آف سوشل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نانڪ راءِ، انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر افشين شاهہ سميت مختلف شعبن جا هيڊز ۽ استاد پڻ موجود هئا.

بقايا 30 روزاني عبرت

لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جڏهن تہ ڪيس ۾ نامزد ٻئي جوابدار شمن عرف خميسي سري کي بري ڪري ڇڏيو

بقايا 31 روزاني عبرت

آرٽس فيڪلٽي بلڊنگ جي شيخ اياز آڊيٽوريم ۾ بيورو آف اسٽيڪس جي سهڪار سان منعقد ٿيل هن تقريب جي اعزازي مهمانن ۾ مشهور سماجي ايڪٽوسٽ نور محمد بجير ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو ڊپٽي ڊائريڪٽر توفيق چنا هو.

بقايا 32 روزاني عبرت

ريجهو هڪ گهر ۾ ان وقت باهہ لڳي وئي جڏهن اتي جي پاور پلانٽ خانو ۾ کاڌو پچايو پئي ويو آهي جي نتيجي ۾ ريجينا زال وزير گل سڙي زخمي ٿي پئي ڪيس سول اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو تہ رستي ۾ ئي هوءَ فوت ٿي وئي.

بقايا 33 روزاني عبرت

پسند شهرين، فقير علي حسن ۽ ٻين ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو تہ جوا ۽ شراب جا اڏا بند ڪرايا وڃن ۽ صالح پٽ ۾ ايماندار پوليس آفيسر مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن نوجوان نسل تباهہ ٿيڻ کان بچي سگهي صالح پٽ جي سوشل ورڪرن پاران صالح پٽ ۾ جوا ۽ شراب تي هڪ سيمينار ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جوا ۽ منشيات متعلق آگاهي ڏني ويندي

بقايا 34 روزاني عبرت

منشيات فروشن ۽ ٻين ٻن جوابدارن علي گل جمالي ۽ محرم علي ميراڻي کي گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ منشيات جن جي قبضي مان 2000 گرام چرس ۽ نشي آور سواريون هٿ ڪيون ٿيون ڪوٽڏيجي پوليس ٽيم ڪارروائي ڪندي منشيات فروشن ۽ اشتهاري جوابدار شمن گوپانگ ۽ شاپان داير کي گرفتار ڪري رڪو سندس قبضي مان 550 گرام چرس هٿ ڪري لاڳاپيل ڪيس داخل ڪيو ويو هوڏانهن پوليس ٽيم گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروشيءَ جي الزام هيٺ جوابدار ٻهلول کي گرفتار ڪري رڪو سندس قبضي مان 1700 گرام ڀنگ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران منشيات فروشن ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائيون ڪندڙ پوليس ٽيمن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباس ڏني وئي

بقايا 35 روزاني عبرت

جي هدايت ڪئي وئي آهي. جنهن تي عوامي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي حلقن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي حڪومت، آبپاشي کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان فيصلو فوري طور واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي اڳواڻن خبردار ڪيو آهي تہ مسجد کي نقصان پهچائڻ جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي واضح رهي تہ ڪجهہ سال کان آبپاشي کاتي جي ڪارروائي ڪانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ مسجد ۽ مدرسن خلاف ڪارروائين روڪڻ ۽ عالمن سان صلاح مشوري ذريعي معاملي جو حل ڪڍڻ جي هدايت جاري ڪئي هئي مذهبي اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ عدالتي هدايتن باوجود تاريخي مسجد بابت ڪارروائي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪا نہ رڳو عوام جي مذهبي جذبن کي ٺيس پهچائيندي پر عوام ۽ مذهبي حلقن جا جذبا پڻ مجروح ٿي رهيا آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

هو نوجوان سنڌي ڇوڪرن ۽ خاص ڪري ڇوڪرين کي آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم لاءِ همٿائيندو رهي ٿو هو هاڻي بہ سندس سٺو قيادت هو وڌيڪ چيو تہ فريد ڀٽو جهڙا اڳتي وڌڻ ۽ سماج جي ڪمزور طبقن جي ڀرجهلي ليڊر جو ننڍپڻ کان ئي هن ۾ سان ساٿي پارٽي هو سنگت ۽ بيٺيو جي ايس ايف ۾ بہ متحرڪ ڪردار ادا ڪيو هو ڪمپيوٽر انجنيئر آهي ان ڪري سنڌ ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم جو بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو قربان منگيءَ چيو تہ فريد ڀٽو پوپٽ بالڪ رسالي سنڌ بالڪ سنگت ۽ سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي ۾ خيرپور جي پهرين ڪمپيوٽر سينٽر جي قيام واري سفر جي مرحلن ۾ اسان جو ساٿي رهيو آهي هو بنيادي طرح ڪهاڻيڪار بہ آهي نوجوانن جي ڪيريئر ڪائونسلنگ بہ ڪندو رهي ٿو هن موقعي تي فريد ڀٽو چيو تہ سورن وارا جڏهن گڏجي ويهي سورن پچار ڪندا تہ انهن سورن جو حل بہ ضرور نڪرندو نوجوانن کي سوشل ميڊيا جي ڪوڙي دنيا کان بچائي حقيقتن جي دنيا ۾ آڻيو ٻارن کي نصابي ڪتابن سان گڏ راندين ادب موسيقي ۽ فنون لطيفا جي دنيا سان متعارف ڪرايو سڄي دنيا پنهنجي آهي نوجوان ملڪ کان ٻاهر نڪرن ۽ هڪ نئين زندگي دريافت ڪن

بقايا 37 روزاني عبرت

محمد انور ڪيتران ونگ ڪمانڊر فرحان علي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو ۽ پ پ اڳواڻ شهريار خان شر ٻنگل خان مهر بابر لنڊ سميت مختلف کاتن جي آفيسرن صنعتي ادارن جي نمائندن ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي رانديون جي تاريخي ميلي ۾ مختلف علائقن جي رانديگرن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو علائقي واسين جي سهولت لاءِ صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ پاران ميڊيڪل ڪيمپون بہ قائم ڪيون ويون جڏهن ٻارن جي تفريح لاءِ جهولا، مختلف شين جا اسٽال بہ قائم ڪيا ويا آهن افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊي سي چيو تہ بهرين پيرو ڪچهي آبو آهيان هي هڪ خوشين ڀريو ميلو آهي اميد آهي تہ مستقبل ۾ بہ اهڙا پروگرام ٿيندا رهندا ڪچي ۾ امن وامان جي قيام ۾ پوليس جون قربانيون آهن هن چيو تہ هتي بهترين ڪم بہ ضلعي انتظاميا پوليس ۽ اسپورٽس کاتي جي ڪوششن سان ماڻهن جو ميلو منعقد ٿيو آهي ٻنگل خان مهر اعلان ڪندي چيو تہ رونقي واسين کي ضلع ڪائونسل پاران 50 سولر پليٽون ۽ 50 سولر لائيٽون فراهم ڪيون وينديون ان موقعي تي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪچي جهڙي علائقي ۾ اهڙو بهترين پروگرام منعقد ڪرڻ ضلعي انتظاميا جو بهترين قدم آهي جنهن سان علائقي واسين کي تفريح وارو ماحول مليو آهي هن ميلي ۾ قائم ڪيل ميڊيڪل ڪيمپن ۽ مختلف اسٽالن جو جائزو وٺڻ دوران ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ حڪومت جي پاليسي تحت ڪچي واري علائقي ۾ امن ۽ امان جي قيام بعد مختلف پروگرام شروع ڪيا ويا آهن ضلعي انتظاميا پاران ڪچي جي ڳوٺ دوست محمد شر ۽ الهہ بخش گهنجو ۾ 2 پرائمري اسڪول بہ قائم ڪيا ويا آهن اهڙي ريت راندين جو ميلو بہ منعقد ڪيو آهي تہ جيئن هتان جي ماڻهن ۽ ٻارن کي بہ سهولتون ملي سگهن ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب ڳالهائيندي چيو تہ ڪچي ۾ امن قائم ٿيڻ سان ماڻهن جي معاشي حالت بہ بهتر ٿيندي جڏهن امن نہ هوندو تہ زندگي جو ڪاروهنوار متاثر ٿيندو آهي علائقي واسين جي ڀرپور تعاون سان امن قائم ٿي سگهيو آهي .

بقايا 38 روزاني عبرت

سيڪيورٽي ۽ پاڪستان-چين ميوزيم جي قيام سميت گڏيل تحقيقي منصوبن، استادن ۽ شاگردن جي تبادلي ۽ چيني ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري جي تجويزن تي غور هيٺ آيون پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي چيو تہ پاڪستان ۽ چين جي سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 75هين سالگرهہ ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي قيام جا 75 سال پورا ٿيڻ جي تاريخي موقعن کي ٺوس علمي سائنسي ۽ ثقافتي ڪاميابين ۾ تبديل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن زراعت، بائيو ٽيڪنالاجي فوڊ ٽيڪنالاجي ساموندي معيشت، توانائي فارميسي مائڪرو بايولاجي ۽ سماجي علوم (عمرانيات) سميت مختلف شعبن ۾ گڏيل تحقيق ٽيڪنالاجي جي جدت ۽ پيشہ ورانہ تربيت جا پروگرام شروع ڪرڻ تي زور ڏنو چين جي قونصل جنرل فينگ ڪي ۽ ينگ ڪراچي يونيورسٽي ۽ ان جي ڪنفوشس انسٽيٽيوٽ جي تعليمي تعاون جي واڌاري ۾ ڪردار کي ساراهيو هن پاڪستاني يونيورسٽين سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو هن تجويز ڪيل پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر سيڪيورٽي جي قيام جي تجويز ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي تجويز ڪيل مرڪز جديد ٽيڪنالاجي، گڏيل تحقيق، شاگردن جي تربيت ۽ استادن جي پيشہ ورانہ ترقي لاءِ هڪ مؤثر پليٽ فارم ثابت ٿي سگهي ٿو ملاقات ۾ تجويز ڪيل پاڪستان-چين ميوزيم جي قيام تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن جو مقصد تاريخي ورثي، علمي ذخيرن اهم دستاويزن ۽ ثقافتي نوادرات کي محفوظ بڻائڻ ۽ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ علمي ۽ ثقافتي لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ آهي ان سلسلي ۾ هڪ خاص هال آف فيم جي قيام جي تجويز پڻ پيش ڪئي وئي جنهن ۾ تعليم ۽ علمي خدمتن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندڙ شخصيتن کي خراج تحسين پيش ڪري سگهجي وائس چانسلر هن عزم جو اظهار ڪيو تہ بحث هيٺ آيل تجويزن کي عمل جوڳن منصوبن گڏيل تحقيقي پروگرامن ۽ باضابطہ ادارہ جاتي معاهدن ۾ تبديل ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ هو نومبر 2026ع ۾ چين جو دورو ڪندا جتي ممتاز چيني يونيورسٽين جي نمائندن سان ملاقاتن دوران تحقيق جديد ٽيڪنالاجي علمي تبادلن ۽ ادارہ جاتي تعاون جي واڌاري لاءِ ممڪن معاهدن تي اڳڀرائي ڪئي ويندي ڪراچي يونيورسٽي ۽ چيني تعليمي ادارن جي وچ ۾ تجويز ڪيل اشتراڪ جو مقصد ٻنهي ملڪن جي پراڻي دوستي کي پائيدار علمي ۽ سائنسي ڀائيواري ۾ تبديل ڪرڻ اعليٰ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ترقي جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي ڪراچي يونيورسٽي ممتاز يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن کي هن گڏيل قدم ۾ شموليت جي دعوت پڻ ڏني آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

آهي ڏنڊ جي رقم ادا نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6 مهينا قيد ڪاٽيندو سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس جي اسپيشل سيشن جج انعام علي ڪلهوڙو پاران منشيات ڪيس ۾ جوابدار عبدالمجيد اڇڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوابدار تي ڏوهہ ثابت ٿيڻ بعد عدالت ڪيس 7 سال قيد ۽ هڪ لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي عدالت جي فيصلي ڪانپوءِ سزا مليل جوابدار عبدالمجيد اڇڻ کي سينٽرل جيل خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي .

بقايا 41 روزاني عبرت

ٿي ويو سندس والدين کي بي هوشي دورا پئجي رهيا آهن بعد ۾ فوتي جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

بقايا 42 روزاني عبرت

ڪرائي رهيا آهن ساڳي جوابدار منهنجي گهر مان چار ڀيرا چوري ڪئي آهي ۽ انهن واقعن جي ايف آءِ آر اين سي پڻ داخل ڪرايل آهي هن ايس ايس پي خيرپور وٽ بار بار لکت ۾ درخواست داخل ڪيون آهن پر ان جي باوجود پيرجوڳوٺ پوليس مک جوابدار نامو مل کي گرفتار ڪرڻ بعد لکين رپين جي مبينا رشوت وٺڻ بعد ڪيس ڇڏيو وڃي ٿو هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

TENDER NOTICE

1. **PDOHA Karachi** invites sealed bids for term contract for the period of 6 (Six) Months from the reputed firms registered under Income Tax/Sales Tax Act for the supply of stores for Trouble Shoot Complaints Items. Details of each head are as under:-

Ser	Description	Ser	Description
a.	Plumbing Items	f.	Electrical Appliances
b.	Misc Items for paint	g.	Fumigation Items
c.	Carpentry Items	h.	Swimming Pool Items
d.	Electrical Items	i.	Paint Items
e.	ACs Items		

2. Tender Document alongwith detail/specification can be obtained on submission of written application to the undermentioned office on payment of **PKR 2,000/-** in shape of **Pay Order (Non Refundable)** in favor of **Pakistan Defence Officers Housing Authority**. Sealed bids must reach at **1030 hours** by **11 Nov 2026**. The same will be opened on **1100 hours** on the same date.
3. DHA reserves the right to reject any or all bids under provision of rules and regulations.
4. Tender received after due date & time will not be entertained.

EXECUTIVE DIRECTOR PROCUREMENT
PAKISTAN DEFENCE OFFICERS
HOUSING AUTHORITY, KARACHI
2/B East Street, Phase-I, DHA Karachi -75500
UAN: 111-589-589 (Extn: 2120, 2220)
Fax: 35886406 – Web: www.dhakarachi.org

عمرڪوٽ ۾ آواز ڊيو پروگرام تحت ضلعي فورم جي چوٿين گڏجاڻي، ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال تي ڳڻتي

ضلعي انتظاميه متاثر علائقن جو سروي ڪري متاثر خاندانن، مالوندن ۽ آبادگارن لاءِ امداد فراهم ڪري: علي اڪبر راهمون

سرڪاري اسپتالن ۾ نفسياتي صحت، دماغ ۽ اعصاب، اکين ۽ ڪن، نڪ ۽ ڳلي جي ماهر ڊاڪٽرن جون مقرريون ڪيون وڃن

عوامي مسئلن جي حل ۽ ادارن جي جوابدهيءَ لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون: ايڊووڪيٽ پاڳچند ڀيل

عمرڪوٽ (ذ. ر) اويئر پاران آواز ڊيو پروگرام تحت منعقد ڪيل ضلعي فورم جي چوٿين گڏجاڻيءَ ۾ ٿر ۾ ڏڪار پيدا ٿيڻ ۽ زرعي پاڻيءَ جي کوٽ، سرڪاري اسپتالن ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي اڻهوند ۽ عورتن، معذورن توڙي مذهبي اقليتن کي درپيش مسئلن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حڪومت کان هنگامي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ايڊووڪيٽ پاڳچند ڀيل جي صدارت هيٺ ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ پروگرام ختم ٿيڻ کانپوءِ به ضلعي فورم جون سرگرميون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: تماشائي انگلينڊ ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ رن بي ڪرڪيٽ ميچ ڏسي رهيا آهن

سنڌ ۾ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ، ڪاربن ڪريڊٽس مان مالي وسيلا حاصل ڪرڻ جو فيصلو

صوبائي موسمياتي تبديلي ٽاسڪ فورس جي پهرين اجلاس ۾ موسمياتي منصوبن ۽ ٻين معاملن جو جائزو ورتو ويو

ماحوليات کاتي ۽ ٻن يونيورسٽين وچ ۾ معاهدن تحت تحقيق، پائيدار زراعت، ۽ مقامي برادرين جي واڌاريءَ کي هٿي ڏيڻ جو فيصلو

ڪاربن ڪريڊٽس جا 13 منصوبا منظور ڪري لاڳاپيل وزارت ڏانهن موڪليا ويا ۽ وڌيڪ 6 منصوبا جاري آهن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماحوليات موسمياتي تبديلي ۽ ساموندي ترقي سنڌ پاران موسمياتي تبديلي بابت ٽاسڪ فورس جو پهريون اجلاس ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ ڪاربن ڪريڊٽس ذريعي مالي وسيلن جي حاصلات، گرين هائوس گيسن جي خارج ٿيڻ جو صحيح ڊيٽا تيار ڪرڻ سمنڊ جي گندگي کي روڪڻ ۽ مختلف سرڪاري کاتن جي وچ ۾ رابطاڪاري بهتر بڻائڻ بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو اجلاس جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مٺي-بدين روڊ تي حادثي جي متاثرين کي سينيٽر پونجو مل ڀيل پاران مالي سهائتا

فوتين جي وارثن کي ٻه ٻه لک ۽ زخمين کي هڪ هڪ لک روپين جا چيڪ ڏنا ويا

مٺي (ذ-ر) ڪجهه ڏينهن مٺي بدين روڊ تي پيلوڙو اسٽاپ وٽ روڊ حادثي ۾ فوتي ۽ زخمي ٿيل ڀيل برادري جي ماڻهن جي پ پ سينيٽر پونجو مل ڀيل پاران مالي سهائتا ڪئي ويئي. هن فوت ٿيلن جي وارثن کي ٻه ٻه لک ۽ زخمين کي هڪ لک روپين جا چيڪ ڏنا. ان موقعي تي چيئرمين سيٺ رامچند ڀيل، ڀهلاج ڀيل، پڪيل پنهوڻ مل موجود هئا. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ مٺي بدين روڊ پيلوڙو اسٽاپ ڪوسٽر ۽ ڊمپر جو ٽڪر ٿيو هو جنهن ۾ ٽنون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي ٿيل پورهيت جوابدارن خلاف دانهين رهيو آهي

آغا شير گل سرڪي جي ڪتاب "يادن جا گل" جي مهورتي تقريب

آغا شير گل سرڪي جي شاعري ۾ همت، نياز نوڙت سميت سمورين خوبين موجود آهن:مقرر

مهمانن کي اجرڪن ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ ڊنر پارٽي جو اهتمام پڻ ڪيو ويو

هنگورجا (ن ع) علمي ادبي سماجي تنظيم بزم گلڻ ۽ سول سوسائٽي راڻيپور جي گڏيل سهڪار سان، سنڌي ٻولي جي سهڻي شاعر 3 ڪتابن جي تخليقڪار آغا شير گل سرڪي جي ڪتاب "يادن جا گل" جي مهورتي تقريب ۽ سماج سڌارڪ نصرالله جامڙو جي سالگره جي ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب گڏيل طور تي سنڌ پريس ڪلب تي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي افضل قربان ميمڻ، اديب شاعر ۽ استاد شاهه شيخ، پروفيسر مختيار چنا،

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ريلوي زمين،ڪوارٽرز ۽ ٻين ملڪيتن تي غير قانوني قبضن خلاف آپريشن ڪرڻ جو فيصلو

ريلوي انتظاميا 22 آڪٽوبر ڪان 24 آڪٽوبر تائين ٽن ڏينهن جي آپريشن جي آخري مرحلي جو اعلان ڪيو

ريلوي اسٽيشنن ۽ ڪالونين جي ويجهو قبضا هٽائڻ ۽ غير لاڳاپيل ماڻهن جي قبضي ۾ ريلوي ڪوارٽرز خالي ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي ويندي

آپريشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ سکر، جيڪب آباد، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻو سميت لاڳاپيل علائقن ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ)پاڪستان ريلوي سکر ڊويزن هڪ ڀيرو ٻيهر سرڪاري زمين، ريلوي ڪوارٽرز ۽ ٻين ملڪيتن تي غير قانوني قبضن خلاف وڏي پيماني تي آپريشن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي سپريم ڪورٽ جي حڪمن ۽ ازخود نوٽيس ڪيس جي روشني ۾، ريلوي انتظاميا 22 آڪٽوبر ڪان 24 آڪٽوبر تائين ٽن ڏينهن جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

تحفظ حرمين شريفين
استحڪام پاڪستان ريلي

ڪنڌڪوٽ: سني علماءِ ڪائونسل پاران تحفظ حرمين شريفين ۽ استحڪام پاڪستان ريلي ڪڍي پئي وڃي

مورو پرسان واهه ۾ ٻڏي ويل نينگر جو ٽن ڏينهن بعد لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام

مورو (ن ع) مورو پرسان سڏوجا ڦاٽي جي حد ۾ ڳوٺ قادر بخش جتوئي مان جيڪو 3 ڏينهن اڳ معصوم نينگر محمد يوسف جتوئي ولد بٺراج واهه ۾ ٻڏي ويو فوت ٿي ويو هئو جنهن جو لاش وڏي جدوجهد ڪانءِ بعد ٽوين هٿ ڪري ورتو آهي جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو ماحول سوڳوار

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ جعلي اسٽيرنگ ۽ نقلي جوس جي فيڪٽري تي پوليس ۽ فوڊ اٿارٽي جو ڇاپو، مالڪ گرفتار

عيدگاهه محلي ۾ باقر پنجابي جي مبينه جعلي اسٽيرنگ ۽ نقلي جوس جي فيڪٽري تي گهارو پوليس ۽ فوڊ اٿارٽي گڏيل ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران مبينا طور تي ڪلر ۽ ڪيميڪل هٿ ڪيا ويا، جڏهن ته پوليس فيڪٽري جي مالڪ کي گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو (ذ ر)جعلي اسٽيرنگ ۽ نقلي جوس جي فيڪٽري تي پوليس ۽ فوڊ اٿارٽي جو ڇاپو،ڪلر ۽ ڪيميڪل هٿ، مالڪ گرفتار،گهارو شهر جي عيدگاهه محلي ۾ باقر پنجابي جي نالي سان هلندڙ مبينه جعلي اسٽيرنگ ۽ نقلي جوس جي فيڪٽري تي گهارو پوليس ۽ فوڊ اٿارٽي پاران گڏيل ڇاپو هنيو ويو، جنهن دوران مبينا طور تي ڪلر ۽ ڪيميڪل هٿ ڪيا ويا، جڏهن ته پوليس فيڪٽري جي مالڪ کي گرفتار ڪري ورتو گهارو شهر جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ صوبائي محتسب اعليٰ جي حڪم تي مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ علي اڪبر جاگيراڻي سرڪاري ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا ٻڌا

اسٽاف جي کوٽ آهي ان باوجود رهيل پينشن ۽ مسئلن کي جلد حل ڪيو ويندو:ڊي اي او

ڪنڌڪوٽ (ذ ر) صوبائي محتسب اعليٰ جي حڪم تي عوام جي ڀلائي خاطر ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ڪنڌڪوٽ اندر ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ علي اڪبر جاگيراڻي جي سربراهي هيٺ کليل ڪچهري رکي وئي جنهن ۾ سرڪاري ملازمن جي رهيل پينشن، رٽائرمينٽ ۽ ٻين مسئلن جي فوري حل ڪيو ويو ۽ غور ويچار ڪيو ويو تفصيل موجب اڄ ضلعي جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ صوبائي محتسب اعليٰ جي حڪم تي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جاتي ويجهو پوليس مقابلي ۾ ڌر جو جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جاتي (ن ع) جاتي ويجهو باڻ آباد روڊ تي گولاڙچي ڪان ايندڙ نوجوان مختار پٽ پير بخش کان مبينا ڌر ڪرڻ دوران مزاحمت تي ڪيس گولي هڻي زخمي ڪيو ويو هو. واقعي کان پوءِ باڻ آباد پوليس چوڪي جي اهلڪارن چوڪس ٿي روڊ تي پوزيشنون سنڀالي ورتيون رات دير سان باڻ آباد روڊ پرسان پوليس ۽ مبينا ڌورڙن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جو پريس ڪلب ۽ لائبريري جو دورو

پريس ڪلب جي صدر محمد يونس راڄپر ۽ جنرل سيڪريٽري فقير علي نواز سولنگي سان ملاقات

پريس ڪلب جي نئين عمارت جو معائنو ڪيو، صحافتي سرگرمين لاءِ وڌيڪ موزون بڻائڻ بابت تجويزون ڏنيون

نوشهروفيروز(ذ ر) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جو پريس ڪلب نوشهروفيروز ۽ لائبريري جو دورو صحافين ۽ شاگردن جا مسئلا معلوم ڪيا . مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي . هن پريس ڪلب جي نئين حصي جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم کي پريس ڪلب جي صدر محمد يونس راڄپر جنرل سيڪريٽري فقير علي نواز سولنگي ۽ ٻين صحافين سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن صحافين کان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

فيض گنج لڳ پوليس مقابلو، ڌورو موٽرسائيڪل ڇڏي فرار

فيض گنج(ن ع) فيض گنج ۾ ڌر جي وارادات، پوليس مقابلي بعد جوابدار فرار اڪري چوڏڳي ڦاٽي جي حد مهراڻ هاءِ دان هيسباڻي گيٽ وٽان نامعلوم ڌورڙن پاران موٽرسائيڪل ڌر ڪري فرار ٿي وياطلاع تي فيض گنج پوليس ۽ اڪري چوڏڳي پوليس پاران ڌورن جو پيڇو ڪيو ويو ڳوٺ محمد حسن چانگ وٽ ڌورن ۽ پوليس وچ ۾ فائرنگ جو ڏي وٽ به ٿي جنهن بعد فوري گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويا ٻئي طرف ڌورن جو پيڇو ڪندي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: نوحاڻي ۽ مري برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

ٽنڊوآدم ۾ نوحاڻي ۽ مري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 6 ڄڻا زخمي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد فوجي موڙ وٽ چنگچي رڪشا ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن تان نوحاڻي ۽ مري برادري جي ٻن ڌرين ۾ خونريز جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا اسد الله نوحاڻي . بابر نوحاڻي . داد محمد نوحاڻي . زبير نوحاڻي . شاڪر نوحاڻي ۽ جاويد مري سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان سمورن زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو پوليس ٻنهي ڌرين جون اين سيون داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

ڊائريڪٽرهيلٿ سکر پاران خيرپور ۾ اپ گريڊ ٿيندڙ صحت مرڪزن جو دورو

ڊاڪٽر فرخ پنهور بي ايڇ يو لال بخش منگي ۽ بي ايڇ يو لاکا وڏا جو دورو ڪيو

ٻنهي صحت مرڪزن کي رورل هيلٿ سينٽرز جي سطح تي اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي

خيرپور(ذ ر)ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ پنهور حڪومت سنڌ جي پلاننگ ونگ جي هدايتن تي ضلعي خيرپور ميرس ۾ بي ايڇ يو لال بخش منگي ۽ بي ايڇ يو لاکا وڏا جو دورو ڪيو جتي هن تعميراتي ڪمن جي معيار جو جائزو ورتو ۽ ٻنهي ترقياتي منصوبن تي ٿيندڙ اڳڀرائي جو معائنو ڪيو ٻنهي بنيادي صحت مرڪزن کي رورل هيلٿ سينٽرز (آر ايڇ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



اڏيرولال: جي ڊي اي اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

صالح پٽ لڳ جوا ۽ منشيات جو ڪاروبار عام،پوليس خاموش تماشائي بڻيل

ڍهول وارو ڳوٺ اسلام الدين 86 ۾ منشيات،جوا ،شراب ۽ سرعام هلڻ لڳا

جوا ۽ شراب جا اڏا بند ڪرائي ايماندار پوليس آفيسر مقرر ڪيو وڃي:شهري

چونڊڪو(ن ع)صالح پٽ جي علائقي ڍهول وارو ڳوٺ اسلام الدين 86 ۾ منشيات ، جوا ،شراب ۽ منشيات سرعام هلي رهي آهي ۽ خيرپور سکر جا بدنام جواري روز لکن جي تعداد ۾ جوا تي سٽو هڻن ٿا ۽ اهي جوا جا اڏا پوليس جي نگرانيءَ ۾ هلي رهيا آهن ۽ پوليس کي انهن جو حصو پٺي ملي رهيو آهي ۽ شراب جوا جي ڪري نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي ، صالح پٽ جي امن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ قائم ڏيڍ صدي پراڻي تاريخي محمدي مسجد امروٽي کي ڊاهڻ جي ڪوشش، ڇڪتاڻ

ڪارروائي جي آڙ ۾ مسجد ڊاهڻ جي ڪوشش تي مسلمانن، عالمن ۽ مذهبي جماعتن ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن جي ابتڙ آبپاشي کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيس ۾ ٻن ڏينهن اندر مسجد ڊاهڻ جي هدايت ڪئي وئي

مسجد کي نقصان پهچائڻ جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي:مذهبي اڳواڻ

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ مسجدن ۽ مدرسن خلاف ڪارروايون روڪڻ ۽ عالمن سان مشوري ذريعي حل ڪڍڻ جون هدايتون جاري ڪيون هيون

رائيس ڪئنال جي کوٽائي دوران هن تاريخي مسجد کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، ۾ حضرت تاج محمود شاهه امروٽي ڀرپور مزاحمت ڪئي هئي

سکر (بيورو رپورٽ)سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن جي ابتڙ آبپاشي کاتي جي سب ڊويزن سکر جي اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پاران سکر بئراج ويجهو رائيس ڪئنال جي ڪپ تي قائم 150 سال پراڻي تاريخي محمدي مسجد (امروٽي) کي مبينا طور حد دخلين خلاف ڪارروائي جي آڙ ۾ ڊاهڻ جي ڪوشش تي مسلمانن، عالمن ۽ مذهبي جماعتن ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي آهي آبپاشي کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيس ۾ ٻن ڏينهن اندر مسجد ڊاهڻ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: جي يو آئي سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو خطاب ڪندي

ٻٺوري ۾ استادن جي جبري بدلين، معطلي ۽ ٽريزري عملدارن خلاف احتجاجي ريلي

گسٽا اڳواڻ جي اڳواڻي ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول کان ميين بس اسٽاپ تائين ريلي ڪڍي وئي

استادن جون جبري بدليون روڪڻ، معطل استادن کي بحال ڪرڻ ۽ ٽريزري عملدارن جي ناروا سلوڪ جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ميرپور ٻٺورو (ن ع) ميرپورٻٺورو ۾ سينيئر استادن جي جبري بدلين نوجوان استادن جي معطلي ۽ ٽريزري آفيس سجاول جي عملدارن پاران استادن سان مبينا ناروا سلوڪ خلاف گسٽا اڳواڻن عبداللطيف شورو، امجد خيرپوري، جبار زنئور ۽ شوڪت سومرو جي اڳواڻي ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول ميرپورٻٺورو کان ميين بس اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي استادن ميين بس اسٽاپ وٽ سجاول حيدرآباد روڊ تي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

واپاري ايسوسيئيشن مٺي جو ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب

ٿر ۾ سهوليتن جي کوٽ باوجود شاگردن محنت ۽ صلاحيتن سان ڪاميابيون حاصل ڪيون: مقررن جو خطاب

ٽن ڪيٽيگرين ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي ڏهه هزار کان پنجاهه هزار روپين تائين روڪ انعام ڏنا ويا

مٺي (ذ-ر) آل واپاري ايسوسيئيشن مٺي پاران ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ ۽ تعليمي ميدان ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ شاگردن کي روڪ انعام ميڊل ۽ شيلڊون ڏنيون ويون ان موقعي تي خطاب ڪندي بابو اسلم قائم خاني، شام سندر هيمناڻي، ڪمليش ڪيلا، چندن سنگهه چيو ته ٿر ۾ سهوليتن جي کوٽ باوجود شاگردن پنهنجي محنت ۽ صلاحيتن سان ڪاميابيون حاصل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ صحافي شهيد شاهد سومرو جي 24 هين ورسي پريس ڪلب ۾ منعقد

قلم ذريعي خدمت ڪرڻ تي شهيد شاهد سومرو کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي: مقرر

سنڌس قلم جي لکڻي ۾ مسڪين ۽ مظلوم عوام کي انصاف ڏيارڻ جي طاقت هئي

ڪنڌڪوٽ (ذ ر)ڪنڌڪوٽ صحافي شهيد شاهد سومرو جي 24 هين ورسي جي تقريب پريس ڪلب ۾ ٿي گذري جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي ۽ صحافي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي قلم ذريعي ڪم ڪندي خدمت ڪرڻ تي شهيد شاهد سومرو کي ڀيٽا پيش ڪئي انهي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين ۽ پيپلزپارٽي جي ضلعي صدر مير گل محمد خان جکراڻي اي ڊي سي ون مسرور احمد ٻجاراڻي اي سي زرار

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

درگاهه حضرت سومار فقير عرف بهار شاهه جو عرس، ملهه ملاکڙو

حاجي شريف موسيپوٽو مجيد جت، جيئند لغاري ۽ ٻين ملهه پهلوانن زور آزمائي ڪئي

آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا، محفل موسيقي ۾ فنڪارن پنهنجا سر وکيريا

ڪورواهه (ن ع) درگاهه حضرت سومار فقير عرف بهار شاهه جي 88 هين ساليانو عرس جو فائينل ملهه ملاکڙو ٿي گذريو ملهه پهلوانن حاجي شريف موسيپوٽو، مجيد جت جيئند لغاري فدا ملاح صدام ملاح خان بهادر شورو، ڪوسو ملاح شبير ڪيرو ۽ ٻين ملهون ماري خوب داد حاصل ڪيو ملهه ملاکڙي جو مهمان خاص رئيس اشرف جتوئي جن هٿان ملهه پهلوانن کي درگاهه جي گادي نشين فقير روشن مغل سردار شاهه جهان مغل ۽ مير منور مغل مشاهد

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ اي ايس آءِ جي گهر مان 16 تولا سون ۽ 10 لک رپيا چوري

ميمڻ ڪالوني واسي اي ايس آءِ اعزاز ميمڻ جي گهر مان چوري ٿي وئي

پوليس ۽ اسپيشل فنگر پرنٽس جي ٽيم جاچ ڪري تفصيل معلوم ڪيا

هالا(ن ع)هالا جي ميمڻ ڪالوني جي رهائشي اي ايس آءِ جي گهر مان نامعلوم چور رات جي اونداهي ۾ ڪاٽ هڻي سورنهن تولا سون سميت ڏهه لک رپيا نقد رقم باآساني چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن . ميمڻ ڪالوني جي رهواسي اي ايس آءِ اعزاز ميمڻ جي گهر ۾ گذريل رات دير سان نامعلوم چور گهر جون پٺيون ٽپي داخل ٿيڻ بعد گهر جي سيفٽي لاڪرن ۾ رکيل 16 تولا سونا زيور ۽ ڏهه لک رپيا نقد رقم کڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا . گهر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ جي صحافين جو گهر مان چوري ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

جوابدار نامو مل 13 تولا سون چاندي، ست لک روڪ سميت سوا ڪروڙ ماليت جي چوري ڪئي

ايس ايس پي خيرپور وٽ بار بار لکت ۾ درخواست داخل ڪيون پر تدارڪ نه ٿيڻ تي [illegible] مل

ڪمبٽ (ت ر) پيرجوڳوٺ جي سينيئر صحافي نيبن مل عرف نيبراج احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته ڪجهه عرصو اڳ جوابدار نامو مل منهنجي گهر مان 13 تولا سون چاندي ست لک رپيا روڪ رقم سميت سوا ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي چوري ڪري ويو هو جنهن جي اين سي داخل ڪرائي وئي هئي هن چيو ته بااثر اتل مل گرل مل واشو مل ليکو مل جوابدار نامو مل سان پٺ ڀريل آهن ۽ ڄاڻايل ماڻهو منهنجي گهر مان چوري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

فيض گنج لڳ اغوا ٿيل رٽائرڊ فوجي بازياب نه ٿيڻ وارثن جو احتجاج

هفتو اڳ هٿيارن جي زور تي نواب دين شر کي بس مان لاهي اغوا ڪيو ويو:وارث

جنهن جو هن وقت تائين پتو ناهي پئجي سگهيو، اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺن

فيض گنج (ن ع) فيض گنج جي شهرپڪا چانگ جي شر ڪالوني واسي رٽائرڊ آرمي پرسن نواب دين شر کي هڪ هفتو پهريان پڪاچانگ کان اسلام ڪوٽ ٿر ڪول ڊيوٽي تي ويندي نواب شاهه جي حد بچيري مان ڪيس هٿيار بند بس مان لاهي اغوا ڪري ويا هيا اغوا ٿيل نواب دين جي وارثن موجب پاڪ فوج جو رٽائرڊ جوان آهي جيڪو هڪ پرامن شهري ۽ ٿر ڪول ۾ سيڪيورٽي جي ڊيوٽي ڪندڙ آهي جنهن کي هفتو اڳ هٿيارن جي زور تي بس مان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: رونتي جي ڪچي ۾ پهرين شهيد محترمه بينظير ڀٽو ٽن ڏينهن واري

پڪاچانگ لڳ ڳوٺ تي پوليس چڙهائي ۽ عورتن تي تشدد خلاف احتجاج

فيض گنج پوليس چڙهائي ڪري عورتن مٿان تشدد ڪيو، هڪ بيهوش ٿي پئي:مظاهرين

پروين ۽ خانزادي بالادي زخمي ٿي پيون، پوليس ظلم ڪيو آهي، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ لڳ ڳوٺ شاهنواز بالادي تي پوليس جي چڙهائي، عورتن تي تشدد، هڪ عورت بيهوش فيض گنج ٿاڻي جي حد پڪاچانگ لڳ ڳوٺ شاهنواز بالادي ۾ بکري چوري جي الزام هيٺ فيض گنج پوليس پاران ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي عورت جو چوڻ آهي ته پوليس بنا ڪنهن جاچ جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن مٿان تشدد ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پروين بالادي ۽ خانزادي بالادي سخت زخمي ٿي پيون جڏهن ته هڪ عورت

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو اسپتال جي ايم ايس پاران پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي اڳواڻ کي ڌمڪيون ڏيڻ جي مذمت، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

غلام قادر راڄپر ۽ ٻين اڳواڻن پاران زاهد حسين گرماڻي سان مبينا ناروا سلوڪ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۽ تنظيمي اڳواڻن سان عزت ۽ احترام وارو رويو اختيار ڪرڻ انتظامي عملدارن جي ذميواري آهي

دادو(پ ر) پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ غلام قادر راڄپر تعلقه اسپتال قاسم آباد جي صدر نديم سولنگي، جنرل سيڪريٽري فضل دائيم ڪوريجو ۽ اطلاعات سيڪريٽري نظام الدين مگسي پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس)

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف بايو ڪيمسٽري طرفان خوراڪ جي عالمي ڏينهن تي ميلو

مقامي کاڌن، مٺائين، مشروبات ۽ هربل دوائن جا اسٽال قائم،وائيس چانسلر افتتاح ڪيو

شگر فري مٺايون،چاڪليٽس،مشروبات،هربل دوائن،ڪتابن،ڪپڙن جا 20 کان وڌيڪ اسٽال قائم ڪيا ويا

ڄامشورو (پ ر)سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف بايو ڪيمسٽري، نيوٽريشن اينڊ فوڊ سائنس طرفان خوراڪ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ ڏينهن وارو ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن جو افتتاح سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ڪيو. ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ جي شاگردن ۽ اي آر ليب، نذير ليب سميت مختلف هربل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي ۾ غربت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب منعقد

خوشحال،پرامن ۽ ترقي يافته سماج لاءِ غربت جو خاتمو تمام ضروري آهي:وائيس چانسلر

گڏيل قومن طرفان پائيدار ترقي جا جيڪي 17 هدف مقرر ڪيا ويا آهن:ڊاڪٽر فتح محمد مري

اسان وٽ اڄ به تعليم جو مقصد سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ سمجهيو وڃي ٿو: غضنفر علي قادري

ڄامشورو(پ ر)سنڌ يونيورسٽي سوشل ورڪ شعبي طرفان غربت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي "پائيدار ترقي جو پهريون هدف: غربت جو خاتمو" جي سري هيٺ تقريب منعقد ڪئي، جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ڪئي، جڏهن ته تقريب جو خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري هو.

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون، 6 جوابدار گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان چرس،ڀنگ ۽ نشي آور سوپاريون هٿ ڪيون آهن:پوليس

ايس ايس پي پوليس ٽيمن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي کين شاباس ڏني

خيرپور(ذ ر)خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ٻين جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي مختلف ڪارروايون دوران 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان چرس، ڀنگ ۽ نشي آور سوپاريون هٿ ڪيون ويون آهن جڏهن ته جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس ٽيم گشت دوران ۽ ڳجهي اطلاع تي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ آمريڪا کان آيل ليکڪ فريد پٽو سان رهاڻ

فريد ۽ مان فطرت جا عاشق آهيون،فوٽو گرافي اسان ٻنهي جو شوق آهي: اياز گل

فريد ۾ سماج جي ڪمزور طبقن جو پرچهلو لهڻ جو جذبو ننڍپڻ کان هو:منور ٽالپر

ڪهاڻيڪار به آهي،نوجوانن جي ڪيرئر ڪائونسلنگ به ڪندو رهي ٿو:قربان منگي

خيرپور(ذ ر)فريد پٽو آمريڪا ۾ رهندي سنڌ جو ثقافتي سفير آهي اهڙن خيالن جو اظهار مختلف ساڃاهه وندن آمريڪا کان سنڌ آيل ناميارو ليکڪ فريد پٽو سان پوپٽ پبلشنگ هائوس پاران سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ ملهايل هڪ رهاڻ ۾ ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي ناميارو شاعر اياز گل چيو ته، فريد ۽ مان فطرت جا عاشق آهيون،فوٽو گرافي اسان ٻنهي جو شوق آهي مان ٻه دفعا امريڪا ويو آهيان فريد هڪ روايتي سنڌيءَ جيان اسان جي مهمان نوازي ڪئي اسان آمريڪا ۾ ڪلبون ۽ جوا خانه نه پر ڊنڊون ۽ پهاڙ ڏٺا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

صوبن گڏجي پاڪستان کي جنم ڏنو آهي،هنن کان ملڪ نه ٺهي ته اسان جي حوالي ڪن:قادر مگسي

پيپلزپارٽي کي ووٽ عوام ٿي ڏني،هٿي تلوار ۽ جنگ واري ويڙهه ناهي جو پيپلزپارٽي عوام کي ٻڌي ڪٽي ماري اليڪشن ٿي کٽي

حڪمران عوامي مشورن تي عمل ڪن ته ڪرپشن ڪئين ختم ٿيندي چوري ڪئين ختم ٿيندي ماڻهن کي سسٽرائز ڪئين ماندو

ووٽ عوام جو آهي،اهي دانهون ڪندا رهندا ۽ روئن جي ٽائيم ورو انهن کي ووٽ ڏيندا ته پوءِ اهڙن حڪمرانن مان جند ڪئين آجي ٿيندي

ڪراچي ۾ 29 تاريخ تي لکين ماڻهو گڏ ڪنداسين،هڪ دفعي 8 کان 15 لک ماڻهو ڪراچي ۾ گڏ ٿياسين ته سنڌ مٿان شامتون ختم ٿي وينديون

اوڊيرولال(ن ع)صوبن گڏجي پاڪستان کي جنم ڏنو آهي،جيڪڏهن ملڪ هنن کان نه ٺهي ته اسان جي حوالي ڪن اسين هلائينداسين-پيپلزپارٽي جي سياستدانن کي ووٽ عوام ٿي ڏني هٿي تلوار ۽ جنگ واري ويڙهه ناهي جو پيپلزپارٽي عوام کي ٻڌي ڪٽي ماري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

جمعيت علماءِ اسلام شڪارپور جو اهم اجلاس، ضلعي تنظيمي دوري جو شيڊيول تيار

شڪارپور(ذ ر) جي يو آءِ صوبه سنڌ جي زيراهتمام (امن عالم اجتماع) جي سلسلي ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلع شڪارپور جي عهديدارن جو اهم اجلاس ضلعي امير مولانا عبدالله مهر جي صدارت هيٺ سومراڻي هائوس الاقبال سوسائٽي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

DIAMOND HOTEL
I Love Pakistan
MDCAT
CEREMONY FOR POSITION HOLDERS

مٺي: شاگردن جي مان ۾ منعقد ڪيل تقريب کي شام سندر خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ شاهين فورس ۽ ڌورن ۾ مقابلو، 3 مبينا ڌوهاري مارجي ويا، هڪ اهلڪار زخمي

نارٿ ناظم آباد ۾ ڊي سي آفيس جي ويجهو تيموريا شاهين فورس جي اهلڪارن ۽ ڌورو وچ ۾ مقابلو ٿيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻئي ڌورو مارجي ويا. جوابدارن جي قبضي مان ٻه پستول ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ

عظيم پورا پل ويجهو پوليس ۽ ڌورن وچ ۾ مقابلي دوران هڪ ڌورو مارجي ويو، پوليس جو سپاهي ياسين زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ناظم آباد ۾ ڊي سي آفيس جي ويجهو تيموريا شاهين فورس جي اهلڪارن ۽ ڌورو وچ ۾ مقابلو ٿي پيو نغم چورنگي جي ويجهو شاهين فورس جي اهلڪارن موٽرسائيڪل تي سوار ڌورن کي بيهڻ جو اشارو ڏنو بيهڻ بدران ملازمن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني ۽ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي شاهين فورس جي اهلڪارن ملازمن جو تعاقب ڪيو جيڪي سخي حسن کان ڊي سي آفيس ڏانهن ويندڙ روڊ تي فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران فائرنگ ڪندا رهيا. ڪافي دير تائين

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ٻيلي کاتي جي زمينن تان وڻن جي واڍي ۽ قبضن جو سلسلو جاري بند نه ٿيو

جروار، جهانپور، سرحد، حيات پتافي ۽ وسير ٻيلن سميت ٻين ٻيلن مان سرعام وڻن جي واڍي جاري

شهرين ۽ سماجي اڳواڻن ڊي ايف او فاريسٽ گهوٽڪي جي فوري تبديلي ۽ قبضن ختم ڪرائڻ جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ٻيلي کاتي گهوٽڪي ضلعي جي ڪامورن پاران ٻيلن مان ڪروڙين روپين جي قيمتي وڻن جي واڍي جو سلسلو بدستور جاري ٻيلي کاتي جي هزارين ايڪڙ زمين تي بااثر ماڻهن جي قبضي جا الزام درياهه جي ڪين واري زمين به قبضي هيٺ اچڻ سبب صورتحال ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي مختلف ماڻهن جو روزاني بنياد تي پٽو مقرر هجڻ جو انڪشاف تفصيل موجب چيف ڪنزرويٽر فاريسٽ سکر ڊويزن ۽ ڊي ايف او

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مورو: ٻڏي فوت ٿيل نينگر جي حياتي جي تصوير

گمبٽ لڳ ڳوٺاڻن جو پوليس چڙهائي ۽ عورتن تي تشدد خلاف احتجاج

سومر ٻهليم ڳوٺ تي بااثر وڏيرن جي ونگار تي پوليس چڙهائي ڪئي: مظاهرين

پوليس اهلڪارن گهرن ۾ گهڙي عورتن تي وحشياڻو تشدد ڪيو، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

گمبٽ(ت ر) گمبٽ ويجهو سومر ٻهليم ڳوٺ تي بااثر وڏيرن جي ونگار تي پوليس چڙهائي ڪئي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته محبوب ڪلهوڙو نالي اهلڪار جي اڳواڻي ۾ پوليس گهرن ۾ گهڙي پئي ۽ چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو. ڳوٺاڻن نياز ٻهليم ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪارن گهرن ۾ گهڙي عورتن تي وحشياڻو تشدد ڪيو جنهن بعد سڄي ڳوٺ جون عورتون ڌرنا ڪٽي ٻاهر نڪري آيون ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي. پوليس فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. ڳوٺاڻن جو وڏي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ شهر ۾ جمعيت علماءِ اسلام پاران "پيغام امن ڪانفرنس"

ڇا ملڪ مان بيروزگاري ۽ بدامني ختم ٿي وئي آهي،جو نوان صوبا ٺاهڻ جو رينگٽ پيا ڪيو:راشد سومرو

حضرت قلندر لعل شهباز جي نگري مان اهو وچن ڪيان ٿو ته سنڌ کي پيار امن محبت ۽ ڀائپي جي ڌرتي بڻائينداسين

سنڌ جي مظلوم ماڻهن کي حق سندن دهليز تائين پهچائي ڏينداسين ۽ ڪين عوام دشمن ظالم حڪمرانن مان ڪين نجات ڏيارينداسين

گذريل اليڪشن ۾ لاڙڪاڻي جي عوام بلاول ڀٽو کي مسترد ڪيو هو پر ڌانڌلي ڪري لاڙڪاڻو پيپلزپارٽي کي ڏنو ويو

منهنجي شهيد والد خالد محمود سومري اسيمبلي ۾ به ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي هئي ۽ اسان ڪئنالن جي مخالفت ڪيون پيا

ميرپورخاص حيدرآباد سميت تعليمي بورڊن ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جون مارڪون وڌائڻ لاءِ 10 ارب روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي

سيوهڻ(ن ع)جميعت علماءِ اسلام پاران ڪالهه سيوهڻ شهر ۾ "پيغام امن ڪانفرنس" منعقد جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾جي يو آئي سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جي يو آئي جي اڳواڻ راشد محمود سومرو چيو ته اڄ مان سنڌ ڌرتي جي عظيم علمي روحاني شخصيت حضرت محمد عثمان مروندي قلندر لعل شهباز جي نگري مان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ سني علماءِ ڪائونسل جي تحفظ حرمين شريفين ۽ استحڪام پاڪستان ريلي

ڪنڌڪوٽ (ذ ر) سني علماءِ ڪائونسل ضلع ڪشمور پاران ڪنڌڪوٽ ۾ تحفظ حرمين شريفين ۽ استحڪام پاڪستان ريلي سني علماءِ ڪائونسل ضلع ڪشمور جي طرفان اڄ ڪنڌڪوٽ ۾ تحفظ حرمين شريفين و استحڪام پاڪستان جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جيڪا نيشنل بئنڪ ڪنڌڪوٽ کان گهنٽاگهر چونڪ تائين ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي قائد ڪشمور مولانا محمد شاهمور حيدري، قاري عبدالوهاب فاروقي، مولانا فيض محمد عثماني مولانا اللهداد فاروقي مولانا زاهد حسين حيدري ۽ شيراز احمد حيدري ضمير احمد حيدري حافظ قربان علي حيدري ڪليم الله حيدري ڪئي. اڳوا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

WORLD FOOD DAY 2026
SPECIAL EVENT: INAUGURATION OF BIONUTRIX MAGAZINE

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف بايو ڪيمسٽري طرفان خوراڪ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد تقريب جو ڏيک

مورو پرسان پورهيت مٿان لٺين سان حملو، زخمي حالت ۾ احتجاج

اسلم ۽ عمران لغاري دڪان تي حملو ڪري مون کي زخمي ڪيو: راهب لغاري

ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ڊي ايس پي مورو حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪري انصاف ڪن

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ لغاري بجراڻي جي رهواسي پورهيت موٽر سائيڪلن جي مستري راهب لغاري جي گهر واري ڪن ٻارن جي ماءُ مسمات صدوري جيڪا ناراض ٿي گهران نڪري وئي هئي سندس جي اهڙي شڪايت ڪرڻ بعد سندس ڏال جي پاڻن اسلم لغاري، عمران لغاري جو سندس مٿان حملو ڪري ڪيس زخمي ڪري وڌو زخمي ٿيل پورهيت مورو پريس ڪلب ۾ دانهيندي ٻڌايو ته منهنجي ٻن سالن ڳجيرو روڊ دوڪان تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا شادي شده عورت سميرا زال حسن گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

گمبٽ تعلقه بار ايسوسيئيشن پاران ترقي ماڻيندڙ ججن جي مان ۾ الوداعي تقريب

اصغر علي تنويري کي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ۽ شفقت حسين کي سينئر سول جج طور ترقي ماڻڻ تي خراج تحسين

گمبٽ تڪڙي انصاف ۽ ڪيسن جي جلد اڪلاءَ جي حوالي سان قومي سطح تي نالو ڪمايو آهي:مقرر

گمبٽ (ت ر) گمبٽ تعلقه بار ايسوسيئيشن گمبٽ پاران جج اصغر علي تنويري، سينئر سول جج کان ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج طور ترقي ماڻيندڙ شفقت حسين سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ کان سينئر سول جج طور ترقي ماڻيندڙ جي مان ۾ الوداعي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج محمد علي رڪ بطور مهمان خاص شرڪت ڪئي هن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور عدالت منشيات جي ڪيس ۾ جوابدار کي 14 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

خيرپور(ذ ر) خيرپور جي سيشن جج ۽ اسپيشل نارڪوٽڪس جي جج انعام علي ڪلهوڙو جي عدالت منشيات جي ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي هڪ جوابدار کي 14 سال قيد ۽ 5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ٻئي جوابدار شمن عرف خميسي کي بري ڪري ڇڏيو جوابدار محمد يحيٰ چنو خلاف ڪنڊومستي ٿاڻي تي ڪرائم نمبر 57/2026، قلم 9- Dتحت ڪيس داخل هو ڪيس ۾ 3 من ڀنگ هٿ اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي اسپيشل ڪورٽ خيرپور 22 آڪٽوبر 2026 ع تي فيصلو ٻڌائيندي محمد يحيٰ چنو کي سزا ۽ پنج

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مٺي: سينيٽر پونجو مل ڀيل روڊ حادثي جي فوتين جي وارثن ۽ زخمين ۾ امدادي چيڪ ورهائي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽار ٽار حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 4 ڄڻا فوت، 7 زخمي

جيڪسن مجيد ڪالوني ۾ گهر اندر کاڌو پچائيندي باهه لڳڻ سبب روبينا زال وزير گل سڙي فوت ٿي

سائيٽ سپر هاءِ وي ويجهو جهنگ مان ڪيترائي ڏينهن پراڻو نامعلوم شخص جو لاش مليو

منگهوپير ۾ ٽريلر جي ٽڪر ۾ ڪنڊيڪٽر ايوب خان چيپاٽجي فوت، رنڇو لائن مان نامعلوم شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽار ٽار حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 4 ڄڻا فوت، جڏهن ته 7 ڄڻا ٻيا زخمي ٿي پيا. ڪالهه جيڪسن ٿاڻي جي حد مجيد ڪالوني۾ واقع الهي مسجد جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي جي راڻوتي ڪچي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو 3 روزه اسپورٽس فيسٽيول جو افتتاح

ڪمشنر سکر، ڊي سي گهوٽڪي، ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي ۽ پ پ اڳواڻن جي شرڪت

صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آئي پاران ميڊيڪل ڪيمپون ۽ ٻارن لاءِ جهولا ۽ اسٽال قائم ڪيا ويا

ٻنگل خان مهر رونتي واسين کي 50 سولر پليٽون ۽ 50 سولر لائيٽون فراهم ڪرڻ جو اعلان

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ضلعي انتظاميه ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي پاران راڻوتي ڪچي ۾ پهرين شهيد محترمه بينظير ڀٽو 3 روزه اسپورٽس فيسٽيول جي رنگا رنگ افتتاحي تقريبن منعقد ڪئي وئي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد، سيڪٽر ڪمانڊر رينجرز سکر برگيڊيئر نويد عباس ، ڊي آئي جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ ايس ايس پي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور عدالت منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 7 سال قيد ۽ هڪ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

خيرپور(ذر) خيرپور ۾ منشيات ڪيس جو فيصلو جوابدار کي 7 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا.خيرپور جي عدالت منشيات ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي جوابدار عبدالمجيد اڄڻ کي 7 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪراچي يونيورسٽي ۽ چين جي وچ ۾ مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي ۽ تحقيق تي اتفاق

تجويز ڪيل پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر سيڪيورٽي ۽ پاڪستان-چين ميوزيم جو قيام

ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جو نومبر 2026ع ۾ چين جو دورو، جتي ممتاز يونيورسٽين سان تحقيقي ۽ تعليمي ڀائيواري جي امڪانن جو جائزو ورتو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي چين جي قونصل جنرل فينگ دي پينگ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ اعليٰ تعليم سائنسي تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي، جدت پسندي، ثقافتي تبادلن ۽ اداره جاتي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.